سال (18) جمعو 21 نومبر 2025ع 29 جمادي الاول 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (61)

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت حيدرآباد

68 Years 1958 - 2025

Regd: NO-2430-B

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (94) جمعو 21 نومبر 2025ع 29 جمادي الاول 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (98)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پاڪستان ۾ هر سطح تي بدعنواني آهي، طاقتور حلقن معاشي پاليسين يرغمال بڻائي ورتيون آهن: آءِ ايم ايف

پاڪستان ۾ حڪومت جي هر درجي تي بدعنواني جا خطرا موجود آهن، سپني ڪان وڏيڪ نقصان ڏيندڙ ڪرپشن اها آهي جيڪا طاقتور ۽ مراعتون ماڻيندڙ حلقا اهم معاشي شعبن تي اثر انداز ٿي ڪن ٿا

پاڪستان ۾ بدعنواني جي حقيقي مقدار جاچ ڪرڻ جو ڪوبه پروسي جوڳو طريقو موجود نه آهي پر نيب طرفان صرف 2 سالن ۾ 5300 ارب روپين جي ريڪوريز انهي معاملي جا اهم اشارا آهن

ناڻي واري وزارت اها رپورٽ ٽن مهينن جي دير ڪان پوءِ آءِ ايم ايف جي شرط تي جاري ڪئي آهي ته جيئن ايگزيڪيوٽو بورڊ جي ايندڙ اجلاس ۾ 1.2 ارب ڊالرز جي ٻن قسطن جي منظوري ڏئي سگهجي

بدعنواني ملڪ جي معاشي سماجي ترقي جي سپني ڪان وڏي رڪاوٽ بڻيل آهي جيڪا سرڪاري رقم جي ضايع، مارڪيٽ جي بگاڙ غير منصفاڻي ورڇ عوامي پروسي ۾ گهٽتائي ۽ سرمائيڪاري ۾ رنڊڪ جو سبب بڻيل آهي

عوام، عدليه ڪي ملڪ جي سپني ڪان وڌيڪ بدعنوان ادارن ۾ شمار ڪري ٿو ۽ عدالتي نظام ۾ عدم شفافيت، ڪمزور ڪارڪردگي ۽ نااهلي انصاف جي فراهمي ڪي متاثر ڪري ٿي

عدالتي آفيسرن جي ڪارڪردگي ۽ اخلاقي معيار جي نگراني جو نظام مضبوط بڻايو ويندو، جيڪڏهن شفاف اصول نه اختيار ڪيا ويا ته عدليه جي آزادي تي خدشا وڌي سگهن ٿا، ججز جي مقرري لاءِ واضح، شفاف ۽ ميرٽ تي ٻڌل معيار واضح ڪيو وڃي

ٽيڪس نظام، جي ڏکيائين، سرڪاري خرچن، ماليياتي انتظام، ۾ ڪمزوريون، پبلڪ پروڪيورمينٽ ۽ رياستي ادارن جي نگراني جي کوٽ ملڪ ۾ بدعنواني جا وڏا سبب آهن، رپورٽ موجب بدعنواني نه صرف عوامي خدمتن کي متاثر ڪري رهي آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ(آءِ ايم ايف) پنهنجي 186 صفحن تي ٻڌل سخت رپورٽ ۾ چاتايو آهي ته پاڪستان ۾ حڪومت جي هر درجي تي بدعنواني جا خطرا موجود آهن سپني ڪان وڌيڪ نقصان ڏيندڙ ڪرپشن اها آهي جيڪا طاقتور ۽ مراعتون ماڻيندڙ حلقا اهم معاشي شعبن تي اثر انداز ٿي ڪن ٿا، جن ۾ رياستي ملڪيتن يا رياستي سرپرستي يافته ادارا به شامل آهن رپورٽ موجب پاڪستان ۾ بدعنواني جي حقيقي مقدار جاچ ڪرڻ جو ڪوبه پروسي جوڳو طريقو موجود نه آهي پر قومي احتساب بيورو(نيب) بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسان جنگ ۾ ڀارت کي گوڏن ڀر ڪيرايو، ڪشميرين کي سنڌن خودمختياري جو حق هر صورت ۾ ڏيارينداسين: وزيراعظم

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پڻ ٻار ٻار ڀارتي جهاز ڪيرائڻ جو ذڪر ڪري ٿو، پاڪستان کي جيڪا عزت اڄ ملي آهي اها اسان جي بهادر جوانن ۽ شاهينن جي بهترين ڪارڪردگي جي ڪري ملي آهي: شهباز شريف

چئن ڏينهن واري جنگ ڪانپوءِ ڀارتي فوج گوڏن ڀر اچي وئي، ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام کي انهن جو حق ملڻ تائين پاڪستان ڪشميرين جي اخلاقي، سياسي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو

پاڪ فوج ڀارت تي الفتح ميزائيل هڻي چار ڏينهن ۾ ان کي ڪنڌ ڀر ڪيرائڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ سياسي ۽ عسڪري قيادت جي مشاورت اسان بنا ڪنهن خوف جي فيصلا ڪيا

پاڪ فوج جي دليري سبب پاڪستان جو دنيا ۾ وقار بلند ٿيو، پاڪستان جي عسڪري ۽ جنگي صلاحيتن کي مڃرائڻ ڪانپوءِ معاشي ميدان ۾ به فتوحات جو دائرو وڌايو ويندو، حڪومت ڏينهن رات محنت ڪري پئي

ڀارت غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير ۾ 8 لک فوج مقرر ڪري اتان جي عوام جون زندگيون زهر ڪري ڇڏيون آهن، اسان پاڪ فوج جي جوانن جي جرئت ۽ بهادري جي ڪري شڪ جي نندا سمهون ٿا

باغ (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان جي فتوحات جو دائرو معاشي ميدان تائين وڌائڻ جي عزم جو اظهار ڪندي چيو آهي ته چئن ڏينهن واري جنگ ڪانپوءِ ڀارتي فوج گوڏن ڀر اچي وئي، ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام کي انهن جو حق ملڻ تائين پاڪستان ڪشميرين جي اخلاقي، سياسي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

باغ: وزيراعظم شهباز شريف آزاد ڪشمير ۾ دانش اسڪول جي پيڙهه جو پٿر رکڻ واري تقريب ۾ افتتاح ڪري رهيو آهي

ڏکڻ پنجاب کي رڳو ٽالي جو صوبو نه پر جدا اسيمبلي، وزيراعليٰ ۽ گورنر ڏيڻ گهرجي: وقتي صدر

ملتان 5 هزار سال قديم شهر آهي جتي ڀائيچاري، امن ۽ انسانيت جي خدمت جون روايتون اڄ به قائم آهن: سيد يوسف رضا گيلاني

بي آءِ ايس پي لکين عورتن کي سڃاڻپ، مالي تحفظ ۽ بااختيار بڻايو اڄ اهي عورتون پنهنجي خاندانن جي ڪفالت ڪري رهيون آهن

ڏکڻ پنجاب لاءِ 34 سيڪٽر (پي ايس ڊي پي) بجيٽ رکي وئي جنهن تحت يونيورسٽيون، ڪاليجن، ڊيمن ۽ بيا ترقياتي منصوبا مڪمل ٿيا

ملتان (اي پي پي) وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته ملتان 5 هزار سال قديم شهر آهي جتي ڀائيچاري، امن ۽ انسانيت جي خدمت جون روايتون اڄ به بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان هائوسنگ اينڊ ورڪس واري وفاقي وزير رياض حسين پيرزاده جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان هائوسنگ اينڊ ورڪس بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير عون چوڌري وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري رهيو آهي

وزيراعظم پاران مهمند، لڪي مروت ۽ ٽانڪ ۾ فتنه الخوارج خلاف ڪامياب آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز جي آفيسرن ۽ جوانن کي شاباس

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

وقت سر ۽ اثرائتا عدالتي فيصلا نه رڳو آئيني فرض پر اخلاقي ذميداري به آهن: چيف جسٽس

دالتي سڏارن جي بقايا ڪمن کي تيز ڪيو وڃي ۽ عوامي اعتماد قائم رکڻ لاءِ شفافيت، مالي نظم و ضبط ۽ معيار کي يقيني بڻايو وڃي

چيف جسٽس جو ڪيسز جي ورڇ، رڪارڊ جي ڊجيٽلائيزيشن، آءِ ٽي انٽيگريشن، عوامي سهولتن ۽ آڊٽ مڪينزم جي قدمن تي اطمينان

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي چيف جسٽس جسٽس يحيٰ آفريدي چيو آهي ته وقت سر ۽ مؤثر عدالتي فيصلا نه صرف آئيني فرض پر اخلاقي ذميداري به آهن هن سمورن ڪاتن بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران پي آءِ اي جي نجڪاري جا سمورا مرحلا شفاف طريقي سان مڪمل ڪرڻ جي هدايت

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائينز (پي آءِ اي) جي معاملن تي اهم اجلاس وزيراعظم هائوس ۾ ٿيو

پي آءِ اي جي نجڪاري بابت 4 پارٽيز کي بريف – ڪواليفائي ڪيو ويو آهي، جلد ئي پي آءِ اي جي نجڪاري جي حوالي سان بولنگ ٿيندي

بزنس پلان تحت 2029ع تائين پي آءِ اي جي سروسز 40 کان وڌيڪ شهرن تائين وڌائي وينديون: وزيراعظم کي بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف قومي ايئرلائين جي نجڪاري جي حوالي سان سمورا مرحلا تيز رفتاري ۽ شفاف طريقي سان مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

وفاقي آئيني عدالت جي چيف جسٽس جسٽس امين الدين خان نئين رڪارڊ روم جي قيام لاءِ رڪيل جاءِ جو دورو ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت جي چيف جسٽس جسٽس امين الدين خان بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڊيره اسماعيل خان ۾ بڪتربند گاڏي ڀرِ ڌماڪو، 2 اهلڪار شهيد، 4 زخمي

دهشتگردن پوليس چوڪي ٽڪواڙه جي بڪتربند گاڏي ڀرِ ڌماڪيدار مادي سان حملو ڪيو

ڌماڪي سبب 2 اهلڪار سپاهي سيف الرحمان ۽ ڊرائيور رمضان شهيد ٿي ويا، 4 جوان زخمي

ڊيره اسماعيل خان (اي پي پي) ڊيره اسماعيل خان ۾ پوليس چوڪي ٽڪواڙه جي بڪتربند گاڏي ڀرِ ڌماڪيدار مادي جي ڌماڪي ۾ 2 اهلڪار شهيد ۽ 4 زخمي ٿي پيا. پوليس چوڪي ٽڪواڙه جي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ايشيائي ترقياتي بينڪ پاڪستان لاءِ 33 ڪروڙ ڊالر قرض جي منظوري ڏئي ڇڏي

پاور ٽرانسميشن اسٽرينٿننگ پراجيڪٽ جي لاءِ 33 ڪروڙ ڊالر جي گڏيل قرض جي منظوري ڏني وئي

اهو منصوبو پاڪستان جي حڪومت جي ترجيحي سرمائيڪارين ۾ شامل آهي: ايشيائي ترقياتي بينڪ

اسلام آباد (م ڊ) ايشيائي ترقياتي بينڪ (اي ڊي بي) پاڪستان جي بجلي پاور ٽرانسميشن اسٽرينٿننگ پراجيڪٽ جي لاءِ 33 ڪروڙ ڊالر جي گڏيل قرض جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي اي ڊي بي موجب اهو بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

بنگلاديش ۾ نگران حڪومت جو نظام بحال

سپريم ڪورٽ جي اپيلٽ ڊويزن هڪ نئين فيصلي ذريعي اهڙو اعلان ڪيو

فيصلي ۾ نگران حڪومت جي نظام جي مرحليوار لاڳو ٿيڻ جي وضاحت ڪئي وئي

ڍاڪا (اي پي پي) بنگلاديش جي سپريم ڪورٽ ملڪ ۾ نگران حڪومت جو نظام بحال ڪري ڇڏيو ۽ ان تي عملدرآمد جي ٽائيم لائين به طئي ڪري ڇڏي آهي پرڏيهي ميڊيا موجب سپريم ڪورٽ جي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير سان ايشيائي ترقياتي بينڪ جي وفد جي ملاقات، اسڪيمن بابت جاچ ڏني

ڪوسٽل ڊيولپمينٽ پروجيڪٽ منظوري جي آخري مرحلي ۾ آهي، 75 ملين ڊالر جا ڇهه نوان منصوبا پڻ پائيپ لائين ۾ آهن: ڪنٽري ڊائريڪٽر

ڪراچي بي آر ٽي ريڊ لائين پروجيڪٽ، شهري ٽرانسپورٽ ۽ سڌارل انفراسٽرڪچر جي جديدڪاري جي پروگرامن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

وڏي وزير جي هدايتن تي بي آر ٽي ريڊ لائين جون سڀ رڪاوٽون ختم ٿي ويون آهن ۽ رڪيل ڪم ٻيهر شروع ٿي ويو آهي: شرجيل ميمڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ايشيا ترقياتي بينڪ (ADB)پاڪستان ريزيڊنٽ مشن جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ايمافين جي اڳواڻي ۾ ايندڙ وفد سان ملاقات دوران صوبي ۾ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

يوسف رضا گيلاني پاران ڊي آءِ خان ۾ پوليس جي بڪتربند گاڏي تي ٿيندڙ بم ڌماڪي جي مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني ڊي آءِ خان جي علائقي ڪلاچي ۾ پوليس جي بڪتربند گاڏي تي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

جماعت اسلام جو ملڪگير اجتماع اڄ لاهور ۾ شروع ٿيندو

اجتماع ۾ سڄي ملڪ مان قافلا شريڪ ٿيندا، جمع جي نماز بادشاهي مسجد ۾ پڙهندا

مرڪزي امير حافظ نعيم الرحمان بدل دو نظام تحريڪ جي لائحه عمل جو اعلان پڻ ڪندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي جو ملڪگير اجتماع اڄ کان مينار پاڪستان لاهور ۾ شروع ٿيندو صوبائي ترجمان بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه 27 هين نيشنل سيڪيورٽي ورڪشاپ ۾ آيل مهمانن کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي پريس ڪلب جي 639 نون ميمبرن کي پلاٽ ڏيڻ جي پي ايم سي ايمرجنسي ٽاور لاءِ 15 ملين ڊالر گرانٽ جي منظوري

ڪابينه هڪ ڪميونٽي هيلٿ ڪمپني جي قيام، سنڌ حڪومت ڪلاؤڊ جي قيام، 14 اينٽي نارڪوٽڪ ڪورٽن جي قيام جي منظوري پڻ ڏني

تجويز ڪيل ايمرجنسي ٽاور 722 بسترا ۽ 17 آپريٽنگ ٿيٽر مهيا ڪندو جيڪو موجوده ايمرجنسي ڊيپارٽمينٽ جي 224 بسترن ۽ 3 آپريٽنگ ٿيٽرن کان وڌيڪ آهن: وڏو وزير

پيپلز ڪميونٽي هيلٿ سروسز ڪمپني ڪميونٽي سطح جي صحت جي بحالي ۽ توسيع لاءِ غير منافع بخش ادارو هوندو ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام کي جديد بڻائيندو

ڪابينا گهرو کاتي جي تجويز کي منظور ڪيو ته 14 اينٽي-نارڪوٽڪس ڪورٽس کي اسپيشل ڪورٽس ۾ تبديل ڪيو وڃي ته جيئن منشيات وارا ڪيس تڪڙا نبيرجن

ڪراچي (رپورٽ : راهب گاهو/ مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪابينا اجلاس جي صدارت ڪندي نئين JPMC ايمرجنسي ٽاور لاءِ 15 ملين ڊالر گرانٽ، هڪ ڪميونٽي هيلٿ ڪمپني جي قيام سنڌ حڪومت ڪلاؤڊ جي قيام 14 اينٽي نارڪوٽڪ ڪورٽن جي قيام ۽ انتهاپسندي جي روڪٿام لاءِ سينٽر آف ايڪسيلنس قائم ڪرڻ جي منظوري ڏني بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت ۾ صوبائي ڪابينا جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

بنگلاديش پاران شيخ حسينه جي چڙ ڏياريندڙ انٽرويو تي ڀارتي سفير طلب

ڀارتي سفير آڏو شيخ حسينه طرفان ڀارتي ميڊيا کي ڏنل انٽرويو تي سخت احتجاج

ڍاڪا (اي پي پي) بنگلاديش جي پرڏيهي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ايئرپورٽ تي جعلي دستاويز تي سفر ڪندڙ مسافر آف لوڊ

جوابدار ريحان نقلي لائيسنس تي ترڪ ڊرائيور طور ويزا ورتي هئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي اميگريشن پاران ڪراچي ايئرپورٽ تي ڪارروائي ڪئي وئي جتي جعلي دستاويز بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

فيڊرل بي ايريا رحمان آباد ۾ باڻي نه ڏيڻ جي خلاف بزرگ رهواسي عدالت پهچي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ قانوني ڪرنسي مٽاسٽا ۾ ملوث هڪ ملزم گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊي جي ايف آءِ اي جي هدايتن تي غير قانوني ڪرنسي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

"منظم ڏوهن خلاف قومي حڪمت عملي" تي هڪ ڏينهن جو سيمينار

ڪراچي ڏوهن ۾ دهلي، ڪوالالمپور، ڍاڪا، تهران، پيرس ۽ واشنگٽن کان بهتر آهي: آءِ جي

2013 ۾ ڪراچي ورلڊ ڪرائم انڊيڪس ۾ ڇهين نمبر تي هو، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي گڏيل ڪوشش شهر ۾ امن قائم ڪرڻ

ڏوهن کي ختم ڪرڻ لاءِ سول سوسائٽي،تعليمي ادارن، ڪاروباري برادري، ميڊيا ۽ سڀني اسٽيڪ هولڊرز جي شموليت ضروري آهي

سنڌ واحد صوبو آهي جتي پوليس اسٽيشنن ۽ جاچ آفيسرن لاءِ سڌو سنئون بجيٽ مختص ڪئي وئي آهي: سيمينار کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ غلام نبي ميمڻ سنڌ پوليس ميوزيم ڪراچي ۾ منعقد ٿيندڙ "منظم بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ملتان: چرچ آف جيزس ڪرائيسٽ پاران اسپيشل ماڻهن لاءِ خاص ويل چيئرون ڏيڻ واري تقريب ۾ پرڏيهي ماهر ساڻن ڳالهائي رهيا آهن

مزار قائد ويجهو فائرنگ ۾ هڪ شخص قتل

مقتول جي سڃاڻپ اسپورٽس جو دڪان هلائيندڙ شبير جي نالي سان ٿي

ڪيس موٽرسائيڪل تي سوار ٻن جوابدارن نشانو بڻايو ۽ فرار ٿي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي جمشيد ڪوارٽر ٿاڻي جي حد نمائش چورنگي ويجهو اربع ۽ خميس جي وچ واري رات جو بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سيڪنڊري اسڪول گهگهر ۾ ڪمپيوٽر ۽ سائنس ليب جو افتتاح

اسڪول جي مرمت لاءِ ايم پي اي ساجد جوکيو پاران اڍائي لک رپيا ڏيڻ جو اعلان

برگيڊيئر عمران شيرازي پاران هڪ لک رپيا ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٻارڙن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي ايف ايف سي پاران سيڪنڊري اسڪول گهگهر ۾ ڪمپيوٽر ۽ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪرم ۾ ڪامياب آپريشن، ڀارتي حمايت يافته فتنه الخوارج جا 23 دهشتگرد مارجي ويا

خارجين جي موجودگي جي اطلاع تي سيڪيورٽي فورسز ٽارگيٽيڊ آپريشن ڪيو: آءِ ايس پي آر

ساڳئي علائقي ۾ هڪ ٻيو آپريشن ڪيو ويو، سيڪيورٽي فورسز هٿان وڌيڪ 11 دهشتگرد مارجي ويا

راولپنڊي (اي پي پي)سيڪيورٽي فورسز جي خيبرپختونخواهه جي ڪرم ضلعي ۾ ٻن ڪامياب آپريشنن ۾ ڀارتي حمايت يافته فتنه الخوارج جا 23 دهشتگرد مارجي ويا آهن پاڪ فوج جي سڌ سماءَ واري بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير پاران ڊيرا اسماعيل خان ۾ پوليس جي بڪتربند گاڏي ويجهو ڌماڪي جي مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي ڊيرا اسماعيل خان جي علائقي ۾ پوليس جي بڪتربند گاڏي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

چين جي وزيراعظم پاران ايندڙ جي – 20 سربراهي اجلاس ۾ جاپان جي هم منصب سان ملاقات نه ڪرڻ جو فيصلو

بيجنگ (اي پي پي) چين جي وزيراعظم ايندڙ جي – 20 سربراهي اجلاس ۾ جاپان بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

پارليامينٽ آئيني عدالت قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ملڪي وفاقي ڍانچي کي وڌيڪ مضبوط بڻايو: اعظم تارڙ

پارليامينٽ عوام جي چونڊيل نمائندن تي ٻڌل آهي ۽ ملڪ کي هلائڻ جو اختيار ان وٽ ئي هئڻ گهرجي: وفاقي وزير قانون

اعلي پايه جو صحافي صاحب بصيرت سياستدان جو مالڪ هو، عرفان صديقي جي قومي خدمتن ۽ فڪري جدوجهد کي هميشه ياد رکيو ويندو

اسلام آباد (اي پي پي)قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

زين شاهه جي قيادت ۾ وفد ڪراچي بار پهتو

ڪراچي بار جو 27هين آئيني ترميم خلاف موقف قابل تحسين آهي: زين شاهه

تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان غير آئيني ترميمن جي ڀرپور مزاحمت ڪندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان ملڪ ۾ اڄ 27هين آئيني ترميم خلاف ڪارو ڏينهن ملهائڻ جو اعلان ڪيو بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ايم ڪيو ايم سياسي پوائنٽ اسڪورنگ ڪري رهي آهي: سعديه جاويد

متحده وارا بلدياتي نظام تي تنقيد ڪرڻ بدران ان کي مضبوط ڪرڻ تي ڌيان ڏين

سنڌ جو بلدياتي نظام پاڪستان جو سڀ کان وڌيڪ بااختيار ۽ مضبوط نظام آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ايم ڪيو بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ميئر مرتضيٰ وهاب اليڪٽرڪ گاڏين لاءِ چارجنگ اسٽيشن جو افتتاح ڪندي

خيرپور پرسان الرا-جتوئي تڪرار ٻيهر ڪر کنيو، فائرنگ، 4 ڄڻا قتل، واٽهڙو سميت 4 زخمي

جتوئي برادري جي هٿياربندن الرا برادري جي زمين تي ويل ماڻهن مٿان حملو ڪري فائرنگ ڪري ڏني

بنهي ڌرين جي هڪٻئي تي فائرنگ، نتيجي ۾ الرا برادري جا ماجد، گلو ۽ ڏٽي بخش مارجي ويا، جتوئي برادري جو اعظم جتوئي قتل

گوليون لڳڻ سبب نسيم، رحيم، رحيم الرو ۽ زمين تي ڪم ڪندڙ واٽهڙو اسحاق اوڊ زخمي ٿي پيا

4 ڪلاڪن بعد ايس ايس پي خيرپور پوليس نفري سان ڪري فائرنگ بند ڪرائي زخمين ۽ مارجي ويلن جا لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيا

خيرپور (رپورٽ :- عبدالمجيد پنهور) خوني تڪرار هڪ ڀيرو ٻيهر تيز. ڌرين جي خيرپور پرسان الرا ۽ جتوئي برادري ۾ هلندڙ هٿياربندن جو هڪ ٻئي مٿان چڙهائي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

زمين تي پوکائي دوران جتوئي برادري جي ماڻهن حملو ڪيو: غلام عباس الرو

فائرنگ ۾ گوليون هڻي اسان جي ٽن ماڻهن کي قتل ۽ ٽن کي زخمي ڪيو آهي

خيرپور (ڊ ر) الرا برادري جي چڱي مڙس غلام عباس الرو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته اسان ڪڇي واري علائقي ۾ پنهنجي زمين بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

الرا جتوئي تڪرار سبب ٻنهي ڌرين جا 7 ماڻهو قتل ٿي چڪا

خيرپور: الرا جتوئي تڪرار سبب ٻيهي ڌرين بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

خيرپور: نامعلوم چور پاڪ ترڪ اسڪول جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي گهر مان نون، آمريڪي ڊالر ۽ ٻيو سامان ڪڻي فرار

خيرپور (ڊ ر) خيرپور جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد هائوسنگ سوسائٽي ۾ نامعلوم چور پاڪ ترڪ اسڪول جي اسسٽنٽ بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ايس ايس پي خيرپور وڌيڪ خونريزي کي روڪڻ لاءِ 20 کان وڌيڪ پوليس پڪتون قائم ڪري ڇڏيون

خيرپور (ڊ ر) خيرپور: ايس ايس پي خيرپور حسن سردار نيازي وڌيڪ خونريزي کي روڪڻ لاءِ ڪچي واري علائقي ۾ 20 کان وڌيڪ پوليس پڪتون قائم ڪري ڇڏيون بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 وزيراعظم

دانش اسڪولز مان فارغ ٿيندڙ عام خاندانن جا شاگردن ۽ شاگرديائيون به انجنيئرز، ڊاڪٽرز بڻجي ملڪ جو نالو روشن ڪري رهيا آهن. انهن خيالن جو اظهار هن ڪالهه خميس ڏينهن آزاد ڪشمير جي باغ ضلعي جي علائقي هاڙي گهل ۾ دانش اسڪول جي پيڙهه جو پٿر رکڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. ان موقعي تي آزاد ڪشمير جي وزيراعظم فيصل ممتاز راٺوڙ، وفاقي وزير انجنيئر امير مقام، احسن اقبال، وزيراعظم يوٿ پروگرام جي چيئرمين رانا مشهود احمد خان، ڪانسواءِ معززين ۽ علائقي واسين جو وڏو انگ پڻ موجود هو. وزيراعظم چيو ته باغ ۾ باغ دانش اسڪول جي پيڙهه جو پٿر رکندي انتهائي خوشي محسوس ٿي رهي آهي. هي اها دانشگاهه آهي جنهن جو سفر اسان پنجاب کان شروع ڪيو هو. اڄ پوري پاڪستان ۾ اهي دانشگاهون ڏينهن رات تعمير ۽ ترقي جي ذريعي وڌي ويجهي رهيون آهن. پيمير ۾ دانش اسڪول جو 35 سيڪڙو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي جڏهن ته تعليم کاتي کي باغ جي دانش اسڪول کي 23 مارچ 2026ع تي افتتاح ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. دانش اسڪول جو دائرو واديءَ نيلم تائين ڦهلايو ويندو. وزيراعظم چيو ته آزاد ڪشمير جي نئين چونڊيل وزيراعظم فارورڊ کهوٽه ۾ دانش اسڪول قائم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. سندس خواهش تي فارورڊ کهوٽا جي لاءِ تحفي طور دانش اسڪول جو اعلان ڪريان ٿو. وزيراعظم چيو ته دانش اسڪول پاڪستان جي ناليواري تعليمي ادارن جي برابر آهن. دانش اسڪولن ۾ غريبن جا ٻار بهترين تعليمي سهولتون حاصل ڪري رهيا آهن. ميرٽ تي مفت ۽ بهترين تعليم ڏني پئي وڃي. وزيراعظم چيو ته دانش اسڪولن جو جيڪو خواب ڏٺو هو ان جي تڪميل جو وقت اچي ويو آهي. عوام کي اهڙين تعليمي سهولتن جي فراهمي علامه اقبال ۽ قائداعظم جو ويزن هو. دانش اسڪولن ۾ پڙهندڙ ٻار پاڪستان جو نالو روشن ڪندا ۽ ان کي عظيم ملڪ بڻائيندا. وزيراعظم چيو ته دانش اسڪولن مان غريب ۽ يتيم ٻارن کي پڻ انجنيئر ڊاڪٽر بڻجڻ جو موقعو ملي ۽ ڪيمبرج جهڙن ادارن ۾ به اهي ٻار پهچي اعليٰ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪندا. وزيراعظم آمريڪي ڪانگريس جي تازي رپورٽ جي آجيان ڪئي جنهن پاڪ ڀارت جنگ ۾ پاڪستان پاران ڀارت کي زوردار ٿپڙ هڻڻ جي تصديق ٿيو هئي چڙهيو آهي. وزيراعظم چيو ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پڻ بار بار ڀارتي جهاز ڪيرائڻ جو ذڪر ڪري ٿو. پاڪستان کي جيڪا عزت اڄ ملي آهي اها اسان جي بهادر جوانن ۽ شاهينن جي بهترين ڪارڪردگي جي ڪري ملي آهي. اسان جي هٿيارٻند فوج ڀارت تي الفتح ميزائيل هڻي چار ڏينهن ۾ ان کي ڪنڌ ڀر ڪيرائڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ سياسي ۽ عسڪري قيادت جي مشاورت اسان بنا ڪنهن خوف جي فيصلا ڪيا. وزيراعظم چيو ته پاڪ فوج جي دليري ۽ فتوحات جي ڪري پاڪستان جو دنيا ۾ وقار بلند ٿيو. وزيراعظم چيو ته پاڪستان جي عسڪري ۽ جنگي صلاحيتن کي معجزاتي ڪاميابيءَ معاشي ميدان ۾ به فتوحات جو دائرو وڌايو ويندو جنهن جي لاءِ حڪومت ڏينهن رات محنت ڪري رهي آهي. جيڪي قومون معاشي طور تي ترقي نه ٿيون ڪن اهي ڪامياب ناهن ٿينديون. وزيراعظم چيو ته هڪ ڏينهن ايندو ته ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام کي انهن جو حق ملندو ۽ انهن جا ٻار به دانش اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪندا. هن پاڪستان ۽ آزاد ڪشمير جي قيادت تي ٻڌل ڪميٽي جي فيصلن تي عملدرآمد جو يقين ڏياريندي چيو ته آزاد جو وزيراعظم گورننس جو مثالي معيار قائم ڪري. آزاد ڪشمير جي عوام کي بهترين سهولتون فراهم ڪيون وڃن ان کان اڳ آزاد ڪشمير جي وزيراعظم فيصل ممتاز راٺوڙ دانش اسڪولن جو دائرو آزاد ڪشمير تائين وڌائڻ تي پاڪستان جي وزيراعظم جا ٿورا مڃيا. هن چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي آزاد ڪشمير سان وابستگي ڪنهن کان لڪل نه آهي. هن پاڪستان جي سفارتي ڪاميابين جو ذڪر ڪندي چيو ته اڄ پوري دنيا پاڪستان جي ڪاميابي جي معترف آهي. اسان کي پنهنجي هٿيارٻند فوج تي فخر آهي. ڀارت غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير ۾ 8 لک فوج مقرر ڪري اتان جي عوام جون زندگيون زهر ڪري ڇڏيون آهن. اسان پنهنجي هٿيارٻند فوج جي جوانن جي جرئت ۽ بهادري جي ڪري سڪ جي ننڊ سمهون ٿا. هن چيو ته پاڪستان حڪومت ڪشميرين جي بهترين ترجماني ڪري رهي آهي ۽ ڪشميرين کي انهن جي خودمختياري جو حق هر صورت ۾ ملندو. ڪشمير ۽ گلگت بلتستان معاملن واري وفاقي وزير امير مقام تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ڏهين شاگردن کي اهڙي موقعي جي ڳولا هئي ته وزيراعظم ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ دانش اسڪولن جي قيام جو خواب پورو ڪري رهيو آهي. دانش اسڪولن جي قيام جو اهو قدم تاريخ جو حصو بڻجندو. وزيراعظم ناممڪن کي ممڪن ڪري ڏيکاريو. توهان دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ وڃو پاڪستان کي عزت جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. منصوبابندي ۽ ترقي واري وفاقي وزير احسن اقبال چيو ته جنهن ويزن جي شروعات وزيراعظم محمد شهباز شريف خادم پنجاب جي حيثيت سان ڪئي هئي اڄ ان جي تڪميل ٿي رهي آهي. ان تعليمي درسگاهه جي ذريعي وزيراعظم ملڪ جي ٻارن جي لاءِ جيڪو خواب ڏٺو اهو حقيقت بڻجي پوري ملڪ ۾ پکڙجي چڪو آهي. وزيراعظم يوٿ پروگرام جي چيئرمين رانا مشهود احمد خان چيو ته مستحق ۽ هوشيار شاگردن جون زندگيون بدلائڻ جو خواب اڄ پورو ٿي رهيو آهي. دانش اسڪول پراجيڪٽ ٻارن جون زندگيون بدلائي رهيو آهي. شهباز شريف 2010ع ۾ پنجاب جي وڏي وزير طور پنجاب دانش اسڪول جو بنياد رکيو. پنجاب دانش اٿارٽي کي پاڪستان دانش اسڪول اٿارٽي بڻايو ويو آهي ۽ هاڙي گهل باغ ۾ دانش اسڪول بڻجڻ وڃي رهيو آهي.

بقايا 2 هدايت

ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائينز (پي آءِ اي) جي معاملن تي اهم اجلاس ڪالهه خميس ڏينهن وزيراعظم هائوس ۾ ٿيو. اجلاس ۾ دفاع واري وفاقي وزير خواجه محمد آصف، قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ، اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيمہ، ناڻي ۽ آمدني واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، وزيراعظم جي نجڪاري واري صلاحڪار محمد علي ۽ لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. وزيراعظم قومي ايئرلائين جي نجڪاري جي حوالي سان سمورا مرحلا تيز رفتاري ۽ شفاف طريقي سان مڪمل ڪرڻ، پي آءِ اي جي فليٽ ۾ اڏام جوڳي جهازن جو انگ وڌائڻ جي لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ، پي آءِ اي جي اڏامن جي وقت سر روانگي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس ۾ پي آءِ اي جي نجڪاري ۽ ان حوالي سان بزنس پلان تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته پي آءِ اي جي نجڪاري جي حوالي سان 4 پارٽيز کي پري – ڪواليفائي ڪيو ويو آهي. جلد ئي پي آءِ اي جي نجڪاري جي حوالي سان بڊنگ ٿيندي. پي آءِ اي جي 75 سيڪڙو شيئرز جي نجڪاري ٿيندي. نجڪاري جي حوالي سان اها شرط رکي وئي آهي ته نجڪاري ڪانپوءِ پي آءِ اي جو نالو ۽ ان جو ٿيم نه بدلايو ويندو. بزنس پلان تحت 2029ع ۾ پي آءِ اي فليٽ ۾ اڏام جوڳي جهازن جو انگ 18 مان وڌائي 38 ڪيو ويندو. وزيراعظم کي ٻڌايو ويو ته هن وقت قومي ايئرلائين 30 کان وڌيڪ شهرن ۾ سروس مهيا ڪري رهي آهي. بزنس پلان تحت 2029ع تائين پي آءِ اي جي سروسز 40 کان وڌيڪ شهرن تائين وڌائي ويندي.

بقايا 3 دورو ڪيو

ڪالهه جسٽس علي باقر نجفي ۽ جسٽس ارشد حسين سان گڏ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي اڱڻ ۾ قائم رڪارڊ روم جي قيام لاءِ رکيل جاءِ جو دورو ڪيو. وفاقي آئيني عدالت پاڪستان جي رجسٽرار طرفان جاري پڌرائيءَ موجب چيف جسٽس موقعي تي تجويز ڪيل انتظامن جو جائزو ورتو ۽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ موجود لاڳاپيل عدالتي رڪارڊ کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ قائم ٿيندڙ نئين رڪارڊ روم ۾ منتقل ڪرڻ جي باضابطه منظوري ڏني. هن ان موقعي تي عدالتي رڪارڊ جي محفوظ آرڪائيونگ ۽ مؤثر رسائيءَ کي جاري ۽ مستقبل جي عدالتي ڪمن لاءِ نهايت اهم قرار ڏنو. دوري دوران چيف جسٽس امين الدين خان ان هنڌ جو معائنو ڪيو جتي نئين ڊيسڪ قائم ڪئي پئي وڃي جيڪو نون ڪيسن جي داخلا، تصديق ٿيل نقلن جي درخواستن ۽ معلومات جي فراهميءَ لاءِ رکيو ويو آهي. چيف جسٽس انتظامن جو جائزو وٺڻ کانپوءِ ان ڊيسڪ کي فوري فعال ڪرڻ جي منظوري ڏني. اها ڊيسڪ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي آجياڻي واري هنڌ ويجهو اهڙيءَ طرح قائم ڪئي آهي ته وڪيل سائلين ۽ عام شهرين کي وڌ کان وڌ سهولت ميسر اچي سگهي. ان موقعي تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي عهديدارن چيف جسٽس سان ملاقات ڪئي ۽ ان انتظامي قدمن کي عدالتي سهولت ۽ ڪارڪردگيءَ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ سٺو سنوڻ قرار ڏنو ۽ بار طرفان چيف جسٽس کي گلدستو پڻ پيش ڪيو ويو.

بقايا 4 زخمي

بکتربند گاڏي کي نشانو بڻايو ويو. هٿالا گلوٽي روڊ تي ڪوٽي ملنگ ويجهو اڻڄاتل دهشتگردن ڌماڪيدار مادي ذريعي ڌماڪو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ جاني نقصان ٿيو. ڌماڪي سبب 2 اهلڪار سپاهي سيف الرحمان ۽ ڊرائيور رمضان شهيد ٿي ويا. جڏهن ته 4 اهلڪار محبوب عالم، ڪفايت، آصف رحمان ۽ شاهد زخمي ٿي پيا آهن. سمورن زخمي اهلڪارن کي فوري طور تي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. سيڪيورٽي فورسز علائقي کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو آهي ۽ جوابدارن جي ڳولا جاري آهي.

بقايا 5 چاڙ ڏني

ADBجي مدد سان هلندڙ ترقياتي منصوبن تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ۽ ٽرانسپورٽ، انفرااسٽرڪچر، شهري ترقي ۽ موسمياتي لچڪ سميت اهم شعبن ۾ مستقبل جي سهڪار تي ڳالهيون ڪيون. ملاقات جي شروعات ۾ ADB جي ڪنٽري هيڊ وڏي وزير کي آگاهي ڏني ته ڪوسٽل ڊيولپمينٽ پروجيڪٽ منظوري جي آخري مرحلي ۾ داخل ٿي چڪو آهي جڏهن ته صوبي جا ڇهه نوان منصوبا جن جي گڏيل قيمت 75 ملين ڊالر آهي پڻ پائيپ لائين ۾ آهن وڏي وزير سان سينئر وزير ٽرانسپورٽ شرجيل ميمڻ، وزير منصوبابندي ۽ ترقي جام خان شورو، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو سيڪريٽري رحيم شيخ، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم احمد شاهه، سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر موجود هئا. ايماقين سان گڏ ڊپٽي ڪنٽري ڊائريڪٽر اسد عليم، ڪنٽري پروگرامن آفيسر خيام سهيل عباسي، پروجيڪٽ آفيسر حامد خان ۽ عدنان علي پڻ موجود هئا. ملاقات دوران ڪراچي بي آر ٽي ريڊ لائن پروجيڪٽ، شهري ٽرانسپورٽ ۾ سڌارا، انفرااسٽرڪچر جي جديدڪاري ۽ موسمياتي خطري جي مقابلي لاءِ لچڪ وڌائڻ جي پروگرامن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. فنانسنگ جي ضرورتن، ادارا مضبوط ڪرڻ، منصوبن جي ڪارڪردگي ۽ اهم حصن جي مڪمل ٿيڻ واري ٽائيم لائن تي به بحث ٿيو. سينئر وزير ٽرانسپورٽ ۽ اطلاعات اجلاس کي ٻڌايو ته وڏي وزير جي هدايتن تي بي آر ٽي ريڊ لائن جون سڀ رڪاوٽون ختم ٿي ويون آهن ۽ رڪيل ڪم ٻيهر شروع ٿي ويو آهي. وڏي وزير مراد علي شاهه ADB وفد کي يقين ڏياريو ته صوبائي حڪومت منصوبا تيز رفتاري سان مڪمل ڪرڻ ۽ سڀني رڪاوٽن کي حل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. هن چيو سنڌ ADB کي هڪ ڊگهي عرصي کان معتبر ترقياتي ساٿي سمجهي ٿو اسان منصوبا وقت سر مڪمل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن سهڪار جاري رکون ٿا. شهري ٽرانسپورٽ، پاڻي، موسمياتي لچڪ ۽ انفرااسٽرڪچر وارا منصوبا ڪراچي سميت سڀني شهرن ۾ عوام جي زندگي بهتر بڻائڻ لاءِ انتهائي اهم آهن. ADB جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ايماقين سنڌ حڪومت جي دلچسپي ۽ مالڪي کي ساراهيو ۽ موجوده ۽ مستقبل جي منصوبن لاءِ تعاون جاري رکڻ جو وعدو ڪيو هن چيو حڪومت سنڌ ADB جي سهڪار واري پروگرامن جي سٺي ملڪيت ڏيکاري آهي. اسان اڄ ظاهر ڪيل عزم جي واکاڻ ڪريون ٿا ۽ شهري ٽرانسپورٽ، موسمياتي لچڪ ۽ جامع ترقي لاءِ گڏجي ڪم جاري رکڻ چاهيون ٿا. هن ڪارڪردگي بينچ مارڪس پورو ڪرڻ، ادارا مضبوط ڪرڻ خاص طور ٽرانس ڪراچي لاءِ جيڪو بي آر ٽي سسٽم جو اهم ذميوار ادارو آهي ۽ ڪميونٽي ۽ حفاظتي معاملن کي بروقت حل ڪرڻ تي زور ڏنو هن وڌيڪ چيو ته ڪارڪردگي بهتر ٿيڻ جي صورت ۾ ADB قرض وڌائڻ ۽ اضافي فنانسنگ تي غور ڪندو ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته صوبو رفتار برقرار رکي ته جيئن ترقياتي هدف طئي وقت اندر حاصل ڪري سگهن ٻنهي ڌرين اتفاق ڪيو ته فنانسنگ، منصوبن جي ري اسٽرڪچرنگ، ڪميونٽي شڪايتن جي ازالي، حفاظتي ضابطن جي پابندي ۽ عملدرآمد ڪندڙ ادارن جي صلاحيت وڌائڻ بابت ايندڙ مهينن ۾ ويجهو رابطو برقرار رکيو ويندو ملاقات جي پڄاڻي تي وڏي وزير ADB وفد جو شڪريو ادا ڪيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته گڏيل تعاون سان هي شراڪت وڌيڪ مضبوط ٿيندي.

بقايا 6 آءِ جي

ڏوهن خلاف قومي حڪمت عملي" تي هڪ ڏينهن جي سيمينار ۾ شرڪت ڪئي سيمينار گڏيل قومن جي آفيس آن ڊرگس اينڊ ڪرائم، حڪومت پاڪستان، برطانيه جي حڪومت ۽ سنڌ پوليس جي تعاون سان منعقد ڪيو ويو. پنجن سيشن دوران سيمينار ۾ آءِ جي انسپيڪٽر جنرل ايف پي سي سي آءِ، ڪي ٽي آءِ آباد ۽ ڪي سي سي آءِ جي نمائندن، سينئر صحافين، سماجي اڳواڻن، تعليمي ماهرن، محققن ۽ سول سوسائٽي جي ڪيترن ئي ماڻهن شرڪت ڪئي ۽ منظم ڏوهن جي مختلف پهلوئن تي پنهنجا خيال ظاهر ڪيا. هن مشاورتي اجلاس جو مکيه مقصد منظم ڏوهن خلاف سنڌ جي سول سوسائٽي، تعليمي ادارن ۽ ڪاروباري برادري ۾ اثرائتي آگاهي ۽ هڪ مربوط حڪمت عملي پيدا ڪرڻ هو. مقررين ڀتا خوري، زمين تي قبضي مافيا، عدم تحفظ جي خدشن، اسٽريٽ ڪرائم، گاڏين جي چوري، منشيات جي اسمگلنگ، پاڻي جي چوري ۽ ٻين ڏوهن کي منهن ڏيڻ ۾ سول سوسائٽي، نوجوانن، انساني حقن جي اڳواڻن ۽ تعليمي ماهرن جي ڪردار تي تفصيل سان بحث ڪيو. اڳوڻي آءِ جي سعود احمد افتتاحي خطاب ڪيو جڏهن ته اڳوڻي اسٽيٽ بينڪ گورنر ڊاڪٽر عشرت حسين، اڳوڻي ڊي جي فيڊرل انويسٽيگيشن طارق کوسا، سينئر صحافي خرم حسين ايف پي سي سي آءِ جي شوڪت پوپلزئي، جنيد تقي، ڪٽي، حسن بخش، آباد، جنيد الرحمان سي سي آءِ ڊي آءِ جي عمر شاهد، چيئرپرسن اورنگي پائلٽ پروجيڪٽ ڊاڪٽر عاقل اسماعيل، سينئر صحافي مظهر عباس، ايڊيشنل آءِ جي آزاد خان ۽ يو اين او ڊي سي جي بيت الله خان سيمينار جي ايجنڊا ۽ تجويزن تي مشتمل تقريرون ڪيون تقريب کي خطاب ڪندي آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ چيو ته پاڪستان ۾ منظم ڏوهن خلاف هڪ جامع قومي حڪمت عملي جي جوڙجڪ وقت جي ضرورت آهي اهڙن ڏوهن کي ختم ڪرڻ لاءِ سول سوسائٽي، تعليمي ادارن، ڪاروباري برادري، ميڊيا ۽ سڀني اسٽيڪ هولڊرز جي شموليت ضروري آهي 2013 ۾ ڪراچي ورلڊ ڪرائم انڊيڪس ۾ ڇهين نمبر تي هو جڏهن ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي گڏيل ڪوششن شهر ۾ امن قائم ڪرڻ ممڪن بڻايو اڄ ڪراچي ورلڊ ڪرائم انڊيڪس ۾ دهلي، ڪوالالمپور، ڍاڪا، تهران، پيرس ۽ واشنگٽن جهڙن شهرن کان بهتر درجه بندي تي آهي گذريل سال ڪراچي 128 هين نمبر تي هو جڏهن ته موجوده درجه بندي "19 پلس" جي سطح تي آهي آءِ جي سنڌ چيو ته سڀني اسٽيڪ هولڊر منظم ڏوهن جي خلاف هڪ پليٽ فارم تي متحد آهن ۽ ان حوالي سان سي پي ايل سي ۽ پوليس جو تعاون تمام گهڻو اثرائتو ثابت ٿيو آهي هن چيو ته اغوا جا واقعا تقريبن نه هجڻ برابر ٿي چڪا آهن ڀتا خوري خلاف اهم ڪاميابيون حاصل ڪيون ويون آهن انصاف حاصل ڪرڻ ۽ جوابدارن کي سزا ڏيڻ کي يقيني بڻائڻ لاءِ فوجداري انصاف جي نظام جي مضبوطي اهم آهي. آءِ جي سنڌ پوليس اسٽيشنن جي سطح تي جاري سڌارن جو ذڪر ڪندي چيو ته ثبوت گڏ ڪرڻ ۽ جاچ جي عمل کي وڌيڪ بهتر بڻايو پيو وڃي سنڌ واحد صوبو آهي جتي پوليس اسٽيشنن ۽ جاچ آفيسرن لاءِ سڌو سنئون بجيٽ مختص ڪئي وئي آهي صوبي جي 485 پوليس اسٽيشنن جو پنهنجو مستقل بجيٽ آهي هن ڊرائيونگ لائسنس برانچ جي جديديت، ٽريفڪ اي چالان ۽ "ٽريڪس" سسٽم جي شروعات کي سڌارن جي قدمن جي ڪامياب مثالن طور بيان ڪيو آءِ جي سنڌ چيو ته ٽريڪس هڪ ڪئميرا تي ٻڌل ٽيڪنالاجي آهي جيڪا خودڪار طريقي سان ٽريفڪ جي خلاف ورزين جي نگراني ڪندي ان کان پوءِ ٽريفڪ پوليس کي دستي چالان جاري ڪرڻ يا گاڏين جي چيڪ ڪرڻ جي اجازت نه هوندي هي قدم ٽريفڪ پوليس بابت مختلف شڪايتن ۽ منفي تاثرن کي گهٽائي ڇڏيندو ٽريڪس سسٽم ڪراچي ۾ شروع ڪيو ويو آهي ۽ جلد ئي سڄي صوبي ۾ وڌايو ويندو هن چيو ته ايس ايڇ او کي پوليس اسٽيشن جي بجيٽ استعمال ڪرڻ جو اختيار آهي جڏهن ته سڀ انسپيڪٽر جي عهدي جي آفيسر کي ايس ايڇ او مقرر ڪري سگهجي ٿو جنهن سان انتظامي معاملا وڌيڪ اثرائتا ٿيندا سيمينار جي آخر ۾ آءِ جي سنڌ چيو ته اهي سڌارا اسان کي وڌيڪ بهتري ڏانهن وٺڻ جي حوصلا افزائي ڪن ٿا ۽ سنڌ پوليس عوام جي تعاون سان امن، قانون جي حڪمراني ۽ منظم ڏوهن کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي.

بقايا 7 قتل

مزار قائد جي ري آءِ پي گيٽ ويجهو فائرنگ ۾ هڪ شخص قتل ٿي ويو جنهن جي سڃاڻپ 60 سالن جي شبير جي نالي سان ٿي پوليس جو چوڻ آهي ته مقتول اسپورٽس جي سامان جي دڪان جو مالڪ هو جنهن کي موٽرسائيڪل تي سوار ٻن جوابدارن نشانو بڻايو ۽ فرار ٿي ويا. پوليس موجب مقتول شبير قاسم سولجر بازار جو رهواسي هو ۽ نيو ٽائون ۾ هڪ دڪان تان گهر وڃي رهيو هو واقعي ۾ ڪا به ڦرلٽ نه ٿي جڏهن ته مقتول کان پرڏيهي ڪرنسي ۽ هڪ لک کان وڌيڪ رپيا به هٿ ڪيا ويا آهن. پوليس موجب واقعي واري هنڌ تان ثبوت گڏ ڪرڻ کان پوءِ وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي پوليس موجب مقتول سان گڏ ٻه نوجوان چوڪرا به موٽرسائيڪل تي سوار هئا، جيڪي معجزاتي طور تي محفوظ رهيا.

بقايا 8 ليب جو افتتاح

سائنس ليب جو افتتاح ڪري شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي ان موقعي تي ٻارڙن وڏي اعتماد سان تقريرون ڪري ٽيبلوز پيش ڪيا. اسڪول جي مرمت لاءِ ايم پي اي ساجد جوکيو پاران اڍائي لک رپيا ۽ برگيڊيئر عمران شيرازي پاران هڪ لک رپيا ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو پروگرام ۾ اسڪول جي استادن شاگردن سميت علائقي واسين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي پروگرام ۾ رٽائرڊ برگيڊيئر عمران شيرازي خطاب ڪندي چيو ته تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي جيڪو ڪير اسان جو مذهب، اسان جي ملڪ جو آئين ڪين ڏئي ٿو ۽ شاگردن کي گهرجي ته اهي به ڀرپور محنت ڪن پنهنجي ملڪ ۽ والدين جو نالو روشن ڪندي ترقي جا ڏاڪا چڙهي منزلون حاصل ڪن رٽائرڊ ميجر ساجد چيو ته ايف ايف سي ڪمپني پاران سروي ڪرڻ دوران گهڪهر جي سيڪنڊري اسڪول جي حالت رحم جوڳي هئي اسان هتي ڪمپيوٽر ليب ۽ سائنس ليب کي اپگريڊ ڪيو آهي هن چيو ته ايف ايف سي پاران ايڇ ڊي ايف سان گڏجي اسان نيائين جي سيڪنڊري تعليم لاءِ گهڪهر ۾ اسڪول جوڙيو آهي ايم پي اي محمد ساجد جوکيو پروگرام کي خطاب ڪندي چيو ته ٻار مستقبل جا معمار آهن ۽ وڏي خوشي ٿي رهي آهي ته اڄ ٻارڙن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي اسان انهن ٻارڙن جي همت افزائي لاءِ انهن جي وچ ۾ موجود آهيون.

بقايا 9 مارجي ويا

شعبي (آءِ ايس پي آر) پاران جاري ڪيل بيان مطابق خارجين جي موجودگي جي اطلاع تي سيڪيورٽي فورسز ٽارگيٽيڊ آپريشن ڪيو ڪارروائي دوران سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي نشانو بڻايو ان دوران شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 12 خارجي جهنم حوالي ٿيا. ساڳئي علائقي ۾ هڪ ٻئي خارجي گروهه جي موجودگي جي اطلاع تي ٻيو آپريشن ڪيو ويو جنهن ۾ سيڪيورٽي فورسز هٿان وڌيڪ 11 دهشتگرد مارجي ويا.

بقايا 10 اعظم نذير

چيو آهي ته آئين ۾ ترميم جو اختيار هميشه پارليامينٽ وٽ رهيو آهي ۽ جيستائين پاڪستان آئيني طريقي سان هلي رهيو آهي هي اختيار پارليامينٽ وٽ ئي رهندو هن چيو ته پارليامينٽ عوام جي چونڊيل نمائندن تي ٻڌل آهي ۽ ملڪ کي هلائڻ جو اختيار ان وٽ ئي هئڻ گهرجي اها ڳالهه آئين ۾ لکيل آهي هو ڪالهه مرحوم سينيٽر عرفان صديقي جي ياد ۾ منعقد تعزيتي ريفرنس کي خاص مهمان طور خطاب ڪري رهيو هو هن چيو ته پارليامينٽ هاڻوڪي آئيني ترميم ذريعي آئيني عدالت جي قيام جو فيصلو ڪري ملڪي وفاقي ڍانچي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ ڪيو آهي جنهن ۾ چئني وحدتن کي برابر جي نمائندگي ڏني وئي آهي ته جيئن قومي سطح جي آئيني ۽ قانوني معاملن ۾ توازن برقرار رهي سينيٽر اعظم نذير تارڙ چيو ته 2006ع ۾ سياسي قيادت ان تي اتفاق ڪيو هو ته جڏهن صوبن وچ ۾ آئيني تڪرار هجي يا ڪو اهم قومي نوعيت جو آئيني سوال عدالت ۾ اچي ته اهڙي عدالت هئڻ گهرجي جنهن ۾ سمورن وحدتن جي برابريءَ جي نمائندگي هجي، موجوده ترميم ان تصور جو عملي اظهار آهي هن چيو ته اسلام آباد جي نمائندگي به شامل ڪئي وئي آهي جڏهن ته هي صوبن جي برابري جي نمائندگي سان اڏ ڪاڻ وڌيڪ نه هوندي هن چيو ته عوام جي روزمره جي حقن، آئين جي آرٽيڪل 199 تحت داخل پٽيشنز جي ڊار بندي لاءِ آئيني عدالت جو قيام ضروري هو جڏهن ته فوجداري، ديواني، بئنڪاري، ڪمرشل ۽ سروس معاملا سپريم ڪورٽ جي ئي دائره ڪار ۾ رهندا ته جيئن عوام کي انصاف حاصل ڪرڻ ۾ ڪنهن به قسم جي رڪاوٽ جو منهن نه ڏسڻو پوي. مرحوم سينيٽر عرفان صديقي کي خراج عقيدت پيش ڪندي وفاقي وزير چيو ته هو منطق، اعتدال ۽ فهم ۽ فراست ذريعي مسئلن جو حل ڪڍڻ جي صلاحيت رکندو هو اعليٰ پايه جو صحافي صاحب بصيرت سياستدان جو مالڪ هو هن چيو ته عرفان صديقي جي قومي خدمتن ۽ فڪري جدوجهد کي هميشه ياد رکيو ويندو.

بقايا 11 زخمي

فائرنگ . الرا برادري جا 3 ۽ جتوئي برادري جو هڪ ڄڻو سميت 4 ڄڻا قتل واڻهوڙي سميت 4 ڄڻا زخمي. تفصيل موجب خيرپور پرسان الرا جاگيرجي ڪچي واري علائقي ۾ الرا ۽ جتوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ خوني تڪرار هڪ ڀيرو ٻيهر تيز ٿي ويو جتوئي برادري جي هٿيارٻندن الرا برادري جي زمين تي ويل ماڻهن مٿان حملو ڪري فائرنگ ڪري ڏني جنهن بعد ٻنهي ڌرين جي هٿيارٻندن ڪچي ۾ سنڌو درياهه وٽ مٿان چڙهي فائرنگ شروع ٿي وئي جنهن دوران ڌرين وچم تي ڪلاڪن تائين علائقو جنگ جو ميدان بڻيل رهيو ڌرين ۾ ٿيل ڇپڙ فائرنگ ۾ گولين لڳڻ ڪري الرا ڌر برادري جا ٽي ڄڻا ساجد پٽ علي بخش الرو، گلاب الرو پٽ راحب الرو ۽ ڏڪي بخش پٽ اميد علي الرو موقعي تي قتل ٿي قتل ٿي ويا. جڏهن ته جتوئي برادري جو اعظم پٽ الاهي بخش جتوئي پڻ مارجي ويو جنهن جو لاش سندس ساٿي ڇڏي سنڌو درياءَ پار ڪري ٻاگڙجي واري ٻيلي ۾ فرار ٿي ويا. جڏهن ته نسيم پٽ منٺار الرو رحيم پٽ اميد علي الرو، رحيم الروءِ زمين تي ڪم ڪندڙ واڻهوڙو اسحاق پٽ محمد مراد اوڍو گولين لڳڻ ڪري زخمي ٿي پيا آهن.

بقايا 12 غلام عباس الرو

تي ڪٽڪ جي پوکائي ڪري رهيا هئاسين ته اوچتو جتوئي برادري جي هٿيارٻندن اسان مٿان حملو ڪري ڇڏي فائرنگ ڪري گوليون هڻي اسان جي ڪن ڄڻن کي قتل ڪندي اسان جي ڪن ساٿين کي زخمي ڪيو آهي.

بقايا 13 قتل ٿي چڪا

7 ماڻهو قتل ٿي چڪا آهن جن ۾ 5 الرا ۽ 2 جتوئي برادري جا ماڻهو شامل آهن خيرپور ضلعي جي ڪچي واري علائقي ۾ ڪيترن ئي برادرين جا پاڻ ۾ خوني تڪرار هلندڙ آهن اصل تڪرار زميني معاملي تان ڦيان آهن جڏهن ته خيرپور ۾ ٻيهر گوٺ واري علائقي ۾ چار ڏڙن کان وڌيڪ ماڻهو قتل ٿي چڪا آهن جڏهن ته خيرپور ضلعو قبائلي تڪرارن ۾ سڀ کان اڳ پرو آهي. خيرپور ضلعي جو ڪچو لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور سکر سان ملي ٿو جنهن ڪري ماڻهو قبائلي تصادم جي ڪري پاڳوڙجي ٻيلي ۾ وڃي لڪن ٿا.

بقايا 14 فرار

ڊائريڪٽر مهمت ايمن انالن جي گهر مان چور آءِ فون موبائل، ٻه سئو آمريڪي ڊالر ترڪش ڪرنسي ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا ٻڌايو پيو وڃي ته ترڪي جو رهواسي مهمت ايمن انالن خيرپور جي پاڪ ترڪ اسڪول ۾ گذريل ڪيترو عرصي کان اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڪم ڪري رهيو آهي جيڪو پنهنجي گهرواري ۽ ڌيءَ سان گڏ خيرپور جي هڪ رهائشي ڪالوني ۾ رهائش پذير هو جتي رات جو نامعلوم چور گهر ۾ داخل ٿي سندس گهر مان چوري ڪري فرار ٿي ويا اطلاع تي بي سيڪشن پوليس پهچي گهر جو جائزو ورتو.

بقايا 15 پڪٽون قائم

آهن. پوليس مختلف علائقن مان 10 کان وڌيڪ ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته پوليس ڪچي واري علائقي ۾ ڏوهارين جي گهرن کي باهيون ڏئي بلڊوز ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 16 سعديه جاويد

ايم جي قيادت جي پريس ڪانفرنس تي ردعمل ظاهر ڪندي پاڪستان پيپلز پارٽي جي ترجمان سعديه جاويد چيو آهي ته ايم ڪيو ايم وارا بلدياتي نظام تي تنقيد ڪرڻ بدران ان کي مضبوط ڪرڻ تي ڌيان ڏين هن چيو ته سنڌ جو موجوده بلدياتي نظام هن وقت پاڪستان جو سڀ کان وڌيڪ بااختيار ۽ آئيني طور مضبوط نظام آهي، جنهن کي تسليم ڪرڻ بدران ايم ڪيو ايم غير ضروري سياسي پوائنٽ اسڪورنگ ڪري رهي آهي سعديه جاويد چيو ته جيڪڏهن ايم ڪيو ايم پنجاب جي بلدياتي ماڊل کان متاثر آهي جتي ميئر جو ادارو ئي موجود ناهي، ته پوءِ هنن کي اها حقيقت به نظر ۾ رکڻ گهرجي جيڪڏهن پنجاب جو نظام وڌيڪ پسند اچي ٿو ته پوءِ اهي ان ماڊل جي نفاذ جو مطالبو به ڪري سگهن ٿا، پر سنڌ جي مضبوط بلدياتي ڍانچي تي بي جا تنقيد مناسب نه آهي. پيپلز پارٽي جي ترجمان چيو ته پي ايم ايل اين کي پڻ گورنر شپ بابت پاڪستان پيپلز پارٽي سان ٿيل معاهدي تي عمل ڪرڻ گهرجي هن چيو ته پيپلز پارٽي ڪراچي جي اصل سياسي قوت آهي ۽ شهر لاءِ وڌيڪ وڏا ترقياتي منصوبا کڻي اچي رهي آهي. سعديه جاويد جو چوڻ هو ته شهرين جا مسئلا صرف تنقيد سان حل نٿا ٿين پر عملي قدمن جي ضرورت هوندي آهي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي هن سلسلي ۾ اڳ به ڪم ڪيو آهي ۽ ايندڙ ڏينهن ۾ وڌيڪ قدمن تي به عملدرآمد جاري رکندي.

بقايا 17 وفد پهتو

آهي. هن سلسلي ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر ۽ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي وائيس چيئرمين سيد زين شاهه جي سربراهي ۾ خواجه نويد امين ايڊووڪيٽ، عاقب راجپر ايڊووڪيٽ، منير ناڇ ۽ ٻين تي مشتمل وفد ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي عهديدارن سان ملاقات ڪئي ملاقات دوران سيد زين شاهه چيو ته ڪراچي بار جو 27هين آئيني ترميم خلاف موقف قابل تحسين آهي ۽ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان 26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن سميت سڀني غير آئيني ترميمن جي ڀرپور مزاحمت ڪندي هن زور ڏنو ته آئيني سجاڳ بحال رکڻ آئيني بالادستي ۽ جمهوريت جي حقيقي روح جي حفاظت لاءِ جدوجهد مڪمل طور پرامن ۽ جمهوري طريقي سان جاري رکجي.

بقايا 18 فيصلو

جي هم منصب سان ملاقات نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب چين جي پرڏيهي وزارت تصديق ڪئي آهي ته وزيراعظم لي چيانگ اينڊ جي - 20 سربراهه اجلاس دوران جاپان جي هم منصب سانائي تاڪائيچي سان ملاقات نه ڪندو ترجمان مائنگ چيو ته جاپان طرفان چين سان ڳالهين جي خواهش جي بار بار اظهار باوجود وزيراعظم لي چيانگ جي جاپاني اڳواڻ سان ملاقات جي ڪا به منصوبابندي نه آهي هن جاپان جي حڪومت تي زور ڀريو ته ان معاملي ۾ محتاط رويو اختيار ڪري.

بقايا 19 مذمت

ويجهو ڌماڪي جي مذمت ڪندي ڌماڪي ۾ شهيد ٿي ويل 2 پوليس اهلڪارن سيف الرحمان ۽ رمضان کي خراج عقيدت پيش ڪيو آهي ڪالهه گهرو وزارت مان جاري بيان موجب وفاقي وزير شهيد اهلڪارن جي وارثن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو هن چيو ته ڪي پي ڪي جي بهادر جوانن جي قربانين کي سلام پيش ڪريان ٿو ڪي پي ڪي پوليس دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ فرنٽ لائين تي آهي شهيد پوليس اهلڪارن جون قربانيون رائيگان نه وينديون. ان ڌماڪي ۾ زخمي 4 اهلڪارن جي جلد صحتيابيءَ لاءِ دعا ڪئي.

بقايا 20 گرفتار

متاسنا ۾ ملوث ملزم خلاف ڪارروائي جاري آهي جنهن ۾ غير قانوني ڪرنسي متاسنا ۾ ملوث هڪ ملزم کي گرفتار ڪيو ويو آهي ڪراچي جي علائقي ڪلفٽن مان ملزم محمد تنوير کي گرفتار ڪيو ويو گرفتار شڪي غير قانوني ڪرنسي متاسنا ۾ ملوث آهي گرفتار شڪي جي قبضي مان ڪل 18,000 آمريڪي ڊالر هٿ ڪيا ويا ملزم جي قبضي مان موبائل فون ۽ غير قانوني ڪرنسي متاسنا سان لاڳاپيل ثبوت پڻ هٿ ڪيا ويا جڏهن ته ملزم لائسنس کان سواءِ ڪرنسي متاسنا جو ڪاروبار ڪري رهيو هو ملزم هٿ ڪيل ڪرنسي بابت اختيارين کي مطمئن نه ڪري سگهيو ملزم کي گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ جاچ شروع ڪئي وئي آهي ملزم جي ٻين ساٿين کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن

بقايا 21 پهچي ويو

۾ فيڊرل بي ايريا رحمان آباد ۾ پاڻي نه ڏيڻ جي خلاف بزرگ رهواسي عدالت پهچي ويو. عدالت ڊائريڪٽر ليگل واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن کي طلب ڪري ورتو آهي. ڊبليو ايس سي جي وڪيل چيو ته اسان درخواستگذار کي پاڻي ڏنو آهي. عدالت وڪيل کان سوال ڪيو ڇا توهان ڪنهن جي نمائندگي ڪئي آهي، عدالت چيو ته سون کي ٻڌايو ته اهڙا قانوني دليل ڏنا وڃن ٿا، درخواستگذار چيو ته اسان هڪ ڏهاڪي کان پاڻي جي خواهشمند آهيون اسان کي پاڻي ڏنو وڃي. عدالت پاڻي ڏيڻ جو به حڪم ڏنو هو پر ان تي اڃا تائين عمل نه ڪيو ويو آهي درخواستگذار چيو ته رحمان آباد ۾ 7000 کان وڌيڪ گهر آهن. عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي پيش رفت رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. عدالت درخواست جي ٻڌڻي 11 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 22 گرانٽ جي منظوري

ڪابينا آئي ٽي ٽاور لاءِ ورثي واري عمارت جي خريداري جي اجازت ڏني ۽ اسڪريننگ ٽيسٽ جي مدت جون 2028 تائين وڌائي اجلاس ۾ وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزير صلاحڪار خاص مددگار چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه ۽ لاڳاپيل سيڪريٽري ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي. ڪابينا 57 ايجنڊا آئٽمز تي غور ڪيو جيڪو هڪ ئي اجلاس تي ٻڌل سڀ کان ڊگهو ايجنڊو آهي شروعات ۾ وزيراعليٰ اڳوڻي وزيراعليٰ آفتاب شعبان ميراڻي ۽ اڳوڻي صوبائي وزير لعل بخش ڀٽو لاءِ دعا ڪئي ۽ انهن جي آخرت لاءِ دعا ڪئي. وڏي وزير پڻ اعلان ڪيو ته هاڻي ڪابينا جا اجلاس هر ٻن هفتن ڪانپوءِ منعقد ڪيا ويندا ۽ ايندڙ اجلاس 2 ڊسمبر تي ٿيندو ڪابينا بحث مباحثي ڪان پوءِ پيشنٽس ايڊ فائونڊيشن کي 15 ملين ڊالر يا ان جي برابر جي گرانٽ-ان-ايڊ جي منظوري ڏني گرانٽ نئين 12-منزلن واري ايمرجنسي ٽاور لاءِ اوزارن ۽ سهولتن جي فراهمي لاءِ درخواست ڪئي وئي هئي جيڪو جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر ڪراچي ۾ ڏاهيو ويندو تجويز ڪيل ايمرجنسي ٽاور جي مجموعي لاڳت 35 ملين ڊالر آهي. وڏي وزير چيو ته تجويز ڪيل ايمرجنسي ٽاور 722 بسترا ۽ 17 آپريٽنگ ٿيٽر مهيا ڪندو جيڪو موجوده ايمرجنسي ڊپارٽمينٽ جي 224 بسترا ۽ 3 آپريٽنگ ٿيٽرن کان گهڻو آهي اها واڌ اميد آهي ته مريضن جي تعداد وڌندي، ايمرجنسي خدمتن ۾ سڌارو ايندو ۽ گهٽ آمدني وارن مريضن لاءِ مالي مدد فراهم ٿيندي ڪابينا پيپلز ڪميونٽي هيلٿ سروسز ڪمپني جي قيام جي منظوري ڏني جيڪا 2017 جي ڪمپنيز ايڪٽ جي سيڪشن 42 تحت صوبي ۾ ڪميونٽي سطح جي صحت جي بحالي ۽ توسيع لاءِ غير منافع بخش ادارو هوندو هي قدم پرائي ليڊي هيلٿ ورڪرز (LHW)پروگرام کي جديد بڻائيندو ۽ ان کي سيليمينٽ ڪندو جيڪو شهيد محترمه بينظير ڀٽو پاران شروع ڪيو ويو جيڪو هن وقت رڳو سنڌ جي 41 سيڪڙو آبادي کي فائدو پهچائي ٿو 2035 تائين 9600 کان وڌيڪ LHWs ۽ سپروائيزر رٽائر ٿيڻ وارا آهن. نئين ڪمپني ڪم ڪندڙن کي ڀرتي ۽ ٽريننگ فراهم ڪندي جنهن کي ڊجيٽل اوزارن، ٽرانسپورٽ ۽ حقيقي وقت جي رپورٽنگ سسٽم سان ليس ڪيو ويندو ته جيئن باقي 59 سيڪڙو ڪميونٽين تائين خدمتون پهچن ڪابينا هڪ ڪلاڊ قائم ڪرڻ جي منظوري ڏني جيڪو CLICK پروجيڪٽ تحت ورلڊ بينڪ پاران مالي مدد سان هلندو ته جيئن S-BOSS e-Licensing Portal ۽ مستقبل جي سرڪاري ايپليڪيشنز ميزباني ڪري ڪلاوڊ سنڌ سائنس ۽ IT ڊپارٽمينٽ پاران هلايو ويندو ڪابينا گهرو کاتي جي تجويز کي منظور ڪيو ته 14 اينٽي-ٽررزم ڪورٽس کي اسپيشل ڪورٽس ۾ تبديل ڪيو وڃي. هن وقت سنڌ ۾ 33 اي ٽي سي آهن. 20 ڪراچي ۾ ۽ 13 ٻين ضلعن ۾ ڪراچي جي ڪيترن اي ٽي سي ۾ گهٽ ڪيسن جي مشاهدي کان پوءِ گهرو کاتي تجويز ڏني ته 13 ڪراچي ۽ هڪ حيدرآباد اي ٽي سي کي ختم ڪري اسپيشل ڪورٽن ۾ تبديل ڪيو وڃي ته جيئن نارڪوٽڪس سان لاڳاپيل ڪيسن کي تيزي سان نبيريو وڃي. ڪابينا سنڌ سينٽر فار ايڪسيلنس آن ڪائونٽرنگ وائلنٽ ايڪسٽريمزم جي قيام جي منظوري ڏني جيڪو هوم ڊپارٽمينٽ تحت ٿيندو هي قدم "سنڌ شديد انتهاپسندي جي خاتمي لاءِ ڪيو ويو جنهن جو مقصد صوبي ۾ انتهاپسندي، دهشتگردي، دهشتگردي ۽ خراب سرگرمين کي روڪڻ آهي.

بقايا 23 شروع ٿيندو

مجاهد ڇنا مطابق21 کان 23 نومبر تائين ٿيندڙ اجتماع عام ۾ لکين ماڻهو مرد توڙي عورتون ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان شريڪ ٿيندا جڏهن ته ڇاليهه کان وڌيڪ ملڪن مان اسلامي تحريڪن جا سوين نمائندا پڻ شريڪ ٿيندا. سنڌ مان پڻ هزارين قافلا ريل گاڏين، بسن ڪوچن توڙي ڪارن ذريعي لاهور پهچڻ شروع ٿي ويا آهن ناظم اجتماع مرڪزي نائب امير لياقت بلوچ جي اڳواڻي ۾ ايندڙ مهمانن لاءِ آرام ڪاڏي پيٽي سميت ٻين ضرورتن لاءِ بندوبست ڪيو ويو آهي جمعي جي نماز بادشاهي مسجد ۾ ادا ڪئي ويندي اجتماع ۾ مختلف سيشن رکيا ويا آهن. ٽن ڏينهن واري اجتماع جي پڄاڻي تي مرڪزي امير حافظ نعيم الرحمان بدل دو نظام تحريڪ جي آئنده جي لائحه عمل جو اعلان پڻ ڪندو جڏهن ته اجتماع عام ۾ صوبائي قيادت سميت ملڪ جا نامور عالم دين، دانشور صحافي شاعر ۽ نالي وارا سياستدان پڻ خطاب ڪندا.

بقايا 24 نظام بحال

اپيلٽ ڊويزن هڪ نئين فيصلي ذريعي نگران حڪومت جي نظام کي بحال ڪندي اعلان ڪيو آهي ته اهو نظام 14هين قومي پارلياماني چونڊن کان لاڳو هوندو اهو فيصلو گذريل ڏينهن چيف جسٽس ڊاڪٽر سيد رفعت احمد جي سربراهي ۾ اپيلٽ ڊويزن جي 7 رڪني بينچ 2011ع جي نظام کي ختم ڪرڻ جي فيصلي تي تفصيلي سياسي ۽ عدالتي نظرثاني ڪانپوءِ ٻڌايو فيصلي ۾ نگران حڪومت جي نظام جي مرحليوار لاڳو جي وضاحت ڪئي وئي جنهن ۾ چيو ويو آهي ته هي نظام ملڪ ۾ ٿيندڙ آئنده چونڊن تي قائم نه ڪيو ويندو ذڪر جوڳي ڳالهه اها آهي ته بنگلاديش ۾ ان کان اڳ 1996ع، 2001ع ۽ 2008ع ۾ قومي پارلياماني چونڊون نگران حڪومت جي نظام تحت ڪرايون ويون هيون جڏهن ته 1991ع جون قومي چونڊون سياسي اتفاق راءِ سان قائم ٿيل عبوري حڪومت تحت ٿيون هيون.

بقايا 25 آءِ ايم ايف

طرفان صرف 2 سالن ۾ 5300 ارب رپين جي ريڪوريز انهي معاملي جا اهم اشارا آهن. رپورٽ ۾ چاڙيو ويو ته اها ريڪوريز بدعنواني جي گڏيل معاشي اثرن جو صرف هڪ پاسو آهن ناڻي واري وزارت اها رپورٽ ٽن مهينن جي دير کان پوءِ آءِ ايم ايف جي شرط تي جاري ڪئي آهي ته جيئن ايگزيڪٽو بورڊ جي ايندڙ اجلاس ۾ 1.2 ارب ڊالرز جي ٻن قسطن جي منظوري ڏئي سگهجي. آءِ ايم ايف اڳڪٿي ڪئي آهي ته بهترين گورننس اصلاحات جي لاڳو ٿيڻ سان پاڪستان جي معيشت ايندڙ پنج سالن ۾ 5 کان 6.5 سيڪڙو تائين اضافي جي ڊي پي حاصل ڪري سگهي ٿي رپورٽ ۾ پاڪستان جي باني محمد علي جناح جي 1947ع جي خطاب جو حوالو ڏيندي چيو ويو ته اڄ 70 سالن کان پوءِ به بدعنواني ملڪ جي معاشي سماجي ترقي جي سڀني کان وڏي رڪاوٽ بڻيل آهي جيڪا سرڪاري رقم جي ضايع، مارڪيٽ جي بگاڙ، غير منصفاڻي ورڇ، عوامي ڀروسي ۾ گهٽتائي ۽ سرمائيڪاري ۾ رنڊڪ جو سبب بڻيل آهي رپورٽ ۾ دعويٰ ڪئي وئي آهي ته شهري عام طور تي سرڪاري خدمتن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ رشوت ڏيڻ تي مجبور ٿيندا آهن جڏهن ته پاليسي سازي تي سياسي ۽ معاشي اشرافيه جو گهرو اثر آهي جيڪا سرڪاري طاقت کي ذاتي مفاد لاءِ استعمال ڪندي آهي عدليه جون ڪمزوريون ۽ احتسابي ادارن جي غير موثريت به بدعنواني کي هٿي ڏين ٿيون آءِ ايم ايف 2019ع ۾ پي ٽي آءِ جي حڪومت واري دور دوران کنڊ جي برآمد جي اجازت کي انهي ڳالهه جي مثال قرار ڏنو ته ڪهڙي طرح بااثر ڪاروباري ادارو ۽ سرڪاري عهديدار پاليسين کي پنهنجي فائدي لاءِ استعمال ڪندا آهن جاچ رپورٽن موجب شوگرمل مالڪن ذخيره اندوزي، قيمتن ۾ مصنوعي اضافو ۽ جعلي اڪائونٽنس جي ذريعي منافعي لاءِ گهڻو قدمن سان اربين رپيا ڪمايا.

بقايا 26 وقتي صدر

قائم آهن هن ٻڌايو ته مشنري اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ سندس سمورا استاد مسيحي برادري سان تعلق رکندا هئا جيڪو هن شهر جي بين المذاهب هم آهنگي جو ثبوت آهي وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته هڪ وقت هو جڏهن عورتن کي تصوير وارو سڃاڻپ ڪارڊ ڏاهڻ جي به اجازت نه هئي پر بينظير ڀٽو انڪم سپورٽ پروگرام لکين عورتن کي سڃاڻپ، مالي تحفظ ۽ بااختيار بڻايو اڄ اهي عورتون پنهنجي خاندانن جي ڪفالت ڪري رهيون آهن اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه خميس ڏينهن خصوصي ماڻهن بابت سوسائٽي جي ويل چيئر ورهائڻ واري تقريب ۾ ڪيو سيد يوسف رضا گيلاني گڏيل قومن جا ٿورا مڃيندي چيو ته زلزلن ۽ ٻوڏ جهڙين آفتن ۾ عالمي ادارن سدائين پاڪستان جي مدد ڪئي وقتي صدر چيو ته انسانيت جو اصل پيغام اهو آهي ته توهان ان جي لاءِ ڪم ڪريو جيڪو توهان کي بدلي ۾ ڪجهه نه ڏئي سگهي وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني جي تقرير دوران شرڪت ڪندڙن ڏکڻ پنجاب جي جدا صوبي جو مطالبو ڪيو جنهن تي سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته هو پهريون آواز آهي جنهن پنجاب اسيمبلي، قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ مان جدا صوبي جي قرارداد منظور ڪرائي.

بقايا 27 ملاقات

واري وفاقي وزير رياض حسين پيرزاده ملاقات ڪئي ڪالهه خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ملاقات ۾ هائوسنگ واري وفاقي وزارت سان لاڳاپيل معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ان ڪانسواءِ ملڪ جي مجموعي ۽ سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا 28 شاباس

شهباز شريف خيبرپختونخواهه جي علائقن مهمند، لڪي مروت ۽ ٽانڪ ۾ فتنه الخوارج جي خلاف ڪامياب آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز جي آفيسرن ۽ جوانن کي شاباس ڏيندي انهن آپريشنز ۾ 7 خارجين کي جهنم پهچائڻ ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوارانه صلاحيتن کي ساراهيو آهي.

بقايا 29 چيف جسٽس

کي هدايت ڪئي ته عدالتي سڌارن جي بقايا ڪمن کي تيز ڪيو وڃي ۽ عوامي اعتماد قائم رکڻ لاءِ شفافيت، مالي نظم ۽ ضبط ۽ معيار کي يقيني بڻايو وڃي سپريم ڪورٽ پاران جاري پڌرائيءَ موجب چيف جسٽس ڪالهه 8هين اٿر ايڪٽو اجلاس جي صدارت ڪئي اجلاس ۾ ريفارم ايڪشن پلان تحت عدالتي سڌارن جي اڳڀرائيءَ جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ نيشنل جسٽس آٽوميشن ڪميٽي جي چيئرمين جسٽس محمدعلي مظهر سپريم ڪورٽ جي رجسٽرار ڊائريڪٽر جنرل (ريفارمز)، آءِ ٽي ايڊوائيزر همايون ظفر سپريم ڪورٽ جي سيڪشن هيڊز فيڊرل جسٽس ايجوڪيشن اڪيڊمي جي ڊائريڪٽر جنرل ۽ سيڪريٽري لا اينڊ جسٽس ڪميشن آف پاڪستان شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته ريفارم ايڪشن پلان جي 86 قدمن مان 36 مڪمل 45 عمل هيٺ ۽ 13 جلد شروع ٿيندا.

بقايا 30 منظوري

منصوبو پاڪستان جي حڪومت جي ترجيحي سرمائيڪارين ۾ شامل آهي جنهن جو مقصد قومي ٽرانسميشن نيٽ ورڪ کي هٿي ڏيڻ ۽ سستي هائيڊرو ۽ قابل تجديد توانائي کي ملڪ جي وڏي لوڊ مرڪز تائين موثر انداز ۾ منتقل ڪرڻ آهي. منصوبي جي تحت 500 ڪي وي جي تقريبن 290 ڪلو ميٽر ڊگهي نئين ٽرانسميشن لائن جي تعمير ڪئي ويندي، جڏهن ته اسلام آباد ۽ فيصل آباد کي بجلي فراهم ڪندڙ اهم گرڊ انفرااسٽرڪچر کي به اپ گريڊ ڪيو ويندو انهي ترقياتي ڪم سان پاڪستان جي اتر ڏکڻ پاور ڪوريڊور ۾ پرائيون رنڊڪون ختم ٿينديون ۽ اتر ٻائيڊرو پاور پلانٽس سان 3,200 ميگاواٽ تائين صاف توانائي جي ترسيل ممڪن ٿيندي جنهن سان درآمدي ايندهن تي ڀاڙو گهٽ ٿيندو.

بقايا 31 مذمت

ٿيندڙ بم ڌماڪي جي شديد مذمت ڪئي آهي. ايوان صدر جي پريس ونگ موجب هن حملي کي هڪ شرمناڪ دهشتگرد ڪارروائي قرار ڏيندي چيو ته اهڙا قدم ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ٿا ڪري سگهجن. وقتي صدر شهيد ۽ زخمي ٿيندڙ اهلڪارن جي گهروارن سان دلي همدرديءَ جو اظهار ڪيو ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي هن چيو ته پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون ملڪ جي تحفظ ۽ عوام جي سلامتي جي لاءِ وسارڻ نه جوڳيون نه آهن هن عوام کي اپيل ڪئي ته اها سيڪيورٽي فورسز سان تعاون جاري رکي ۽ دهشتگردي جي اهڙن قدمن جي خلاف متحد رهي.

بقايا 32 طلب

وزارت ڀارتي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر پون ٻڌي کي طلب ڪري فرار ٿي ويل اڳوڻي وزيراعظم شيخ حسينه طرفان ڀارتي ميڊيا کي ڏنل چڙ ڏياريندڙ انٽرويو تي سخت احتجاج ڪيو ڪشمير ميڊيا سروس موجب ڍاڪا جو چوڻ آهي ته ڀارتي حڪومت جي سهولتڪاري سان ٿيل ڇاپايل انٽرويو بنگلاديش جي خودمختياري ۽ ملڪ ۾ جاري جمهوري عمل تي حملو آهي. بنگلاديش ۾ انسانيت خلاف ڏوهن تي موت جي سزا ايل شيخ حسينه هن وقت ڀارت ۾ لڪل آهي. ڪيس مودي حڪومت پناهه ڏني آهي. بنگلاديش جي عملدارن جو چوڻ آهي ته ڀارت نه رڳو هڪ ڏوهاري کي پناهه ڏني آهي پر ان کي چڙ ڏياريندڙ بيانن لاءِ پليٽ فارم به مهيا ڪري رهيو آهي. عملدارن جو چوڻ آهي ته ڀارت بنگلاديش مخالف بيانن جي حوصلا افزائي ڪري رهيو آهي ۽ بنگلاديش ۾ سياسي بدامني کي هوا ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. سفارتي ذريعن تصديق ڪئي ته ڍاڪا نئين دهلي تي زور ڀريو ته هو شيخ حسينه کي ميڊيا سان ڳالهائڻ کان فوري طور تي روڪي. بنگلاديش جي پرڏيهي وزارت ان ڳالهه تي زور ڀريو آهي ته ڀارت طرفان چڙ ڏياريندڙ تبصرن جي سهولت سڌي ريت سياسي مداخلت آهي. جنهن سان ٻنهي پاڙيسرين وچ ۾ ٻطرفن لاڳاپن کي خطرو آهي. بنگلاديش عملدارن جو چوڻ آهي ته شيخ حسينه کي ميڊيا پليٽ فارم مهيا ڪرڻ پاڙيسري ملڪن جي سياست ۾ واضح مداخلت جو ثبوت آهي. تجزيه نگارن جو به چوڻ آهي ته خطي ۾ پنهنجي ناپاڪ منصوبن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ميڊيا ۽ فرار ٿي ويل اڳواڻن کي استعمال ڪرڻ ڀارت جي عادت بڻجي چڪي آهي.

بقايا 33 آف لوڊ

تي ويزا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ مسافر کي آف لوڊ ڪيو ويو ترجمان ايف آءِ اي موجب ملزم محمد ريحان فلائيٽ نمبر G9547 ذريعي سعودي عرب وڃي رهيو هو ترجمان مطابق ملزم جي پاسپورٽ تي هيوي ٽرڪ ڊرائيور طور نوڪري لاءِ ويزا لڳل هو جڏهن ته هن طرفان پيش ڪيل ڪلفٽن لائسنس برانچ مان جاري ڪيل ايڇ ٽي وي لائسنس جعلي نڪتو ملزم جو تعلق ٻنون سان آهي ابتدائي جاچ ۾ معلوم ٿيو ته ملزم سعودي عرب ۾ روزگار حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ايجنٽ کي ساڍا ٽي لک رپيا ڏنا هئا ملزم اهو به ٻڌايو ته هو ڪڏهن به ڪلفٽن لائسنس برانچ نه ويو ۽ ايجنٽ ئي هن لاءِ جعلي ڊرائيونگ لائسنس تيار ڪرايو ملزم کي بعد ۾ ايجنٽ جي نشاندهي ۽ وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪل ڪراچي حوالي ڪيو ويو.

آفيس آف دي چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي
انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ
ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن

ڪيمپ آفيس نمبر: 01، پنيان دائود انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ، ڪي.ايم.سي مسلم آباد ڪراچي

NO.CPC/ED/KMC/2025-26/31/Karachi Dated:18-11-2025

ٽينڊر گهرائڻ جو نوٽيس

(خريد جو طريقو: سنگل اسٽيج _ هڪ لفافي جو طريقو)

هيٺ ڏنل تفصيلن مطابق، SPPRA رول 19 (i) 2010 (هيستائين ترميم ٿيل 2024) جي اي-پروڪيورمينٽ جمع ڪرائڻ جي گهرجن جي مطابق. اهل واڪ ڏيندڙن کان سنگل اسٽيج ون اينولپ طريقيڪار تي "EPADS"جي نئين طريقي سان اي-واڪ جي درخواست ڪئي وڃي ٿي:-

سيريل نمبر	اسڪيم جو نالو	ڪٿيل لاڳت (ملين ۾)	واڪ سيڪيورٽي	ٽينڊر لاڳت (رپيا)	PEC ڪئٽيگري ساڻ ڪوڊز
01	سر شاهه سليمان روڊ ڪابي پاسي يونيورسٽي روڊ کان لياري ايڪسپريس وي ضلعي ايسٽ ڪراچي جي بيوٽيفڪيشن/ سڌارو	49.993	5% واڪ رقم جو	5000	ڪيٽيگري C-5 يا ان کان مٿي ۾ ڪارگر PECلائسنس، اسپيشلائيزيشن ڪوڊ CE01، CE09، CE10جي فيلڊز سان گڏ.

لازمي گهرجون:
a. شرڪت ڪندڙن کي پنهنجا ريٽ لفظن ۽ انگن ۾ ٻڌائڻ گهرجن.
b. واڪ تي ڪمپني جي مهر سان گڏ صحيح هجڻ گهرجي.
c. واڪ سيڪيورٽي / ڪٿيل رقم شرڪت ڪندڙ جي ڪمپني / فرم جي اڪائونٽ مان ڪٽي وڃي.
d. واڪ سيڪيورٽي جو پي آرڊر واڪ سان گڏ "EPADS SPPRA Sindh" جي ويب سائيٽ تي اپ لوڊ ڪيو ويندو ۽ واڪ کولڻ کان اڳ آفيس آف دي چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي واقع 01 دائود انجنيئرنگ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ K.M.Cمسلم آباد ڪراچي کي هٿو هٿ جمع ڪرائڻي پوندي.
e. 200 رپين جي اسٽيمپ پيپر تي سالميت جو معاهدو.
f. واڪ ڏيندڙ اعلان جي وقت ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (KMC) جي حق ۾ ڪنهن به شيڊيول بينڪ آف پاڪستان کان پي آرڊر جي صورت ۾ NIT ۾ بيان ڪيل ناقابل واپسي ٽينڊر (قيمت) جمع ڪرائيندو.

قابليت جو معيار:
a. ڪارگر پي اي سي ۽ ڪيٽيگري لاڳاپيل فيلڊ آف اسپيشلائيزيشن ڪوڊس (جتي لاڳو ٿئي).
b. ڪارگر اين ٽي اين سرٽيفڪيٽ (واڪ ڏيندڙ فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) جي فعال ٽيڪس ادا ڪندڙ جي لسٽ تي هوندو.
c. ڪارگر ايس آر بي رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ. (واڪ ڏيندڙ سنڌ روينيو بورڊ (ايس آر بي) جي فعال ٽيڪس ادا ڪندڙ جي لسٽ تي هوندو.
d. ڪارگر پيشيور ٽيڪس سرٽيفڪيٽ.
e. فرم بابت حلف نامو / انڊرٽيڪنگ جيڪا گذريل پنجن سالن کان ڪڏهن به بليڪ لسٽ نه ڪئي وئي هجي يا ڪنهن به سرڪاري / نيم سرڪاري کاتي سان ڪنهن به عدالتي ڪيس / مقدمي ۾ ملوث نه هجي.
f. گذريل پنجن سالن دوران اسڪيم / منصوبي جي برابر قيمت کان گهٽ ۾ گهٽ سراسري ساليانو ٽرن اوور (ٽرن اوور جو جائزو ساليانو ريٽرن ۽ آڊٽ رپورٽ (گذريل پنجن سالن مان هر هڪ) مان ورتو ويندو.
g. (ICAP) رجسٽريشن آڊٽ فرمن کان گذريل پنجن سالن جي ساليانو آڊٽ رپورٽ. (ICAP) رجسٽرڊ آڊٽ فرمن ڪانسواءِ جاري ڪيل آڊٽ رپورٽ قبول نه ڪئي ويندي.
h. مشينري ۽ سامان جي فهرست جيڪا ان جي ملڪيت / ليز / ڪرائي تي ڏنل دستاويزي ثبوت سان گڏ موجود آهي (جيئن گهربل هجي ۽ واڪ دستاويزن ۾ ذڪر ڪيو ويو هجي).
i. گهٽ ۾ گهٽ هڪ ساڳئي نوعيت جو ڪم يا پارڪ جو ڪم جنهن جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت ڪم جي اندازي مطابق قيمت جو 80% هجي: يا گهٽ ۾ گهٽ ٻه ساڳي نوعيت جا ڪم جن مان هر هڪ جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت گذريل پنجن سالن کان اندازي مطابق قيمت جو 50% هجي ۽ مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽ سان صحيح طور تي سهڪار ڪيو وڃي.
j. فرم سان ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جي بايو ڊيٽا جيڪا ضرورت مطابق ۽ واڪ دستاويزن ۾ ذڪر ڪيل آهي.

شرط ۽ ضابطا:
1. واڪ / ٽينڊر دستاويز: واڪ دستاويز ايس پي پي آر اي سنڌ جي (http://portalsindh.eprocurement.gov.pk) "EPADS" جي ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪيا ويندا.
2. جمع ڪرائڻ جي تاريخ:
سڀئي واڪ صرف SPPRA اي-پروڪيورمينٽ سسٽم(http://portalsindh.eprocurement.gov.pk) "EPADS" ذريعي آن لائين جمع ڪرائڻ گهرجن ۽ دستي طور تي جمع ڪرايل واڪ قبول نه ڪيا ويندا.
واڪ 01-12-2025 تي يا ان کان اڳ صبح جو 11:00 وڳي تائين آن لائين جمع ڪرائي ويندي ۽ 01-12-2025 تي صبح جو 11:30 وڳي تائين کوليو ويندو
ڪنهن به سبب جي ڪري، جيڪڏهن ٽينڊر جي موٽ نه ملڻ جي صورت ۾ ايندڙ تاريخ 09-12-2025 تي يا ان کان اڳ آن لائن جمع ڪرائڻ جي تاريخ 09-12-2025 صبح 11:00 وڳي تائين ۽ ساڳئي تاريخ 09-12-2025 تي صبح 11:30 وڳي تائين کوليا ويندا.
3- هيٺين شرطن جي تحت واڪ رد ڪيا ويندا:
i. واڪ جي هارڊ ڪاپي يا هٿو هٿ واڪ قبول نه ڪيا ويندا.
ii. مشروط واڪ قبول نه ڪيا ويندا.
iii. مخصوص تاريخ ۽ وقت کان پوءِ اپ لوڊ ڪيل/ جمع ڪرايل واڪ.
iv. بليڪ لسٽيڊ فرمون.
v. جمع ڪرايل ڪاغذ ڪنهن به مرحلي تي ڪوڙا ثابت ٿيڻ تي رد ڪيا ويندا.
vi. واڪ کولڻ جي تاريخ کان اڳ واڪ سيڪيورٽي جو پي آرڊر هٿو هٿ جمع ڪرايو
4. مجاز اختياري کي SPPRA ضابطن جي لاڳاپيل شق جي تابع ڪنهن به يا سڀني تجويزن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ آهي.
5. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن کي گذارش ڪئي وڃي ٿي ته اهي اي-واڪ جمع ڪرائڻ لاءِ پنهنجي فرم / ڪمپني (ڪمپنيون) کي "EPADS"جي SPPRA ويب سائيٽ (http://portalsindh.eprocurement.gov.pk) تي رجسٽر ڪرائين.
6. جيڪڏهن ڪنهن به سبب جي ڪري سرڪاري موڪل يا ڪم ڪار نه ٿيڻ واري ڏينهن جي صورت ۾ وڪري جي آخري تاريخ ۽ ٽينڊر جي اماڻڻ ۽ کولڻ لاءِ آخري تاريخ سمجهيو ويندو. وقت ۽ هنڌ ساڳيا رهندا.
7. جوائنٽ وينچر (JV) جي اجازت نه هوندي.
8. سمورا SPPRA رولز/ نوٽيفڪيشنز جي لازمي طرح پوئيوراي ڪئي وڃي.

چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي
انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن

INF/MM/0103/2025

آفيس ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ
پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اسپتال، نوابشاهه
شهيد بينظير آباد

NO.PCMHN/SBA/3451/ Dated:17_11_2025

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اسپتال نوابشاهه شهيد بينظير آباد کي مالي سال 2025-26 لاءِ ايس پي پي رول 46(2)) تحت هيٺ ڏنل دستاويز جمع ڪرايا وڃن ته جيئن ميڊيڪل ايڪيوپمينٽس/ مشينري/ ميڊيڪل ڊوائيسز/ انسٽرومينٽس ۽ ٻين آئٽمز جي سپلائي لاءِ ٻن مرحلن واري طريقيڪار مطابق هڪ مرحلي ۾ هيٺ ڏنل شرطن تي: رجسٽرڊ سپلائر/ فرمز/ مينوفيڪچررز/ امپورٽرز/ مجاز ڊسٽريبيوٽرز کان اي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ذريعي مهربند واڪ گهربل آهن. شرط ۽ ضابطا ۽ ٻيا تفصيل واڪ جي دستاويزن https://portalsindh.eprocure.gov.pk/ تي ڏسو/ ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

سيريل نمبر	SNE	اسڪيم جو نالو
01	2025-26	پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اسپتال، شهيد بينظير آباد جي لاءِ SNE

اليڪٽرانڪ واڪ صرف اي-پيڊس ذريعي جمع ڪرايا ويندا، دستي واڪ قبول نه ڪيا ويندا. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن کي اليڪٽرانڪ واڪ جمع ڪرائڻ لاءِ اي-پيڊ سسٽم لنڪ تي عمل ڪرڻ گهرجي:https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration تي پاڻ کي رجسٽر ڪرايو
واڪ دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن مطابق تيار ڪيل واڪ 16-12-2025 تي صبح جو 11:00 وڳي تائين اي-پيڊس تي جمع ڪرائڻ گهرجن. هيٺ ڏنل جدول ۾ ڏنل ٽينڊر في 4000 رپيا (چار هزار رپيا فقط) جي اصل رسيد ۽ واڪ جي قيمت جي 2% واڪ سيڪيورٽي لازمي طور تي پروڪيورنگ ايجنسي کي اليڪٽرانڪ واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ پهچڻ گهرجن. جيڪي ساڳئي ڏينهن صبح 11:30 وڳي ايڊريس: "فاطمه انجنيئر آڊيٽوريم جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي (JSMU) ڪراچي" تي کوليا ويندا.

اهم نوٽ:
- اي-واڪ بابت ڪنهن به معلومات لاءِ مهرباني ڪري ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ، پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اسپتال، نوابشاهه شهيد بينظير آباد سان 0244-9370264 تي رابطو ڪريو.
- حڪومت طرفان اعلان ڪيل سرڪاري موڪل يا ڪنهن ٻئي غير متوقع حالتن جي صورت ۾، ٽينڊر/واڪ ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن وقت ۽ هنڌ تي کوليا ويندا.
- خريد ڪندڙ ايس پي پي رولز 2010 جي لاڳاپيل شقن جي تحت ڪنهن به/سڀني واڪن کي رد ڪري سگهي ٿو.
- ڪنهن به ڏکيائي جي صورت ۾، دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙ آفيس جي ڏينهن/ڪلاڪن دوران 051-111-137-237 تي اي-پيڊس هيلپ لائن سان رابطو ڪري سگهن ٿا.

ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ
پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اسپتال، نوابشاهه
شهيد بينظير آباد

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF-KRY.NO.3867/2025

روزاني عبرت

غلام مصطفيٰ جمالي
صفحو 4
'ملاح مٺي ماءُ اوتارا آڏن کي'

وفا جي پيڪر مخدوم امين فهيم جون يادون!
نور ستي
صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاده
صفحو 4
اُٺ، جهاز، تيل ۽ امت مسلمہ جو وچايل 'انڪار'

روس پاران خطي ۾ امن لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جي آڇ!
صفحو 4

ايڊيٽوريل

ٻلڙي جي گورنمينٽ ڪيمپس بوائز هاءِ اسڪول جهنگ ڪاٺيار جي عمارت زبون حالي جو شڪار

ڪيمپس بوائز هاءِ اسڪول شديد زبون حالت، اڌوري تعمير ۽ بنيادي سهولتن جي شديد کوٽ سبب تباهي جو منظر پيش ڪرڻ لڳو

نئين عمارت ۾ دروازا، دريون، رنگ روغن، بجلي، واش رومز ۽ ٻين ضروري حصن جو ڪم رهيل، بااثر ٺيڪيدار غائب ٿي ويو

ڪيترائي ڀيرا شڪايتون ڏيڻ باوجود ڪنهن به عملدار يا ٺيڪيدار کي به تحرڪ نه ورتو آهي، اختياريون نوٽيس وٺن: رهواسي

ملاڪاٺيار (ن ع) ٻلڙي شاهه ڪريم تعلقي جي ڳوٺ جهنگ ڪاٺيار ۾ قائم گورنمينٽ ڪيمپس بوائز هاءِ اسڪول شديد زبون حالت، اڌوري تعمير ۽ بنيادي سهولتن جي شديد کوٽ سبب تباهي جو منظر پيش ڪري رهيو آهي. اسڪول جي نئين عمارت جو تعميراتي ڪم ڪيترن ئي مهينن کان اڌ ۾ ڇڏي ڏنو ويو آهي، جتي چونڊيل نمائندن جي آشيرواد سان ڪم ڪندڙ بااثر ٺيڪيدار غائب ٿي ويو جنهن سبب عمارت اڄ ڏينهن تائين مڪمل نه ٿي سگهي آهي. نئين عمارت ۾ دروازا، دريون، رنگ روغن، بجلي، واش رومز ۽ ٻين ضروري حصن جو ڪم بيٺل آهي جنهن ڪري سياري جي سخت موسم ۾ شاگرد بنا تحفظ جي کليل ڪمرا استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن. اداري اندر فرنيچر جي شديد کوٽ پڻ شاگردن ۽ استادن لاءِ وڏي تڪليف جو سبب بڻيل آهي. ڪيترائي ڀيرا شڪايتون ڏيڻ باوجود ڪنهن به عملدار يا ٺيڪيدار کي به تحرڪ نه ورتو آهي. مقامي استادن ۽ والدين جو خدشو آهي ته جيڪڏهن تعميراتي ڪم فوري طور مڪمل نه ٿيو ته علائقي جي نئين نسل جو تعليمي مستقبل خطري ۾ پئجي ويندو. هيڊ ماسٽر عبدالستار سليس محمد يعقوب ڳاهو ۽ انيس احمد صبحپوٽو ٻڌايو ته حڪومت پاران فنڊ جاري ٿيڻ باوجود اسڪول جو ڪم بيوقرق حالت ۾ بيٺل آهي، جيڪو سواليا نشان آهي ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي لازمي آهي. مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته نه صرف هي اسڪول پر ٻلڙي شاهه ڪريم جي اڪثر تعليمي ادارا ايجوڪيشن ورڪس کاتي جي بي ڌياني ۽ نااهلي سبب رولڙي جو شڪار آهن جيڪو نه صرف تعليمي ماحول کي تباهه ڪري رهيو آهي پر شاگردن جي صحت لاءِ به وڏو خطرو بڻيل آهي. والدين جو چوڻ آهي ته ايجوڪيشن ورڪس کاتو سالن کان مسئلو حل ڪرڻ جي دعوائن کان اڳتي نه وڌيو آهي. علائقي واسين سنڌ حڪومت، ايجوڪيشن ورڪس کاتي ۽ ضلعي انتظاميه کان مطالبو ڪيو آهي ته تعميراتي عمل فوري طور بحال ڪيو وڃي، اسڪولن جا بنيادي مسئلا مستقل بنيادن تي حل ڪيا وڃن

ملاڪاٺيار: گورنمنٽ بوائز هاءِ اسڪول جهنگ ڪاٺيار جي عمارت

هٽڙي ٿاڻي جي حد ۾ بدامني ۽ سماجي برائين خلاف گڏجاڻي

منشيات خلاف پنج رڪني ڪميٽي جوڙي وئي، جلد تحريڪ هلائڻ جو فيصلو

هٽڙي ٿاڻي جي حد ۾ امن امان جي صورتحال خراب آهي، جدوجهد ڪرڻي پوندي: اڳواڻ

مسويرگڙي (ن ع) هٽڙي ٿاڻي جي حد ۾ بدامني، منشيات، ۽ سماجي برائين جي خاتمي لاءِ واڻڪي وسي ۾ مختلف مڪتب فڪر جي اڳواڻن جي گڏجاڻي منشيات خلاف پنج رڪني ڪميٽي جوڙي وئي، جلد تحريڪ هلائڻ جو فيصلو تفصيل موجب مسويرگڙي لڳ ڳوٺ واڻڪي وسي ۾ هٽڙي ٿاڻي جي حد ۾ منشيات، آئيس شراب،انڊين سوپاريون ٽوڙي بدامني جي اضافي ڪانپو واڻڪي وسي جي مختلف سماجي، سياسي، قومپرست،استادن،شاگردن،مذهبي اقليتي ۽ ٻين مڪتب فڪر سان لاڳاپيل اڳواڻن جي گڏيل گڏجاڻي ٿي گذري، گڏجاڻي سنڌين نيشنل ڪانگريس جي ايڊووڪيٽ محب آزاد،جسقم آريسر جي ڪامريڊ فقير شبير لغاري جي ميزباني هيٺ ٿي گذري، گڏجاڻي ۾ سيد اڪرام شاهه جهانيان پروفيسر علي نواز لغاري، غلام علي لغاري، ايڊووڪيٽ محب آزاد،ڪامريڊ شبير لغاري،۽ ٻين پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته هٽڙي ٿاڻي جي حد جي ڪيترن ئي علائقن ۾ آئيس واهيو انساني جانيون ڳڪائڻ لڳو آهي نوجوان نسل تباهه ٿيڻ لڳو هٽڙي ٿاڻي جي حد ۾ امن امان جي صورتحال خراب آهي گڏجاڻي ۾ منشيات ۽ بدامني جي تحريڪ هلائڻ جو فيصلو ڪيو جنهن جي 5 رڪني ڪميٽي جوڙي وئي جيڪا سيني جي گڏيل راءِ سان ۾ سماج دشمن منشيات فروش جي نشاندهي ڪري اعليٰ انتظاميا کي آگاهي ڏين ته واڻڪي وسي ۽ ڀرپاسي مان سماجي برائين ختم ٿي سگهن ۽ امن امان جي صورتحال بهتر ٿي سگهي. گڏجاڻي ۾ سيد مهدي شاهه زوار امام بخش لغاري، حاجي مولا بخش لغاري، ڪائونسلر عظيم لغاري، مذهبي اڳواڻ شڪيل لغاري نوجوان شاگرد اتحاد مجيب لغاري، فيصل لغاري،سائين پرڪو مل،پانچو مل،صحافي محبوب لغاري، صحافي عمران لغاري ۽ ٻين معززين شرڪت ڪئي

مسويرگڙي: هٽڙي ٿاڻي جي حد ۾ بدامني ۽ سماجي برائين خلاف گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ڊاسوڙي ٿاڻي جي پرسان ريزڪي دڪان جي ڇت کي ڪاٽ

نامعلوم چور خالد ملڪ جي دڪان مان سامان ۽ روڪ رقم چوري ڪري ويا

چورن سڄي دڪان جو مڪمل صفايو ڪيو آهي هن اڳ به 3 ڀيرا چوري ٿي آهي: خالد ملڪ

عثمان شاهه هٽڙي (ت ر) عثمان شاهه هٽڙي ويجهو ڊاسوڙي شهر ۾ دڪان مان لکين روپين جي چوري نامعلوم چور ڊاسوڙي ٿاڻي جي پرسان مقامي واپاري خالد ملڪ جي ريزڪي دڪان جي ڇت کي ٽوڙي اندر پيل سوورو ڪاڏي جو سامان روڪ رقم چوري ڪري ويا معاثر دڪاندار خالد ملڪ صحافين کي ٻڌايو ته سندس لٽيل چوري جي ماليت لکين آهي چورن سڄي دڪان جو مڪمل صفايو ڪيو آهي هن اڳ به 3 ڀيرا چوري ٿي آهي ۽ پر ڊاسوڙي پوليس ڪنهن جو نوٽيس نه ورتو معاثر دڪاندار ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سيد سليم شاهه کي اپيل ڪئي ڊاسوڙي پرسان لٽيل دڪان چوري جو نوٽيس وٺي ڊاسوڙي پوليس کان پڇاڻو ڪري ۽ مون غريب سان انصاف ڪيو وڃي

عثمان شاهه هٽڙي: ڊاسوڙي ٿاڻي جي پرسان ريزڪي دڪان جي ڇت کي ڪاٽ لڳل نظر اچي ٿي ٻئي طرف معاثر ڏيکيندي

ڪوٽڙي ڪبير ۾ ڳوٺ ڪوڙو سهتو جي رهواسي جو احتجاج

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) ڳوٺ ڪوڙو سهتو جو رهواسي ڏني بخش سهتو پريس ڪلب ۾ اچي ٻاڙين جي خلاف احتجاج ڪندي ڏاڍهيندي ميڊيا کي ٻڌايو ته منهنجي اٽڙ لڪن ريين جي پلوڙ مينهن ظالمن لٽيون هٿي ماري وڏو ناحق ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي مينهن اتفاق سان قاضي خليل جي ڪيلن واري باغ ۾ هلي وئي ماڙ مينهن ڪيلن سان ڪاهڻ ويس ته قاضي خليل جي هارين لالو پنڊ ۽ اعجاز ٻوهيو مينهن ڏيڻ کان ڏب جواب ڏئي ڇڏيو پوءِ لالو پنڊ پنهنجا پاڻ ۽ پاڻ لٺيون سان گهرائي مينهن کي لٺيون، ڪهاڙين جي ڦهارن سان ڊوڙائي ڊوڙائي تشدد ڪري مينهن کي بيحال ڪري هليا ويا، هنن وڌيڪ ٻڌايو ته سان شرافت ۽ صبر ڪندي مينهن کي آهستي آهستي ڏڪي ڏڪي گهر ڪاهي آيس بعد ۾ ڊورن جي ڊاڪٽر کي گهرايم جنهن مينهن جو معائنو ڪرڻ بعد چيو ته علاج ڪيون ٿا پر مينهن مشڪل بچي، اٺ ڏينهن علاج هلڻ ڪانڻ پوءِ ڪالهه مينهن زخمن جا سور نه سهندي ٽڙپي ٽڙپي سري وئي آهي مان اهڙي ابن سي خانواهن ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي ايس ايچ او نادر خاصخيلي عملي سميت پهچي ويو جنهن پاڻ ڪڏ ڪوڏائي مينهن کي ڪڏ ۾ پوراڻي ڇڏيس جڏهن ته هيننر تائين ڪاٻ گرفتاري عمل ۾ نه آئي آهي هن ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد، ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ اعليٰ انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي

ڪوٽڙي ڪبير: ڳوٺ ڪوڙو سهتو جي رهواسي احتجاج ڪندي

سکرنڊ ۾ شاهه لطيف ڊجيٽل پبلڪ لائبريري جو افتتاح

جديد تعليمي سهولتون ڏيڻ لاءِ ڊجيٽل لائبريري جو آغاز ڪيو ويو آهي: عذير اختر شاهه

ڊجيٽل پبلڪ لائبريري ۾ ڪافي تعليمي مواد اهڙو به آهي جيڪو عالمي سطح جو آهي

سکرنڊ (ن ع) شاهه عبداللطيف پبلڪ لائبريري جي عبدالحڪيم ارشد هال ۾ چيئرمين ٽائون ڪاميٽي سيد عذير اختر شاهه پاران شاهه لطيف ڊجيٽل پبلڪ لائبريري جو افتتاح ڪيو ويو ساٿس گڏ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي، شهري اتحاد جو اڳواڻ صدر سيد احسان شاهه نوجوان اتحاد جو شير لاڪو ۽ استاد ارشد آرائين پڻ هئا ان موقعي تي سيد عذير اختر شاهه ڳالهائيندي چيو ته موجوده جديد ۽ آئي ٽي جي دور ۾ شاگردن کي جديد تعليمي سهولتون ڏيڻ لاءِ ڊجيٽل لائبريري جو آغاز ڪيو ويو آهي جنهن مان نوجوان فائدو ڪري سگهندا هن چيو ته ڪافي تعليمي مواد اهڙو به آهي جيڪو عالمي سطح جو آهي پر پاڪستاني مارڪيٽ ۾ موجود ناهي ان مواد کي شاگرد انٽر نيٽ ذريعي ڊائون لوڊ ڪري سگهن ٿا جڏهن ته موجوده مهانگائي واري دور ۾ پڻ هر شاگرد ڪتابن جي خريد جي سگهه نٿو رکي ان ڪري پڻ آسان بڻايو ويو آهي لائبريري ۾ پرنٽر جي سهولت پڻ ڏني وئي آهي جتان هر ڪتاب حاصل ڪري سگهجي ٿو سيد عذير اختر شاهه اهو به چيو ته آسان جي قائد بلاول ڀٽو زرداري جو خواب آهي ته ملڪ جو هر نوجوان تعليم يافته هجي ان تي پڻ عمل ڪري رهيا آهيون ٻهرين مرحلي ۾ چار ليب ٽاپ رکيا آهن ضرورت پوڻ تي وڌائي به سگهجن ٿا ان کان اڳ آئي ٽي انچارج حيدر خانزاده مهمانن کي لائبريري بابت بريف ڪيو افتتاحي تقريب ۾ جاويد سومرو اصغر انصاري، شوڪت ڪيريو امجد خانزاده، راجا، غلام مصطفيٰ راجپوت ، امتياز ڪيريو لطيف ملاح ۽ شمشاد ملاح سميت ڪئي شخصيتون شريڪ هيون.

سکرنڊ : چيئرمين ٽائون ڪاميٽي سيد عذير اختر شاهه شاهه لطيف ڊجيٽل پبلڪ لائبريري جو افتتاح ڪندي

ڪمشنر سکر پاران گهنٽہ گهر تي وڌندڙ ٽريفڪ مسئلن تي نوٽيس

اي سي سٽي ساره فراز ميونسپل آفيسر نعمان علي ٽريفڪ ۽ پوليس آفيسرن سان گڏجاڻي

سڀ کان پهرين شهرين جي عام آگاهي لاءِ ميگا فون ذريعي اعلان ڪرايا ويندا: گڏجاڻي ۾ فيصلو

سکر (بيورو رپورٽ) ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي شهرين جي شڪايتن تي سکر شهر جي مرڪز گهنٽہ گهر تي وڌندڙ ٽريفڪ مسئلن تي نوٽيس وٺي ڇڏيو انهيءَ سلسلي ۾ ضروري قدم کڻڻ لاءِ هن پنهنجي آفيس ۾ ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان، ڪمشنر سکر ميونسپل ڪارپوريشن علي رضا انصاري اسسٽنٽ ڪمشنر سکر سٽي ساره فراز ميونسپل آفيسر نعمان علي ٽريفڪ ۽ پوليس آفيسرن سان گڏجاڻي جي صدارت ڪئي گڏجاڻي ۾ فيصلو ڪيو ويو ته سڀ کان پهرين شهرين جي عام آگاهي لاءِ ميگا فون ذريعي اعلان ڪرايا ويندا، جڏهن ته انهيءَ بعد ٽريفڪ جي قانونن جي خلاف ورزي ۽ حددخلين ڪندڙن خلاف گهربل قدم کڻندي سختي سان منهن ڏنو ويندو،ڪمشنر سکر هدايت ڪئي ته گهنٽہ گهر چوڌاري غير قانوني لنڊا بازار کي هٽائي ڪين شهر جي ويجهو متبادل جڳهه فراهم ڪئي وڃي، جتي اهي پنهنجو ڪم جاري رکي سگهن هن ٽريفڪ پوليس کي هدايت ڪئي ته گهنٽہ گهر کان معصوم شاهه ميناري طرف چڙهائي واري هنڌ رن وي رستي جي پابندي ڪرائي وڃي، جڏهن ته انهيءَ سان گڏوگڏ سامهون اينڊ گاڏين جي رڪاوٽ لاءِ اتي ڪاٺ بريسٽ لڳائڻ جا حڪم پڻ جاري ڪري ڇڏيا هن هدايت ڪئي ته موٽر سائيڪلن جي پارڪنگ لاءِ نشان لڳائڻ سان گڏ مختلف پوائنٽس تي زنجير پڻ لڳايا وڃن لڳايل زنجيرن کان ٻاهرين پاسي موٽر سائيڪلن جي پارڪنگ کي برداشت نه ڪيو وڃي ان سلسلي ۾ هن هدايت ڪئي ته سونائل مارڪيٽ، مهراڻ مرڪز جي دڪاندارن ٽوڙي ميڊيڪل اسٽور مالڪان کي ٽريفڪ تي ڪنٽرول ڪرڻ جي سلسلي ۾ مثبت تعاون لاءِ پابند ڪيو وڃي چا ڪاڻ ته گهڻي قدر گراهڪن جو تعلق انهن ئي دڪاندارن سان هجي ٿوان موقعي تي ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي اهو پڻ چيو ته سکر سنڌ جو ٽيون وڏو تجارتي شهر آهي ۽ اهو ضروري آهي ته آئينده شهر ۾ موٽر سائيڪلن ۽ ٻين گاڏين لاءِ مستقل پارڪنگ جو هنڌ پڻ مقرر ڪجي، جتي بازار اينڊ شهري گاڏيون پارڪ ڪري شهر ۾ پنڌ داخل ٿي سگهن، گهنٽہ گهر جي هنڌ بابت روزانو عوامي شڪايتون ملي رهيون آهن ته شهر ۾ پنڌ هلڻ به مشڪل بڻجي چڪو آهي هن اها پڻ هدايت ڪئي ته آئينده لاءِ شهر ۾ مستقل پارڪنگ لاءِ شهر جي پراڻي ٽانگا اسٽينڊ ۽ معصوم شاهه ميناري ويجهو خورشيد بيگم پارڪ جي جڳهن کي استعمال ڪرڻ تي پڻ غور ڪيو وڃي ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان ۽ ڪمشنر سکر ميونسپل ڪارپوريشن علي رضا انصاري گهنٽہ گهر جي هنڌن تي ٽريفڪ جام ۽ ٽريفڪ جو سبب بڻجندڙ حددخلين جي خاتمي لاءِ عملدرآمد جي خاطري ڪرائي ڇڏي،اجلاس جي خاتمي تي ڪمشنر سکر ڊويزن اسسٽنٽ ڪمشنر سکر سٽي ساره فراز ميونسپل آفيسر نعمان علي ۽ ٽريفڪ پوليس آفيسر کي اڄ ئي گهنٽہ گهر جي فوري دوري جي هدايت ڪري ڇڏي

سکر: ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي جي صدارت هيٺ سکر شهر ۾ سيتال گهنٽا گهر پرسان ٽريفڪ جي مسئلن بابت علي شڪايتن بابت اجلاس ٿي رهيو آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران جاري ڪيل واضح حڪمن باوجود هارڊ ايريا پاليسي تي عملدرآمد نه ٿي سگهيو

تعليم کاتي ۽ سنڌ حڪومت طرفان عدالتي حڪم کي مسلسل نظرانداز ڪرڻ تي اميدوارن ۾ سخت ڳڻتي پکڙجي وئي

هارڊ ايريا پاليسي تي عملدرآمد نه ٿيڻ سبب هزارين اميدوار شديد تڪليف، بيچيني ۽ غيريقيني صورتحال ۾ مبتلا ٿي ويا

حڪومت جي لاپرواهي سبب سنڌن روزگار خطري ۾ پيل آهي، جڏهن ته هارڊ ايريا ۾ تعليم جو نظام مڪمل طرح متاثر ٿي رهيو آهي: اميدوار

واهي پانڌي (ن ع) سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران جاري ڪيل واضح حڪمن باوجود هارڊ ايريا پاليسي تي عملدرآمد نه ٿيو هارڊ ايريا پاليسي تي عملدرآمد نه ٿيڻ سبب هزارين اميدوار شديد تڪليف، بيچيني ۽ غيريقيني صورتحال ۾ مبتلا ٿي ويا آهن تعليم کاتي ۽ سنڌ حڪومت طرفان عدالتي حڪم کي مسلسل نظرانداز ڪرڻ تي اميدوارن ۾ سخت ڳڻتي پکڙجي وئي آهي عدالتي فيصلي تحت هارڊ ايريا ۾ رهندڙ اميدوارن کي ترجيحي بنيادن تي استاد طور ڀرتي ڪرڻ لازمي قرار ڏنو ويو هو پر تعليم کاتو نه صرف ڀرتي جو عمل روڪيو بيٺل آهي پر ٻهراڙين ۾ سالن کان بند پيل اسڪول کولڻ لاءِ پڻ ڪي به حتمي قدم کڻڻ لاءِ تيار ناهي سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي جي اهڙي عمل سبب هارڊ ايريا جا سوين اسڪول بند پيل آهن جنهن سبب ٻهراڙي جي معصوم ٻارن جو مستقبل داءُ تي لڳل آهي ٻي پاسي هارڊ ايريا پاليسي تحت ماسترن جا آرڊر نه ملڻ ڪري اميدوارن ۾ شديد مايوسي ڇانيل آهي اميدوارن جو چوڻ آهي ته حڪومت جي لاپرواهي سبب سنڌن روزگار خطري ۾ پيل آهي جڏهن ته هارڊ ايريا ۾ تعليم جو نظام مڪمل طرح متاثر ٿي رهيو آهي. ڪيترن ئي علائقن ۾ استاد نه هئڻ ڪري ٻار بنيادي تعليم کان به محروم بڻيل آهن جنهن جو سڌو سنئون نقصان غريب ۽ پٺتي پيل علائقن جي مستقبل کي ٿي رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته اسٽي آرڊر جو جواز ڄاڻائي هارڊ ايريا سان واسطو رکندڙ نوجوانن جا 3 سال ضايع ڪيا ويا هاڻ جڏهن ڪورٽ جو فيصلو اچي چڪو آهي تڏهن ته ڪورٽ جي حڪم تي تعليم کاتو ۽ سنڌ حڪومت عملدرآمد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جيڪا سراسر ناانصافي آهي جڏهن ته سماجي ڏرين ۽ تعليمي دوست ساڃاهه وندن جوان سلسلي ۾ چوڻ آهي ته سنڌ حڪومت کي لازمي طور عدالتي حڪم تي فوري عمل ڪرڻ گهرجي، ڇو ته هاءِ ڪورٽ جو فيصلو مڪمل طور قانوني ۽ واضح آهي.

ماڻهن کي انصاف جي ڪا اميد نه رهي آهي: عامر وڙائچ

26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن عدالتي نظام کي نقصان پهچايو آهي

جيڪا تحريڪ شروع ڪئي وئي آهي، اها ترميمن جي واپسي تائين جاري رهندي

ٽري ميرواهه(ن ع) ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي اينڊ چوندن جي حوالي سان وڪيل اڳواڻن عامر نواز وڙائچ ۽ ڪريم بخش رند جي ٽري ميرواهه بار ايسوسيئيشن پهتا، وڪيلن پاران شاندار آجيان ڪئي وئي تفصيل موجب ڪراچي جي وڪيل اڳواڻ عامر نواز وڙائچ، حيدرآباد جي وڪيل اڳواڻ ڪريم بخش رند ۽ ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي صدر جي عهدي لاءِ اميدوار حسيب جمالي چونڊ مهم سلسلي ۾ ٽري ميرواهه بار پهتا، جتي ٽري ميرواهه جي وڪيلن شاندار استقبال ڪري ڪين سنڌي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ان موقعي تي وڪيل اڳواڻ عامر نواز وڙائچ ۽ ڪريم بخش لغاري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن عدالتي نظام کي نقصان پهچايو آهي، عملي طور تي عدالتن جو ڪردار ختم ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي عدالتن کي تالو لڳائڻو پوندي چوڻ ماڻهن کي انصاف جي ڪا اميد نه رهي آهي. وڪيل اڳواڻن ٻڌايو ته آئيني ترميمن خلاف جيڪا تحريڪ شروع ڪئي وئي آهي اها ترميمن جي واپسي تائين جاري رهندي ان موقعي تي ٽري ميرواهه بار ايسوسيئيشن جي صدر ايڊووڪيٽ مهتاب احمد شر ايڊووڪيٽ عبدالغفور جانوري، راجا الطاف شر ايڊووڪيٽ، ايڊووڪيٽ نذير شهباز شر سميت ٻيا وڪيل پڻ موجود هئا.

ملدسي هاءِ اسڪول ۾ سينئر استاد لڪاڏنو خاصخيلي جي ريٽائرمينٽ تي الوداعي پارٽي

ملدسي (ن ع) ملدسي هاءِ اسڪول ۾ سينئر استاد لڪاڏنو خاصخيلي جي سروس مڪمل ٿيڻ تي ملدسي هاءِ اسڪول ۾ الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي تلاوت ڪلام پاڪ ڪلاس ائين ڪلاس جي شاگرديائي سميرا ادا ڪري روشناس فرمايو ان کان پهرين استاد لڪاڏنو خاصخيلي کي اجرڪن گلن ۽ پئسن جا هار پارايا ويا اسڪول پرنسپال سر نياز اي ناتڇ ۽ سر علي مراد خاصخيلي جي قيادت ۾ سر لڪاڏنو خاصخيلي جو والهانا استقبال ڪيو ويو ڪجهه شاگردن جي ڇهري تي تقريب جي خوشي هئي پر ڪافي شاگرد سينئر استاد سر لڪاڏنو خاصخيلي جي رٽائرمينٽ تي اداس نظر اچي رهيا هئا.

ٽري ميرواهه: ايڊووڪيٽ عامر نواز وڙائچ ميڊيا سان ڳالهائيندي

گهوٽڪي ۾ ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي تقريب

ٻار ڪائنات جي سونهن هوندا آهن ان جي پرگهور اسان سڀني کي لهڻ گهرجي: مقررين

تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي انهن کي بهتر ۽ مڪمل سهوليتون ڏنيون وڃن

گهوٽڪي(ن ع)سنڌ جي تاريخي ماڳ مائيلو مومل جي ماڙي لڳ ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول پنهون وسير ۾ بالڪ ادبي فورم سنڌ پاران جشن ٻارڙا جي هڪ تقريب بالڪ ادبي فورم سنڌ جي مرڪزي صدر ۽ سنڌي ٻاراڻي ادب جي خوبصورت شاعر عبدالحئي پلو جي صدارت ۾ ڪوٺائي وئي جنهن ۾ گورنمينٽ بوائز مڊل اسڪول پنهون وسير جي هيڊ ماسٽر غلام مرتضيٰ ڪلادي ۽ استادن وقار علي ميرائي غلام مرتضيٰ چوهاڻ عزيزالله لٽانو ڪان علاوه اسڪولي ٻالڪن شرڪت ڪئي جڏهن ته جشن ٻارڙا تقريب ۾ گلن جهڙن اسڪولي ٻارڙن عبدالباري پلو شير علي وسير عبدالباقي پلو عمران علي ڇڇڻ احسن وسير رافيه خير محمد شيخ محمد راشد پلو دلشير ڇڇڻ ۽ ٻين گيت، ڪلام ٽيبلوز ۽ خاڪا پيش ڪري پروگرام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آخر ۾ بالڪ ادبي فورم سنڌ جي مرڪزي صدر عبدالحئي پلو ڳالهائيندي چيو ته ٻار ڪائنات جي سونهن هوندا آهن ان جي پرگهور اسان سڀني کي لهڻ گهرجي جڏهن ته تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي انهن کي بهتر ۽ مڪمل سهوليتون ڏنيون وڃن جيئن هنن جي هٿن ۾ ڪتاب ۽ قلم هجڻ چو ته ٻار سراسر سونهن ۽ سچ هوندا آهن جنهن جي ڪري سڄي دنيا رنگين آهي ۽ انهن جي خوشبوءِ سان سموري جڳ ۾ هبڪار آهي عبدالحئي پلو وڌيڪ چيو ته سنڌ جو ٻار وڏو ذهين ۽ هوشيار آهي ان جي ڪري هن ديس جي ٻارن کي محنت ڪري پڙهڻ گهرجي ڌرتي جي ٻارن جي حقن جي تحفظ لاءِ اسان سڀني کي جدوجهد ڪرڻ گهرجي جڏهن ته ان اسڪول جي ٻارن جو ٽيليٽ ڏسي دل ڏاڍي خوش ٿي آهي.

ڊي اي او سيڪنڊري خيرپور پاران گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول اپڙي جو دورو

خيرپور (ڊ ر) ڊي اي او سيڪنڊري خيرپور عبدالسميع پنهور، اسسٽنٽ ايجوڪيشن آفيسر عتيق الرحمن ميمڻ ۽ ٽي اي او سيڪنڊري خيرپور مختيار احمد سولنگي گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول اپڙي جو دورو ڪيو دوري دوران معلوم ٿيو ته ڪجهه استادن جون موڪلون صحيح طريقي سان ميئنٽين ٿيل نه هيون ۽ ڪجهه ڪيئي اهي موڪلون مقرر ٿيل قانون ۽ پاليسي کان وڌيڪ استعمال ٿينديون نظر آيون هن صورتحال تي اسڪول جي هيڊماسٽر ۽ لاڳاپيل استادن کان وضاحت طلب ڪئي وئي ۽ رڪارڊ صحيح نموني برقرار رکڻ جي هدايت ڪئي وئي ان کان علاوه اسڪول ۾ STEAM جو ڪم به معيار مطابق نه مليو ان سلسلي ۾ فوڪل پرسن کي به ايڪسپلينيشن ڏني وئي ۽ هدايت ڪئي وئي ته STEAM سرگرمين کي مقرر ڪيل معيار ۽ رهنمائن موجب مڪمل ڪيو وڃي دوري دوران مختلف ڪلاسن جو به معائنو ڪيو جتي شاگردن کان سوال جواب ڪيا ويا ته جيئن انهن جي سکيا جي سطح جو جائزو ورتو وڃي شاگردن کي سائنس بابت ڪجهه اهم جاڻ فراهم ڪئي

سکرنڊ جي ساڃاهه وندن پاران ايڊووڪيٽ نويد سومرو سان سرهي سانجهه

وڪالت جو شعبو اهم شعبو آهي، ان شعبي سان وفا ڪئي وڃي: سيد احسان شاهه

اسان کي اميد آهي ته نوجوان ايڊووڪيٽ نويد سومرو ان تي ضرور عمل ڪندو

سکرنڊ (ن ع) سکرنڊ جي ساڃاهه وندن پاران ايڊووڪيٽ نويد سومرو سان سندس سماجي ۽ وڪالت جي شعبي ۾ نمايان ڪردار نڀائڻ تي ساٿس سرهئي سانجهه ملهائي وئي ان سلسلي ۾ آرائين هائوس سکرنڊ تي شاندار تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ شعوري شخصيتن شرڪت ڪئي ان موقعي تي شهري اتحاد سکرنڊ جي اڳوڻي صدر سيد احسان شاهه حاجي مراد علي ملاح عليشير انڙ ۽ شمشاد ملاح الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته وڪالت جو شعبو اهم شعبو آهي جيڪڏهن ان شعبي سان وفا ڪئي وڃي ته سماج ۾ هر پاسي ڏوهن جو خاتمو ٿي سگهي ٿو پر بد قسمتيءَ سان ايئن نٿو ڪيو وڃي اسان کي اميد آهي ته نوجوان ايڊووڪيٽ نويد سومرو ان تي ضرور عمل ڪندو آخر ۾ نويد سومرو ڳالهائيندي چيو ته مان شڪر گذار آهيان دوستن جو جن مان ڏنو خاص مهربانيون قاضي جاويد سنائي جون جنهن محبتي ميڙي مڃتا ڏياري آهي ان موقعي تي آيل مهمانن پاران ايڊووڪيٽ نويد سومرو کي بوسڪي جو پٽڪو لنگيون اجرڪون ۽ هار پڻ پارايا ويا ان کان اڳ اشتياق احمد آرائين پاران آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو ويو سرهئي سانجهه ۾ شبير احمد شاهه

گڏيجي جي مختلف ڳوٺن جا رهواسي پيدائشي طور تي معذور ڪنهن مسيحا جا منتظر

پيدائشي طور تي معذورن جي حڪومت ۽ نه ئي ڪنهن غير سرڪاري آرگنائيزيشن ڪا مالي مدد ڪئي

غربت ۽ علاج ڪرائڻ جي سگهه نه هجڻ ڪري غريب معذور پنهنجن گهرن ۾ ڏکي زندگي گذارڻ تي مجبور

پنهنجي مدد تحت علاج ڪرائڻ جي باوجود اسان کي ڪو به فائدو نه ملي سگهيو آهي، سرندي وارا مدد ڪن: معذور

گڏيجي (ن ع) گڏيجي جي مختلف ڳوٺن نهال خان سولنگي، گڏيجي ملهيراڻي سولنگي، راڻوخان رسول آباد جا ڪيترائي رهواسي پيدائشي طور تي معذور ڪنهن به سرڪاري يا غير سرڪاري آرگنائيزيشن معذورن کي مالي مدد فراهم نه ڪئي آهي، جنهن جي ڪري غريب معذور پنهنجن گهرن ۾ ڏکي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. معذور الفت سولنگي زنوار حسين، ياسر عباس ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان تمام غريب هارين جا اولاد آهيون ۽ پيدائشي طور تي معذور آهيون. پنهنجي مدد تحت علاج ڪرائڻ جي باوجود اسان کي ڪو به فائدو نه ملي سگهيو اسان غربت جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهيون سرڪاري ۽ غير سرڪاري آرگنائيزيشن مدد نه ڪئي آهي. هنن چيو ته سرڪاري ۽ غير سرڪاري آرگنائيزيشن ڪاروبار ڪرڻ لاءِ مالي مدد جو مطالبو ڪيو آهي.

گڏيجي: مختلف ڳوٺن جا رهواسي پيدائشي طور تي معذور ڪنهن مسيحا جا منتظر آهن

روهڙي ۾ 17 سالن جي ناري پاران پسند جي شادي نه ڪرائڻ تان خودڪشي جي ڪوشش

سکر (بيورو رپورٽ) روهڙي جي ڇوهارا منڊي واري علائقي ۾ 17 سالن جي ناري پسند جي شادي نه ڪرائڻ تان خودڪشي جي ڪوشش، ڇڪتي جوڳي حالت ۾ اسپتال داخلان سلسلي ۾ ڇوهارا منڊي لڳ ميرائي ڳوٺ جي ناري ستاره ميرائي زرعي زهريلي دوا پي ڇڏي گهر ۾ موجود عورتن ۽ پاڙيسرين ۾ پاڄ مچي وئي گهر وارن فوري طور تي نينگري کي بيهوشي جي حالت ۾ تعلقہ اسپتال روهڙي پهچايو جتي ڊاڪٽرن ايمرجنسي بيس تي هن جي معدي مان زهريلو مواد ڪڍيو ابتدائي طبي امداد ڪان پوءِ ڪيس وڌيڪ بهتر علاج لاءِ سکر سول اسپتال جي فيملي ميڊيڪل وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس حالت کي انتهائي ڇڪتي جوڳو قرار ڏنو آهي اسپتال ذريعن موجب نينگري کي اسپتال آڻڻ وقت هوش ۾ نه هئي ۽ دل جي ڌڙڪن به تيزي سان گهٽجي رهي هئي جڏهن ته وارڊ ۾ ڪيس طبي سهولت ڏيڻ لاءِ سندس لاءِ خاص طبي ٽيم مقرر ڪئي وئي آهي.مقامي عورتن ۽ پاڙيسرين موجب، ستاره ميرائي ڪافي وقت کان پنهنجي پسند جي نوجوان سان شادي ڪرڻ جو مطالبو ڪري رهي هئي پر گهر وارا خانداني روايتن ۽ سماجي دٻاءَ جي ڪري راضي نه ٿي رهيا هئا. ملندڙ معلومات مطابق، گهريلو تڪرار وڌڻ بعد نينگري دلبرداشتہ ٿي هي انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿي. پاڙيسرين جو چوڻ آهي ته ڪيترائي ڀيرا روئي ڪري پنهنجي مرضي جي شادي لاءِ گهروارن کي التجا به ڪئي هئي پر انڪار ٿيڻ بعد هن جذباتي قدم کنيو

خيرپور جي جامعہ اسلاميہ حماديہ ۾ شاگردن لاءِ آگاهي سيمينار

خيرپور (ڊ ر) ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر خيرپور آفيس طرفان جامعہ اسلاميہ حماديہ ۾ شاگردن لاءِ هڪ آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ضلعي اليڪشن ڪمشنر خيرپور نعيم الرحمان ۽ اسسٽنٽ اليڪشن ڪمشنر آصف امير خاص مهمان طور شرڪت ڪئي مدرسي جي سربراهه مولانا مير محمد ميرڪ مهمانن جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو. سيمينار دوران اليڪشن ڪميشن جي نمائندن شاگردن کي ووٽر لسٽن ۾ نالي جي داخلا ۽ جاري مهم بابت تفصيل سان آگاهه ڪيو. ان موقعي تي شاگردن ۾ هڪ تحريري مقابلو به ڪرايو ويو جڏهن ته آخر ۾ ڪامياب شاگردن ۾ انعام پڻ ورهايا ويا.

ڪنڌرو ۾ حر جماعت جي اهم شخصيت حاجي شير محمد جمالي لاڏاڻو ڪري ويو

ڪنڌرو (ن ع) جمالي برادري جو چڱو مڙس حر جماعت جي اهم شخصيت حاجي شير محمد جمالي 80 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو سندس جنازي نماز ۾ سياسي سماجي شخصيتن حر جماعت جي ماڻهن سميت جمالي برادري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته تدفين تي سندن پوئينڙن سان ڳوٺ ڏاڙهون جمالي ۾ آسپاس جي

ميئر سکر پاران اهل حديث گهٽي ۾ ترقياتي ڪم جو آغاز

سکر (بيورو رپورٽ) ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ جي تعاون سان اهل حديث گهٽي ۾ ترقياتي ڪم جو آغاز ٿي چڪو جتي مينهن جي دوران پاڻي گڏ ٿيڻ سبب رهواسين کي ڏکيائين پيش اينديون هيون.چيئرمين عارف نور ۽ وائيس چيئرمين ثاقب راجپوت جي ڪوشش ۽ نگراني ۾ هي پراڻو مسئلو حل ٿيڻ جي ويجهو آهي. رهواسين انتظاميہ جي هن ڪوشش کي سٺو قدم قرار ڏيندي اميد ظاهر ڪئي آهي ته جلد ئي علائقي جي رهواسين کي مينهن جي پاڻي جي روڪٿام ۽ بهتر نيڪالي جي سهولت مهيا ڪئي ويندي.ساڳئي طرح ميڊيڪل مارڪيٽ ۾ به ترقياتي ڪم جو آغاز ڪري ڇڏيو ويو آهي. مقامي قيادت موجب، ان شاءَ الله تمام جلد ڪائونسلر ۽ چيئرمين محمد دين ڀاءِ جي تعاون سان باب الاسلام گهٽي ۾ به ڪم شروع ڪرايو ويندو جڏهن ته باغ حيات علي شاهه جي گهٽين ۾ پڻ ترقياتي منصوبن تي ڪم جو آغاز ٿي چڪو آهي.

سکر جون سڀ تاجر تنظيمون گلن جيان آهن: حاجي شفيع عباسي

سکر (بيورو رپورٽ) تاجر سپريم ڪائونسل جي صدر حاجي شفيع عباسي چيو آهي ته تاجر برادري جي فلاح ۽ ڀلائي، درپيش مسئلن جي حل ۽ حقن جي حصول لاءِ مخلصاڻي جدوجهد جاري رهندي سکر جي تاجر تنظيمن ۾ جمهوري روايتن جو فروغ، نون عهديدارن جو ووٽنگ ذريعي انتخاب ۽ شفاف نظام جو قيام خوش آئند قدم آهي هنن وڌيڪ چيو ته سکر جون سڀ تاجر

سکر اسمال ٽريڊرز جو تاجر سيڪريٽريٽ گولڊ سينٽر صرافہ بازار ۾ اجلاس

اتحاد، اتفاق ۽ يڪجهتي کي قائم رکي ئي واپارين جا مسئلا حل ڪري سگهجن ٿا: جاويد ميمڻ

اسان پنهنجي ذاتي مفادن جي بجاءِ واپارين جي اجتماعي مفادن جي لاءِ ڪم ڪيو آهي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر اسمال ٽريڊرز جي صدر حاجي محمد جاويد ميمڻ چيو آهي ته واپارين جي اتحاد، اتفاق ۽ يڪجهتي کي قائم رکي ئي واپارين جا مسئلا حل ڪري سگهجن ٿا الحمد الله سکر اسمال ٽريڊرز پهرين ڏينهن کان ئي ننڍن واپارين کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ ۽ انهن جي مسئلن جي حل لاءِ قدم کڻي رهي آهي اڄ سکر اسمال ٽريڊرز ۾ شهر جي اهم تجارتي يونينز نيو اٽرن مارڪيٽ گوليمار سکر ۽ انجمن تاجران نيم جي چاڙهي سکر جي شموليت ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته اسان پنهنجي ذاتي مفادن جي بجاءِ واپارين جي اجتماعي مفادن جي لاءِ ڪم ڪيو آهي اهو ئي سبب آهي ته اڄ شهر جون تجارتي يونينز سکر اسمال ٽريڊرز جي پليٽ فارم تي متحد ۽ منظر آهن اهڙن خيالن جو اظهار هن تاجر سيڪريٽريٽ گولڊ سينٽر صرافہ بازار ۾ سکر اسمال ٽريڊرز جي منعقد ڪيل اجلاس کي خطاب جي دوران ڪيو اجلاس ۾ سکر اسمال ٽريڊرز جي عهديدارن حاجي غلام شبير پلي حاجي عبدالقادر شيواني محمد عامر فاروقي خورشيد ميرائي حاجي رئيس قريشي بابو فاروقي حافظ محمد شريف ڏاڏا، اعظم خان محمد سليم مالا، محبوب صديقي نثار خان، عبدالباري انصاري، ڊاڪٽر سعيد اعوان محمد شاهد مگسي، محمد منير ميمڻ محمد شعيب ميمڻ محمد ذاڪر خان امان الله پٽي سيد عمير شاهه، محمد ابوبڪر آصف هاشماني، محمد طالب، محمد حامد رضا ميمڻ، محمد شهزاد مارفاني دلشاد علي ميمڻ، عاليان اڪبر خان زاهد قادري، سيد فرحان شاهه سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سکر اسمال ٽريڊرز پاران نئين شموليت اختيار ڪندڙ يونينز نيو اٽرن مارڪيٽ گوليمار ۽ انجمن تاجران نيم جي چاڙهي جي شموليت کي ڀليڪار ڪيو ۽ سڀني واپارين گڏيل راءِ سان نيو اٽرن مارڪيٽ جي صدر خورشيد احمد ميرائي کي سکر اسمال ٽريڊرز ۾ سينئر نائب صدر ۽ انجمن تاجران نيم جي چاڙهي جي سرپرست اعليٰ اعظم اعوان کي سکر اسمال ٽريڊرز ۾ جوائنٽ سيڪريٽري منتخب ڪيو ويو اجلاس کي خطاب ڪندي حاجي محمد جاويد ميمڻ ۽ ٻين اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسان واپارين ۾ ڏٺيڙ وجهڻ جي بجاءِ واپارين کي هڪ پليٽ فارم تيستحد ڪيو آهي واپاري برادري کي ٽئڪس امن ۽ امان بجلي گئس جي مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪئي آهي شهر ۾ وڌندڙ ٽريفڪ تجارتي مارڪيٽن ۽ اهم روڊن تي گاڏيون بيهڻ سبب سڄو سڄو ڏينهن ٽريفڪ جام رهندي آهي، جنهن سان تجارتي سرگرمين تي انتهائي منفي اثر مرتب ٿي رهيا آهن، شهر مان ٽريفڪ جام جي عذاب کان مستقل نجات جي لاءِ بندر روڊ تي بندر وال جي اندر وسيع اراضي پارڪنگ جي لاءِ موجود آهي، جتي پارڪنگ ايريا قائم ڪرڻ جي لاءِ انتظاميہ ۽ آفيسرن کي تجويزون ڏنيون آهن اتي پارڪنگ ايريا قائم ڪري شهر مان ٽريفڪ جام جي عذاب مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهجي ٿو اجلاس ۾ سکر اسمال ٽريڊرز ۾ شموليت اختيار ڪندڙ نيو اٽرن مارڪيٽ ۽ انجمن تاجران نيم جي چاڙهي جي عهديدارن کي خوش آمديد چوندي سنڌ جو روايتي تحفو اجرڪ ۽ گلن جا هار پڻ پهريايا ۽ عهدن تي فائز ٿيڻ تي مبارڪباد پڻ ڏنيون.

روهڙي جي پير واري ڳوٺ جي رهواسي جو سکر ۾ احتجاج

ڀاءُ عبدالحبيب پٽي 6 مهينا اڳ فوت ٿي ويو هو: عبداللطيف پٽي

ڀاڄائي عابده سڀ سامان ڪٺي هلي وئي هئي، هاڻي ملڪيت ڦٻائڻ چاهي ٿي

سکر(بيورو رپورٽ) روهڙي جي پير واري ڳوٺ جي رهواسي عبداللطيف پٽي پنهنجي معصوم ٻارن سان گڏ سکر پريس ڪلب جي اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته سندس ڀاءُ عبدالحبيب پٽي 6 مهينا اڳ فوت ٿي ويو هو جنهن بعد سندس زال عابده اسان جو گهر ڇڏي سمورو تعلق ختم ڪري سڀ سامان ڪٺي هلي وئي هئي ۽ هو هاڻي هو ملڪيت تي قبضو ڪرڻ لاءِ مرحوم مڙس جي نالي تي جعلي دستاويز تيار ڪرائي رهي آهي ۽ ان ۾ منهنجو ڀاءُ محمد ولي عبدالسميع ۽ ٻيا شامل آهن اهڙي شڪايتن تي مون کي ۽ منهنجي خاندان ۽ ٻارن کي سنگين نتيجا ڀوڳڻ ۽ گهر مان نيڪالي جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جڏهن ته ٿاڻي جي پوليس به خاموش آهي .متاثر شخص لاڳاپيل اختيارين کان نوٽيس وٺي انصاف جي تحفظ جو مطالبو ڪيو آهي.

سکر: روهڙي جي ويجهو هڪ ڳوٺ جو رهواسي عبداللطيف پٽي انصاف جي اپيل ڪري رهيو آهي جنهن ۾ سندس ٻار به شامل آهن

اسان جي ملڪ ۾ ٻار ڪٿي به محفوظ ناهن: شاهده پروين پيلار

معاشري جي وحشي بگهڙن ٻارڙن کان سندن معصوميت کسي ڇڏي آهي

اسان کهڙي منهن سان ٻارڙن جو عالمي ڏينهن ملهايون: ميڊيا سان ڳالهيون

سويوديرو (ن ع) سويوديرو جي سماجي اڳواڻ عورتن جي حقن جي غير سرڪاري تنظيم النساء ويلفيئر ٽرسٽ جي چيئرمين ميڊم شاهده پروين پيلار جو چوڻ آهي ته اسان کهڙي منهن سان ٻارڙن جو عالمي ڏينهن ملهايون جتي معصوم ٻار نه اسڪولن ۾ محفوظ آهن، نه مسجدن ۾، نه مدرسن ۾، نه ڳوٺن ۾، نه شهرن ۾، نه گلين ۾،گهٽين ۾، چوطرف وحشي بگهڙن ٻارڙن کان سندن معصوميت کسي ڇڏي آهي. ٻار ٻاهر رلند نٿا ڪري سگهن اسڪولن ۽ دڪانن تي نٿا وڃي سگهن ٻارڙن کان وڌيڪ تحفظ انهن وحشي بگهڙن کي آهي، جيڪي جانور وانگر معصوم ٻارڙن کي چيري ڦاڙي ماريو ڇڏين ٻار جيسيتائين ٻاهر هجن ٿا انهن جون مائرون بيچين رهن ٿيون خير سان ٻچا سلامت اچن ٻارڙن جي عالمي ڏينهن تي ٻارڙن جي قاتلن کي سزا ڏيڻ جي گهر ڪريون ٿا، ٻارڙن جي تحفظ جي گهر ڪريون ٿا.

ٽنڊوالهيار ضلعي ۾ روينيو عملي پاران 80 ايڪڙ زمين ۾ جعلسازي جو انڪشاف

تعلقہ حسين بخش مري تپي پير عظيم شاهه ۾ ڪرپشن ۽ جعلسازي جو هڪ نئون اسڪينڊل سامهون اچي ويو

اسان جي وڏن کي سيٽلمينٽ کاتي طرفان 1909 ۾ زمين مليل آهي جنهن جو رڪارڊ اسان وٽ موجود آهي: الهبچايو هاشم خاصخيلي

روينيو عملدارن بااثر ماڻهن سان ملي ڀڳت ڪري سندن نالي منتقل ڪري اسان جي حق تي ڌاڙو هنيو آهي نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار تعلقہ حسين بخش مري جي ديهه 109، ديهه 110، ديهه 117، تپو پير عظيم شاهه ۾ روينيو عملي طرفان غريب پورهيتن جي اٽڪل 80 ايڪڙ زمين ۾ جعلسازي جو انڪشاف غريبن جي زمين جعلي ڪاغذ ذريعي بااثر ماڻهن کي وڏي رشوت عيوض ڏئي ڇڏي زمين جا حقيقي وارث 1972 کان وٺي ڪمشنر ڊي سي ميرپورخاص اي سي ۽ مختيارڪار تعلقہ حسين بخش مري جي آفيس جا ڌڪا کائي رهيا آهن پر ڪين انصاف نه مليو خبر موجب ميرپورخاص ضلع جي تعلقہ حسين بخش مري تپي پير عظيم شاهه ۾ ڪرپشن ۽ جعلسازي جو هڪ نئون اسڪينڊل سامهون اچي ويو هن سلسلي ۾ مليل اطلاع موجب تعلقہ حسين بخش مري جي ديهه 109، ديهه 110، ديهه 117، تپو پير عظيم شاهه ۾ غريب پورهيتن الهبچايو هاشم خاصخيلي، شيرو خاصخيلي جي حقيقي وارثن محمد علي خاصخيلي، اعجاز خاصخيلي، چينو خاصخيلي نذير خاصخيلي ۽ ٻين وارثن عبرت جي ضلعي آفس ۾ ڏانهيندي چيو ته اسان جي وڏن کي سيٽلمينٽ کاتي طرفان 1909 ۾ زمين مليل آهي جنهن جو رڪارڊ اسان وٽ موجود آهي 1988 جا سچا نقل پڻ موجود آهن اسان جي وڏن جا زمين جا فوتي کاتا اسان جائز وارثن جي نالي تي تبديل ڪرڻ بدران تعلقہ حسين بخش مري جي روينيو عملدارن بااثر ماڻهن سان ملي ڀڳت ڪري سندن نالي منتقل ڪري اسان جي حق تي ڌاڙو هنيو آهي اسين ۽ اسان جا وڏا 1972 کان وٺي اڄ ناانصافي خلاف ڌانهي رهيا آهيون اسان ڪيترن ئي ادارن کي ناانصافي خلاف درخواستون ڏنيون آهن پر اسان کي اڃا تائين حق ۽ انصاف نه مليو هنن وڏي وزير جي انڪوائري ڪميٽي کان مطالبو ڪيو آهي ته ان معاملي جي انڪوائري ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

منهڙو واسي جو امڙ ۽ ڀيڻ سميت ٻانڌي ۾ احتجاج

مهينو اڳ دادو ۾ نياڻي مسمات زاهدان جمالي کي قتل ڪيو ويو: اعجاز جمالي

قتل جي واردات قربان جمالي جي چوڻ تي بلوچو جمالي ۽ ممتاز جمالي ڪئي

ٻانڌي (ن ع) منهڙو واسي اعجاز علي جمالي پنهنجي پيرسن امڙ ۽ ڀيڻ سان گڏ نيشنل پريس ڪلب ٻانڌي پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو آهي ته تقريباً هڪ مهينو اڳ دادو ۾ سندن نياڻي مسمات زاهدان جمالي کي قتل ڪيو ويو اعجاز جمالي موجب، قتل جي واردات قربان جمالي جي چوڻ تي بلوچو جمالي ۽ ممتاز جمالي ڪئي، جيڪي لاش کي دادو اسپتال ۾ ڇڏي فرار ٿي ويا. اعجاز جمالي جو چوڻ هو ته واقعي جي ايف آءِ آر ٻي سيڪشن ٿاڻي دادو تي ٽنهي جوابدارن خلاف داخل ڪرائي وئي آهي، پر افسوس آهي ته دادو پوليس اڃا تائين رڳو هڪ جوابدار بلوچو جمالي کي گرفتار ڪيو آهي، جڏهن ته قربان جمالي ۽ ممتاز جمالي کليل گهمي رهيا آهن هن الزام هنيو ته قربان جمالي جيڪو بااثر شخص آهي مبينا طور ٻه لک روپيا رشوت ڏئي پوليس تي دٻاءُ وجهي رهيو آهي ته ڪيس ڪيس مان ڪڍي ڇڏيو وڃي اعجاز جمالي سندس پوڙهي امڙ ۽ ڀيڻ ميڊيا آڏو دانهن ڏيندي چيو ته جوابدار طرفان ڪين بار بار موت مار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن ته جيئن هو ڪيس تان هٿ کڻي وٺن هنن ايس ايس پي دادو ڊي آءِ جي حيدرآباد رينج ۽ ٻين وس وارن اختيارين کان پرزور اپيل ڪئي ته نياڻي جي قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ هو ايس ايس پي آفيس آڏو سخت احتجاج ۽ ڌرڻو هڻڻ تي مجبور ٿيندا.

ٻانڌي: منهڙو واسي جو امڙ ۽ ڀيڻ سميت احتجاج ڪندي

انڪروچمنٽ ۽ غيرقانوني پارڪنگ ٽريفڪ جي رواني ۾ وڏي رڪاوٽ آهي: ساره فراز

ماضي ۾ ڪيترائي آپريشن به ڪيا ويا پر مستقل حل نه هئڻ سبب اهو مسئلو وري اڀري پوندو آهي

سکر شهر ۾ سڀ کان وڏي تڪليف منظر ۽ مخصوص پارڪنگ ايرياز جو نه هئڻ آهي

سکر (بيورو رپورٽ) اسسٽنٽ ڪمشنر سکر سٽي ساره فراز چيو آهي ته شهر کي انڪروچمنٽ ۽ غيرقانوني پارڪنگ جهڙن وڏن مسئلن کان مڪمل نجات ڏيارڻ ئي سندس پهرين ترجيح آهي هن چيو ته سکر جي مرڪزي بازارن، تجارتي هنڌن ۽ مصروف شاهراهن تي سالن کان قائم تجاوزات ۽ غيرقانوني پارڪنگ اسٽينڊ ٽريفڪ جي رواني ۾ وڏي رڪاوٽ بڻيل آهن جن جي خاتمي لاءِ ماضي ۾ ڪيترائي آپريشن به ڪيا ويا پر مستقل حل نه هئڻ سبب اهو مسئلو وري اڀري پوندو آهي اسسٽنٽ ڪمشنر چيو ته سکر شهر ۾ سڀ کان وڏي تڪليف منظر ۽ مخصوص پارڪنگ ايرياز جو نه هئڻ آهي جنهن سبب شهري مجبوري طور روڊن جي ڪنارن تي پارڪنگ ڪن ٿا ۽ ان سان ٽريفڪ جام هن منصوبي مطابق شهر جي سڀني دڪاندارن کي دڪان جي ٻاهران رڳو ٻه فٽ جاءِ استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي جتي هو پنهنجو ڪاروباري سامان رکي سگهندا جڏهن ته ان کانسواءِ روڊ يا فٽ پاٿ تي ڪا به تجاوزات برداشت نه ڪئي ويندي هن چيو ته هن فيصلي سان نه صرف ٽريفڪ جا مسئلا گهٽ ٿيندا پر خريداري لاءِ ايندڙ شهرين کي به آساني ٿي پوندي ساره فراز واضح ڪيو ته واپاري برادري هن منصوبي سان اصولي اتفاق ڪري چڪي آهي ۽ انتظاميہ سان مڪمل تعاون جي پڻ خاطري ڪرائي آهي پر ان جي باوجود جيڪڏهن ڪو دڪاندار يا شخص انتظاميہ جي حڪمن جي ڀڃڪڙي ڪندو ته ان خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي هن شهرين کي اپيل ڪئي ته هو شهر جي بهتري ۽

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 21 نومبر 2025ع

روس پاران خطي ۾ امن لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جي آڇ!

روس پاڪستان ۽ ڀارت توڙي افغانستان وچ ۾ تڪرارن جي حل لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جي آڇ ڪئي آهي. نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ماسڪو ۾ روس جي صدر ولاديمير پيوٽن سان ملاقات ڪئي. ملاقات دوران پاڪستان ۽ روس ٻطرفي ۽ علائقائي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ تي اتفاق ڪيو. پرڏيهي وزارت جي ترجمان موجب ملاقات دوران ايس سي او ميمبر ملڪن جا سربراهه به شريڪ ٿيا. روسي صدر ولاديمير پيوٽن اڳواڻن جي آجيان ڪئي. انهيءَ موقعي تي هن چيو ته خطي ۾ اقتصادي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ چاهيون ٿا. هيڏانهن پاڪستان ۾ روس جي سفير جو چوڻ آهي ته روس ڀارت ۽ افغانستان سان پاڪستان جي ڇڪتاڻ کي ختم ڪرائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهي اسان خطي ۾ امن ۽ سلامتي چاهيون ٿا.

روس جي تازين آڇن ۽ پاڪستان جي سفارتي قدمن کي خطي ۾ امن قائم ڪرڻ جي حوالي سان ڏسڻ جو وقت آهي. نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي ماسڪو ۾ روس جي صدر ولاديمير پيوٽن سان ملاقات ۽ شنگهائي تعاون تنظيم جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ واري تقريب نه رڳو پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ اهم موڙ آهي، پر ان سان گڏوگڏ خطي ۾ استحڪام لاءِ نيون امڪاني راهون به کولي رهيون آهن. ملاقات دوران پاڪستان ۽ روس ٻطرفي ۽ علائقائي تعاون کي مضبوط ڪرڻ تي اتفاق ڪيو. جڏهن ته روسي صدر ان ڳالهه تي زور ڏنو ته روس خطي ۾ اقتصادي تعاون کي فروغ ڏيڻ چاهي ٿو. هي هڪ اهم پيغام آهي. روس جي دلچسپي خاص طور تي پاڪستان، ڀارت ۽ افغانستان سان تعلقات ۾ توازن قائم ڪرڻ ۾ خطي جي امن لاءِ اهم ٿي سگهي ٿي. پاڪستان جي موقف مان ڏسجي ٿو ته ملڪ نه رڳو خطي ۾ امن جي ضرورت کي سمجهي ٿو پر ان لاءِ عملي قدمن جي تياري پڻ ڪري رهيو آهي. نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي بيان مطابق پاڪستان ٽيڪنالاجي تي ٻڌل فعال ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ نظام تيار ڪري چڪو آهي، جنهن سان خطي ۾ پيش ايندڙ قدرتي ۽ انساني آفتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت وڌي سگهي ٿي. ايس سي او جي شراڪتدارن سان گڏ مشقون ۽ تربيتون پڻ پاڪستان جي سنجيدگيءَ کي ظاهر ڪن ٿيون ته ملڪ خطي ۾ انساني تعاون ۽ ايمرجنسي تي تيار آهي. ٻئي طرف روس جي سفير جو پيغام نه صرف سياسي سطح تي اهميت رکي ٿو پر اهو امن قائم ڪرڻ لاءِ عملي ڪوشش جي شروعات جو به اعلان آهي. خطي ۾ پاڪ- ڀارت ۽ پاڪ- افغان ڇڪتاڻ جا اثر صرف انهن ملڪن تائين محدود نه آهن، پر مڪمل خطي جي استحڪام تي اثرانداز ٿين ٿا. تنهن ڪري روس جهڙو وڏو عالمي ۽ خطي وارو ڪردار ادا ڪندڙ ملڪ جيڪڏهن ثالث بڻجي ته ان جو اثر گهرو ۽ پائيدار ٿي سگهي ٿو.

پاڪستان جي لاءِ پڻ هي هڪ موقعو آهي ته هو پنهنجي سفارتي صلاحيتن کي وڌائي، خطي ۾ اعتماد قائم ڪري ۽ ايس سي او جهڙي طاقتور فورم ۾ فعال ۽ تعميري ڪردار ادا ڪري. جيڪڏهن پاڪستان ۽ روس جي وچ ۾ تعلقات مضبوط ٿين ٿا ته ان سان نه صرف ٻنهي ملڪن جي مفادن کي تقويت ملندي پر خطي ۾ سلامتي، اقتصادي ترقي ۽ انساني هم آهنگيءَ لاءِ پڻ مثبت ماحول پيدا ٿي سگهي ٿو. اهو واضح آهي ته امن قائم ڪرڻ صرف سفارتي بيانن سان ممڪن ناهي. عملي قدمن جهڙوڪ ٽيڪنالاجي تي ٻڌل ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ، مشقون، گڏيل منصوبابندي ۽ اقتصادي تعاون، خطي ۾ اعتماد وڌائڻ لاءِ بنيادي اوزار آهن. پاڪستان جي تياري ۽ روس جي دلچسپي، ڀارت ۽ افغانستان سان تڪرارن کي حل ڪرڻ لاءِ هڪ اهڙو فريم ورڪ مهيا ڪري سگهن ٿا، جيڪو صرف سياسي ڳالهين تي نه، پر عملي عمل تي ٻڌل هجي. پاڪستان لاءِ هاڻي موقعو آهي ته هو پنهنجي مضبوط سفارتي ۽ انساني صلاحيتن کي استعمال ڪندي، ايس سي او جي ذريعي پنهنجي خطي ۾ تعميراتي ڪردار کي وڌيڪ فعال بڻائي. روس سان مضبوط تعاون، تڪرارن جي حل لاءِ هڪ اهم قدم ثابت ٿي سگهي ٿو جيڪو نه رڳو خطي ۾ سياسي استحڪام، پر معاشي ترقي ۽ عوامي ڀلائي لاءِ پڻ اهم ثابت ٿيندو.

عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان

'ملاح مٿي ماءُ، اوتارا آڏن ڪي'


غلام مصطفيٰ جمالي

سمنڊ جو آبشار جهڙو سرگم جڏهن ڪناري سان ٽڪرائجڻ لڳي ٿو ته ڄڻ سڄي فطرت جو دل جهومڻ شروع ڪري ٿو پر ان جادوءَ واري آواز جي پويان ملاحن جي هڪ خاموش جدوجهد به آهي. جيڪا سمنڊ جي گهرائين ۾ پيدا ٿيندڙ لهرن سان هر روز نئون امتحان ڏئي ٿي. سنڌ جي نيري آسمان هيٺ ان نيرو وسيلو سمنڊ آهي. ملاحن لاءِ نه فقط روزگار جو ذريعو آهي پر هڪ تهذيبي رمز، هڪ اميد جو چراغ آهي. جيڪو صدين کان انهن جي زندگيءَ کي شڪل ڏئي رهيو آهي. ملاح، انهن جي ٻيڙي، سنڌن هٿ جي مهارت، انهن جو صبر ۽ انهن جي توڪل جو مجموعو هڪ اهڙو ورثو آهي، جيڪو اسان جي سماج، اسان جي ثقافت ۽ اسان جي معاشي ڍانچي سان لاڳاپيل آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي، جيڪو سنڌي شاعريءَ جو عظيم آواز آهي، اهو ملاحن جي هن وجود کي پنهنجي بيتن ۾ خوبصورت انداز سان پيش ڪري ٿو.

ملاح مٿي ماءُ، اوتارا آڏن ڪي. (شاهه لطيف)

هن بيت ۾ هن نه رڳو ملاحن جي مذهبي توڪل کي بيان ڪيو ويو آهي پر انهن جي تقدير سان ٿيل رابطي کي به گهرائيءَ سان پيش ڪيو ويو آهي. ملاح ڄاڻي ٿو ته پنهنجي زندگيءَ جو سفر سمنڊ تي آهي ۽ ان سفر ۾ سنڌس اڻڄاتل تقدير تي ڀروسو پڻ لازمي آهي. گذريل زماني ۾ ملاحن جي زندگي ڪٺين مشڪلاتن سان ڀريل هئي. انهن وٽ جديد ٻيڙيون نه هيون، نه ڪنهن قسم جي رابطي جو سامان، ۽ نه بچاءَ جو منظم نظام. اهي هر صبح پنهنجي ننڍي ٻيڙيءَ تي نڪرندا، آبهوا جي اندازن تي ڀاڙيندا، طوفانن ۽ تيز لهرن سان مقابلو ڪندا ۽ واپس اچڻ تي اها اميد ڪندا هئا ته انهن جي محنت مڇيءَ ۽ رزق جي صورت ۾ ڪين واپس ملندو هڪ المناڪ واقعو جيڪو شايد تاريخ ۾ نه وسرندڙ واقعو هو جڏهن ضلعي ٺٽي جي ابراهيم ڳوٺ ۾ جهوپڙين ۾ باهه لڳي، جنهن ۾ تقريباً 11 ملاح فوت ٿيا هئا، جن ۾ 5 مرد، 3 عورتون ۽ 2 ٻار شامل هئا. ميڊيا رپورٽن موجب حادثي جو سبب تيل جي بتي هئي، جيڪا هوا جي تيزيءَ سبب ٻري پئي ۽ باهه پڪڙجي وئي. ڪاٺ جون جهوپڙيون سڙي خاڪ ٿي ويون ۽ 11 زندگيون اجل جو شڪار ٿي ويون. هي هڪ اهڙو واقعو هو، جيڪو ملاحن جي عدم تحفظ، غير محفوظ رهائش ۽ سماجي لاپرواهيءَ جو ثبوت هو. هي واقعو صرف هڪ خبر يا انگ اکر نه آهي، اهو ملاح برادريءَ جي روزمره جي مشڪلاتن، سنڌن بي گهر حالتن ۽ انتظامي ڪوٽ جو عڪس آهي. اهڙي پسمنظر ۾ عالمي ملاحن جي ڏينهن جو احترام صرف رسم نه پر هڪ موقعو آهي ته اسان ملاحن لاءِ حفاظتي، سماجي ۽ معاشي تبديليون آڻيون، جيئن انهن جو پيشو ۽ زندگي محفوظ رهي. اڄ به ملاحن جي صورتحال ۾ گهڻيون چيلنجون آيل آهن. جديد دور ۾ اقتصادي طبقا تبديل ٿي رهيا آهن. وڏي مڇي مارڻ واري ٻيڙيون غيرقانوني طور ڪم ڪري رهيون آهن. سامونڊي آلودگي وڌي رهي آهي، موسمي تبديليون ۽ طوفانن جو وڌندڙ خطرو ملاحن کي وڌيڪ ڏڪائيندو آهي. انهن کي سمنڊ ۾ بچاءَ جا جديد اوزار گهٽ ملن ٿا. ان کان علاوه ملاحن جي اڪثريت کي انهن جي مڇي مارڻ جي روزاني آمدنيءَ ۾ وسيلا پيدا ڪرڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچن ٿيون. جيستائين وڏيون ٻيڙيون سنڌن روايتي طريقن سان ڪم ڪندڙن کان مڇي کنيو وڃي ٿو، جنهن سان مڇيءَ جا ذخيرا گهٽجي رهيا آهن ۽ روايتي ماهيگيرن جو پيشو خطرناڪ حد تائين بي نتيجو ٿي سگهي ٿو.

ملاح صرف روزي لاءِ سمنڊ تي نڪرندڙ ماڻهو نه آهن، بلڪ اهي ثقافتي ورثي جا محافظ آهن. روايتي ماهيگيري جا علمبردار آهن ۽ سمنڊ جي حياتيات لاءِ اهم ڪڙيءَ کي برقرار رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. جيڪڏهن مقامي حڪومتون، سرڪاري ادارا ۽ سماجي تنظيمون ملاحن جي مدد نه ڪن ته هي روايتي زندگي آهستي آهستي ختم ٿي سگهي ٿي. مقامي حڪومت لاءِ ذميواري آهي ته ملاح برادريءَ لاءِ جامع پاليسيون ناهي، انهن جي بنيادي ضرورتن کي پورو ڪري ۽ انهن

آمريڪا جي فضائن مان

اُٺ، جهاز، تيل ۽ امت مسلم جو وڃايل 'انڪار'

راجا زاهد اختر خانزاده

جڏهن خلافت عثمانيه جي منارن تي آخري روشني لرزي رهي هئي ۽ ڀري يورپي تخت گاهن ۾ انگريز نقشا ساز ميزن تي جهڪيل قلم سان پوري سلطنت کي ٽڪرن ۾ ورهائي رهيا هئا، عرب، شام، عراق، فلسطين اهڙيءَ طرح الڳ ڪيا پئي ويا جڻ ڪنهن جسم جون رڳون چيري الڳ ڪيون وينديون هجن قوميت جا نعرا، خفيه معاهدا، بغاوتن جون سرگوشيون استنبول جي دل چوڌاري هڪ اهڙي رڪاوٽ بڻجي بيٺيون، جن جي پويان طاقت جو مرڪز آهستي آهستي ڪمزور ٿيندو ويو.

حرم ۾ قتل ۽ غارت جون ڪهاڻيون عوام ضرور گهڙيون، پر تاريخ ٻڌائي ٿي ته زوال جو بنياد ڪنهن هڪ انگريز ڪرنل جي سازش نه هئي پر سياست جي ريشه دائين سفارت جي ساهه ڪڇائيندڙ ڪوڪن ۽ اندروني ڪمزوري کان آيو هو خلافت رخصت ٿي ته امت ڪجهه پرچمن نه پر سوين سرحدن ۾ ورهائجي وئي هر رياست الڳ داستان هر بادشاهي الڳ رخ ۽ مسلمانن جي ذهنن ۾ هڪ ئي سوال رهجي ويو ته هاڻي قيادت ڪٿان اڀرندي؟ وکرندڙ قافلي کي ڪهڙو چراغ وري هڪ ئي سمت ڏيکاريندو؟

صدين جي اُن بگاڙ ۾ وقت ٻن نالن کي جوڙيندي تاريخ جي صفحي تي رکي ڇڏيو رياض جي سون جهڙي ريت مان اڀرندڙ شاهه فيصل ۽ برصغير جي زخم مان جنم وٺندڙ ذوالفقار علي ڀٽو.

جڏهن 1973ع جي جنگ وچ اوڀر کي باهه ٻڌائي ڇڏيو، شاهه فيصل پهريون ڀيرو دنيا کي ڏيکاريو ته تيل رڳو زمين جو خزانو ناهي، پر امت جي گڏيل غيرت جو هٿيار به بڻجي سگهي ٿو تيل جي رسد گهٽ ٿي مغربي معيشتون لرزي ويون ۽ تاريخ ڏٺو ته ڪڏهن ريت به فولاد بڻجي وڃي ٿي هتي لاهور ۾ 1974ع جو اهو ڏينهن طلوع ٿيو، جڏهن ڀٽو شڪست خورده پاڪستان جون ٽٽل هڏيون سميٽي سڄي مسلم دنيا کي هڪ ميز تي ويهاريو مينارِ پاڪستان جي ڇانوَ ۾ اسلامي سربراهي اجلاس جڻ صديون پوءِ امت پاڻ کي ٻيهر هڪ جسم محسوس ڪيو هجي پر هر چراغ سان هڪ پاڇو هوندو آهي 1975ع ۾ شاهه فيصل پنهنجي ئي ڀائيٽي جي هٿان قتل ٿيو عدالت جي شاهدي، سزاءِ موت سڀ تاريخ جو حصو آهن پر پردي پويان ڪهاڻين جون سرگوشيون اڄ تائين باقي آهن ڪجهه بيانن ۾ قاتل جي زندگيءَ ۾ موجود هڪ مغربي، غير مسلم ڇوڪريءَ جو ذڪر اچي ٿو، ڪڏهن ڪيس 'يهودي ڇوڪري' چيو وڃي ٿو پر معتبر تاريخ اهي تفصيل خاموشيءَ سان نظرانداز ڪري ٿي يقين بس اهو آهي ته جنهن اڳ امت کي اقتصادي خودمختياريءَ جي همت ڏني، ان جي آواز کي ساڳئي هنگامي ۾ خاموش ڪيو ويو. اڃين خلافت جو زوال، رياستن جي جنم، تيل جو هٿيار، لاهور جي ڪانفرنس ۽ شاهه فيصل جو قتل هڪ ئي وهڪري جا مختلف موڙ بڻجي ويا.

هڪ صديءَ جو داستان پر وقت هلندو رهيو، منظر بدلجندا رهيا... ۽ تاريخ جي ريت ڦرندي ڦرندي اسان کي نئين صديءَ جي دروازي تي آڻي بيهاريو اهي ئي سوال، اها ئي امت پر چهرا بدلجي ويا، تخت بدلجي ويا ۽ طاقت جي ٻولي به بدلجي وئي.

هاڻي نومبر 2025ع، واشنگٽن ڊي سي جي انهيءَ وائيٽ هائوس ۾، جتي ڪڏهن شاهه فيصل جا فيصلا دنيا کي لرزائيندا هئا، اڄ سعودي ولي عهد محمد بن سلمان کي ڳاڙهي قالين، فوجي گارڊ، توپن جي سلامي ۽ جنگي جهازن جي فلاءِ پاسٽ سان آجيائُو پيو ملي. ملاقات ۾ اهڙو منصوبو رکيو ويو، جنهن جي ڇانوَ ۾ هڪ ٽريلين ڊالرن جي سيڙپڪاريءَ جا ستون اڀاريا پيا وڃن. هاڻي عرب دنيا آمريڪا تي تيل بند ڪري اثر نٿي وڌائي پر سرمايو، ٽيڪنالاجي ۽ ڊيٽا سينٽرن ذريعي پنهنجو وزن وڌائڻ چاهي ٿي. ٻئي طرف سياست جو نقشو به مڪمل بدلجي چڪو آهي. ابراهيمي معاهدن تحت اسرائيل آمريڪا جي ذريعي امارات، بحرين، مراڪش، سوڊان ۽ قازقستان سان تعلقات معمول تي آڻي چڪو آهي.

اڄ جو سعودي عرب وژن 2030ع جي چمڪ، ڪنسرٽن، فٽبال ڪلبن فلم انڊسٽري ۽ ميگا منصوبن جو نئون چهرو آهي ترقي بي مثال، پر ان جي چوڌاري عالمي طاقت جو دٻاءُ اڳ ڏٺل ڏاڍن جيان ليپٽيل آهي اهڙي پس منظر ۾ جڏهن واشنگٽن جو نئون باب کلي ٿو ته هڪ نئين حقيقت سامهون اچي ٿي.

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ وائيٽ هائوس ۾ محمد بن سلمان سان صحافي جي سوال تي جمال خاشقجي جي قتل تي کلي کلي ان جو دفاع ڪيو اهو دفاع آمريڪي انٽيليجنس رپورٽ جي ابتڙ هو جنهن ۾ قتل جا الزام ولي عهد سان سڌيءَ طرح جوڙيا ويا هئا. ٽرمپ صحافيءَ جي سوال کي 'هولناڪ گستاخانو ۽ نامناسب' چئي ڇڏيو: 'چاهي ڪو ڪيس پسند ڪندو هجي يا نه، اهڙيون شيون ٿي وينديون آهن ۽ شهزادي کي ان جو علم ئي نه هو.'

اهو لمحو هو جتي سياست، مفاد، اخلاق ۽ صحافت هڪ ئي ميز تي آمهون سامهون هئا، آمريڪي ميڊيا ان کي 'صحافت جي آزاديءَ تي حملو' چئي رهي هئي.

اچانڪ ڳالهه جو رخ بدلجي ويو جڏهن ٽرمپ خاشقجي تي ڳالهائي رهيو هو ته محمد بن سلمان ڪيس روڪيو ۽ بجاءِ جواب ڏيڻ جي نئين ليون جو حوالو ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيو هن چيو ته ڪيس 9/11 جي متاثرن جو درد محسوس ڪئي ٿو ۽ پوءِ ڳالهه ان طرف موڙي ته اسامه بن لادن 'سعودين کي استعمال ڪيو ته جيئن آمريڪا ۽ سعودي عرب جا لاڳاپا نقصان ۾ وڃهي سگهجن.'

سوال ڪجهه هيو جواب ڪجهه هيو، خاشقجي جو ذڪر هن پوءِ ڪيو، اهو به نرم لهجي سان: 'هي هڪ وڏي غلطي هئي... تڪليف ده به، اسان تحقيق ڪئي آهي ۽ نظام بهتر ڪيو آهي' پر انهن لفظن ۾ ڪوبه جواب، ڪوبه اخلاقي وزن نه هو. فقط افسوس جي هڪ ڏنڊ. ٻئي طرف خاشقجيءَ جي بيواهه هنان الاطر خاشقجي جو آواز ايڪس تي واشنگٽن جي پروٽوڪول کان گهڻو مٿاهون هو.

هوءَ لکي ٿي: 'منهنجي مڙس جي قتل مون کان سڀ ڪجهه کسي ورتو... مون کي سندس باقيات به نه مليون... ۽ نه انصاف مليو نه معاوضو.'

ان لمحي ٻنهي طرفن جي حڪمت عملي واضح ٿي وئي ٽرمپ اسرائيل جو حوالو ڏنو ۽ محمد بن سلمان 9/11 جي خاندانن جو دنيا کي ياد ڏيارڻ لاءِ ته انسان جو درد مذهب ۽ جغرافيه ۾ ورهائجي نٿو سگهجي هي منظر وڌيڪ ڳرو تڏهن ٿيو جڏهن سعودي ولي عهد آمريڪا ۾ سيڙپڪاري 600 ارب ڊالر کان وڌائي هڪ ٽريلين ڊالر ڪرڻ جو اعلان ڪيو دفاعي معاهدن F-35 جهازن ۽ ابراهيمي معاهدن جي ايندڙ مرحلن تي ڳالهيون پر مختصر لفظن ۾ ۽ ساڳي شام وائيٽ هائوس جي ڊنر ۾ منظر بلڪل بدلجي ويو.

ٽرمپ فخر سان اعلان ڪيو ته آمريڪا سعودي عرب کي 'ميجر نان نيٽو الائي' جو درجو ڏئي رهيو آهي هال ۾ اربين ڊالرن جا معاهدا، F-35 طيارا، ايٽمي توانائيءَ جا پروجيڪٽ، سڀ ڪجهه تاڙين سان ڀريو پيو هو پر سڀ کان ڊيڇاريندڙ ڳالهه اها هئي ته 70 هزار فلسطيني شهيدن تي هڪ لفظ به ڪونه چيو ويو، نه غزا جي ماتمي جون صدائون.

نه ٽوڙيل گهرن جا انبار، نه محاصري جو ذڪر.

ٽرمپ فقط اها لائن ورجائي: 'اهي لاش جيڪي حماس واپس ڪري رهيو آهي...'

ڄڻ فلسطيني انسان نه، رڳو خبرن جي فائيل جا ٽڪرا هجن ۽ شهزادو محمد بن سلمان صرف 'ٻن رياستن جي حل' جو هڪ نرم جملو چئي اڳتي وڌي ويو.

نه غزا جو نالو
نه شهيدن جو ذڪر
نه برباديءَ جو ڪو حوالو

گويا 70 هزار زندگيون آمريڪي پروٽوڪول ۾ ئي دفن ٿي ويون خاموشي جو وزن تڏهن ٽيڏو ٿيو جڏهن ٽرمپ ڪرسٽيانو رونالڊو تي مذاق ٻڌائڻ لڳو مهانگا کاڌا پروسڻ لڳو ۽ سعودي سيڙپڪاريءَ کي 'آمريڪا جي خوشقسمتي' سڏڻ لڳو.

سياست ضرورت ٿي سگهي ٿي، سيڙپڪاري اهم ٿي سگهي ٿي، پر هڪ سڄي قوم جي قبرن تي خاموشي؟ اهو تاريخ جو سڀ کان ڳرو منظر هو بعد ۾ شهزادي جي سرڪاري تقرير ۾ به فلسطين لاءِ واضح موقف ڪونه هو صرف اهو 'ٻن رياستن تي امن جو رستو ضروري آهي.'

پر ڪهڙي فلسطين لاءِ؟
ڪهڙي زمين لاءِ؟
ڪهڙن زخمن جي مرهم لاءِ؟
ڪٿي به ڪو نالو نه آيو

انهن سڀني ڳالهين گڏ ٿي 2025ع جي انهيءَ شام کي تاريخ جي سڀ کان گهري سياهه ٻڌائي ڇڏيو هڪ پاسي تيل جي عيوض عزت جي سياست جو چهرو بدلجي رهيو هو، ٻئي پاسي شاهه فيصل جي سڏڪو پرپل گونج دل ۾ اڀري: هڪ دور هو جڏهن تيل گهٽ هو پر اصول گهڻا، اڄ ٽريلين ڊالر آهن پر 'انڪار' ڪرڻ جي جرئت گهٽجي وئي آهي.

سعودي عرب دفاعي ۽ اقتصادي مفاهمت جي بدلي آهستي آهستي انهيءَ طرف وڌي رهيو آهي جيڪي سڀ تاريخ جا سچا ورق آهن پر ساڳي وقت هڪ تلخ سوال اڀري ٿو ته جي طاقت جو مطلب دولت آهي ته اڄ جو عرب ۽ اڄ جا مسلمان دنيا جي تاريخ جي امير ترين دور ۾ آهن پر جيڪڏهن طاقت جو مطلب خودمختياري ۽ دنيا اڳو 'انڪار' جي سگهه آهي ته پوءِ اسان گهڻو پٺتي وڃي چڪا آهيون 1973ع ۾ چند عرب ملڪن 'انڪار' ڪري دنيا جي معيشت کي ڌوڏيو هو اڄ ٽريلين ڊالر هوندي به امت جو گڏيل 'انڪار' تمام ڪمزور آهي.

پاڪستان جو سفر به هزارين رخن ۾ ورڪرجي چڪو آهي، پئي ٽٽل پاڪستان کي امت جي وچ ۾ بيهاري سگهي ٿو پر اڄ جو پاڪستان قرضن، سياست ۽ مجبوريءَ ۾ اٽڪيل آهي سعودي عرب به بدلجي چڪو آهي، اهو ملڪ جتي ڪڏهن شاهه فيصل سادگي، روحاني وقار ۽ اصولي سياست جي علامت هو... اڄ ساڳئي ولي ءَ تي شيخ راشد بن سعيد آل مڪتوم جو قول وارياءَ جي بگولي وانگر دل کي ڇهندو آهي:

'ترقي تڏهن بامعنيٰ ٿيندي آهي جڏهن ايندڙ نسل فقط سهولتون نه پر ذميواري به حاصل ڪن جيڪڏهن چمڪ بغير ڪردار جي اڳتي منتقل ٿئي ته عيش جي پويان زوال لڪل هوندو آهي.'

۽ هي سڀ ڪجهه تاريخ جو اڄ آهي

اهو اڄ جيڪو سڀائي جا فيصلا تيل جي بندش ۽ امت جي وڃايل 'انڪار' سان ٻڌل آهي

آخر سوال وري اڀري ٿو: ڇا اسان واقعي طاقتور ٿيا آهيون؟ يا صرف اُٺن جي جاءِ تي جهاز ۽ سادگيءَ جي جاءِ تي سرمايو اچي ويو آهي... پر فيصلا ڪرڻ جو آزاد روح پٺتي رهجي ويو آهي؟

طاقت جو اصل پيمانو اهو ناهي، جيڪو بئنڪن يا ٽاورن ۾ نظر اچي، پر اهو لمحو آهي جڏهن ڪا به قوم

سچي دنيا آڏو حق لاءِ 'انڪار' جي جرئت رکي، جيڪڏهن قيادت اهو 'انڪار' وڃائي ويهي ته ٽريلين ڊالر به زنجير بڻجي وڃن ٿا ۽ جيڪڏهن ڪو وري اها جرئت پيدا ڪري ته شايد...؟

تيل جو ڪالهه، اُٺن جي واڳ ۽ مستقبل جو جهاز، سڀ هڪ ئي سمت اشارو ڏئن

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

پندرهن سال گذرڻ باوجود گاج ڊيم منصوبو مڪمل نه ٿيو!

ڪاڇي جي ڏکڻي جابلو سلسلي ڪيرٿر وارن علائقن مان وهندڙ نئين گاج جي هڪ الڳ سڃاڻپ آهي. جيڪا سنڌ جي سڀ کان وڏي جابلو ندي طور سڃاتي وڃي ٿي گاج نئين بلوچستان ۽ سنڌ جي سرحدي علائقن مان وهي ڪري دادو ضلعي ۽ ايشيا جي وڏي ڍنڍ منڇر ۾ ڇوڙ ڪندي آهي تمام وڏين بلند پهاڙن کان وهي ايندڙ نئين گاج جو پاڻي علائقي جي سوين ڳوٺن جي هزارين انساني زندگين لاءِ به هاڃيڪار ثابت ٿئي ٿو ڀڙايو پيو وڃي ته گاج جو پاڻي انتهائي تيز ترين رفتار سان وهڻ ڪري به خطرناڪ سمجهيو وڃي ٿو ، آزادي واري ڏهاڪي کان ويندي هن مهل تائين ڪيترا ئي ڀيرا شديد برساتن دوران ڪاڇي واسي نئين گاج جي خطرناڪ وهڪرن جو مصيبتون برداشت ڪندا آيا آهن. گاج بند جي تعميراتي ڪم ۾ ناقص ميٽريل ۽ ڪرپشن جو نيب اختيارين نوٽيس ورتو نيب اختيارين نوٽيس وٺندي هتان جي آبپاشي کاتي جي ڪامورن خلاف ڪاروائي ڪندي ڪيس داخل ڪيو جنهن ۾ ان وقت جا دادو ضلعي جا آبپاشي آفيسر شامل هئا. آبپاشي کاتي دادو اندر بندن شاخن واهن ڪينالن جي رقم بااثر ماڻهن جي حوالي ٿيل آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته انهن ڪامورن آبپاشي کاتي کي ڪمائيءَ جو ذريعو بڻائي ڇڏيو هو ٿوري عرصي ۾ ڪک پتي مان لک پتي بڻجي ويا. حڪمران جماعت جي سگهارين ڌرين جي سمجهوتن کان پوءِ خزانو لٽيندڙ ڪامورن جي جند آجي ڪئي وئي ۽ ان دوران نيب جي سچائي به سامهون اچي وئي ته ڪاٿو ڪيتري قدر مخلص آهي 2022ع ۾ هڪ نااهل ناتجربيڪار ٺيڪيدار کي ٺيڪو ڏنو ويو، جيڪو هيترو عرصو گذرڻ جي باوجود به بند لڳندڙ ديوار جو ڪم ٽيٽيهه سئو فوٽ جي ديوار واري ڪم جو سئو فوٽ جو ڪم مس ڪري سگهيو آهي جڏهن ته بند جي جي پيچينگ پٿرن کي بند ڪرڻ لاءِ ست نمبر ٿلهي تار استعمال ڪئي پئي وڃي، جنهن سبب علائقي جي ماڻهن جو ساهه مٺ ۾ پئجي وڃي ٿو پر ڪرپشن جهڙي موذي مرض ۾ ورتل دادو ضلعي جي ڪامورن جي ڪنن تي جونءِ به ڪان پئي سُري، بند نه هجڻ ڪري نئين گاج جي وهڪرن سبب علائقي واسي جيڪي تڪليفون ڪاٽين پيا، تن جو ڪنهن به حڪمران کي ڪو اونو ناهي (پير بخش ٻبر جوکيو)

ورسيءَ جي مناسبت سان

وفا جي پيڪر مخدوم امين فهيم جون يادون!


7

منهنجي ذهن ۾ ان ڏينهن جا ڌنڌلا عڪس اڃان به ڪنهن فلمي سين جيان هلندا رهن ٿا، جڏهن آئون 12 سالن جو هئس. اسان جي ڳوٺ ملدسيءَ ۾ منهنجي چاچي حاجي محمود جي اوطاق تي روحاني سفر دوران مخدوم امين فهيم جن آيا هئا. حضرت مخدوم نوح رحه جي سالياني، ڇهه ماهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري سُهائي سومر تي والد سان ته ڪڏهن چاچا سان گڏ هالا وڃڻ ٿيندو هو جتي سنڌن ديدار ٿيندو هو. مون جڏهن هالا مان صحافت شروع ڪئي ته دوست صحافين سان گڏ امين سائين وٽ حاضري ٿيندي هئي. سروري تنظيم جي ڪنوينشن ۾ مخدوم طالب المولىٰ امين سائينءَ کي منهنجي پارت ڪئي هئي. جڏهن به امين سائينءَ جن جي حاضري ٿيندي هئي، ڪا پريس ڪانفرنس يا ڪوبه پروگرام هوندو هو، جنهن ۾ پاڻ شريڪ ٿيندا هئا ته آئون ادب وچان سلام دعا ڪندو هئس. 1988ع دوران پ پ حڪومت ۾ پاڻ مونکي ايئر بوائيز جو آرڊر ڏنو پر ان دور ۾ جيئن ته صحافت ڪرڻ جو جنون هوندو هو. مخدوم طالب المولىٰ جن جي لاڏاڻي تي پڻ مون ڪوريج ڪئي هئي ۽ ٽيجهي تي "روزاني عبرت"، "روزاني آفتاب" ۽ "روزاني سنڌو" ۾ خصوصي ايڊيشن شايع ڪيا هئا ۽ اُئين هو مونکي اڃان وڌيڪ پاڻ لڳا. مخدوم طالب المولىٰ جن جي هر ورسيءَ تي سروري پبليڪيشن پاران شايع ڪيل ميگزين ڪين ڏيندو هئس ته پاڻ خوشيءَ جو اظهار ڪندا هئا. پاڻ بيباڪ سياستدان، ملڪ جي اهم سياسي شخصيت، مشهور شاعر ۽ سماج سڌارڪ هئا. پاڻ لکين مريدن جو روحاني پيشوا هئڻ جي باوجود فقير منش شخصيت هئا. وفا جو پيڪر امين سائين ڪيترن ئي رنگن ۾ رڱيل هوندو هو. پاڻ 4 آگسٽ 1939ع مطابق 17 جمادي الثاني 1358هه جمع ڏينهن حضرت مخدوم نوح رحه جي 17هين سجاده نشين مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ جي گهر ۾ جنم ورتو. پاڻ چار درجا سنڌي ۽ قرآن شريف خانگي طور گهر ۾ حاصل پڙهيا. ڇهين کان ميٽرڪ تائين مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول هالا مان تعليم حاصل ڪيائون. انٽر سروري اسلاميه ڪاليج هالا ۽ بي اي پوليٽيڪل سائنس ۽ ايل ايل بي جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائون. پاڻ 1952ع ڌاري والد کان متاثر ٿي شاعري ڪرڻ شروع ڪيائون. شاعريءَ ۾ تخلص پهرين "امين" ۽ بعد ۾ ڪين والد گرامي کان "فهيم" تخلص مليو. پاڻ سياسي سفر جو آغاز 1966ع ۾ ٽائون ڪميٽي هالا جي چيئرمين جي حيثيت سان شروع ڪيائون ان بعد 1970ع ۾ ايم پي اي ۽ 7 ڀيرا ايم اين اي چونڊيا ويا. پاڻ ايجوڪيشن سوسائٽي هالا جو وائيس پريزيڊنٽ، اورينٽل ڪاليج هالا جا وائيس پريزيڊنٽ به رهيو. پاڻ پنهنجي والد جي نالي سان منسوب "بزم طالب المولىٰ" تنظيم جو بنياد رکي ان جي پليٽ فارم تان ادبي سرگرميون شروع ڪيائون. هالا ڪانسواءِ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ مشاعرا ۽ ادبي ڪانفرنسون ڪرايائون. پاڻ بزم جا مرڪزي صدر پڻ رهيا. سنڌن شاعريءَ جو مجموعو "پيغام" ٻه دفعا شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ غزل ۽ ڪافيون شامل آهن. ان کان علاوه پاڻ لاتعداد ڪتابن جا مهاڳ ۽ مقدما به لکيا. جڏهن ته پاڻ اڻ ڇپيل شاعري به وڏي تعداد ۾ ڇڏي ويا. سنڌن شوقن ۾ شاعري، ادب موسيقي، شڪار فوٽوگرافي شامل هئي جڏهن اڳوڻي وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاران ايوب خان سان اختلاف ٿيڻ ڪري پ پ پ جو بنياد وڌو ته ان زماني ۾ ذوالفقار علي ڀٽو سان پڻ سنڌن ملاقات ٿي هالا ۾ پ پ پ جو پهريون ٻه روزه ڪنوينشن گهرايو ويو، جنهن جي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڻ صدارت ڪئي هئي، ان ئي ڪنوينشن ۾ پاڻ پ پ پ ۾ شامل ٿيا ۽ ساهه جي آخري گهڙيءَ تائين ثابت قدم رهيا. پر ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت کان پوءِ جنرل ضياءَ جي ڪاري دور ۾ سنڌس ۽ سنڌس خاندان جون ڏنل قربانيون هميشه ياد رهنديون پ پ پ جي شروعاتي ڏينهن ۾ مخدوم امين فهيم سڄي سنڌ ۽ سرائيڪي پٽيءَ جا دورا ڪيا نه صرف سروري جماعت جي لکين ماڻهن پر بين واسطيدار ماڻهن کي به پ پ پ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني. پاڻ 1988ع ۾ مواصلات کاتي، 1993ع ۾ هائوسنگ ۽ تعميرات، جڏهن ته 2009ع ۾ واپار جهڙيون اهم وزارتون سنڌن هٿ هيٺ رهيون نواز شريف ۽ پرويز مشرف جي دور ۾ پ پ جي وزيرن، مشيرن ۽ اڳواڻن خلاف ڪرپشن سرڪاري فنڊن جي غلط استعمال جا ڪيس داخل ڪيا ويا پر ڪين مخدوم امين فهيم خلاف ڪوبه ثبوت هٿ نه آيو. نواز شريف جي دور ۾ مخدوم امين فهيم خلاف جيڪي ڪرپشن جا الزام لڳائي ڪيس داخل ڪيا ويا. جڏهن شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جلاوطن ٿي هئي ۽ اهو دور پ پ لاءِ ڏاڍو ڏکيو هو پر دنيا ڏٺو ته پ پ کي بچايو مخدوم امين فهيم هوءَ ۽ ان دور ۾ محترمه بينظير ڀٽو ڪيس پارٽيءَ جو "چيئرمين" مقرر ڪيو. شهيد راڻي جڏهن جلاوطني ختم ڪري ملڪ ۾ اچي سياسي سرگرميون شروع ڪيون ته مخدوم امين فهيم هر هنڌ ساٿس گڏ هوندو هو. شهيد راڻيءَ جي شهادت بعد سڀني کي اهو يقين هو ته مخدوم امين فهيم کي پ پ جو چيئرمين بڻايو ويندو ڇاڪاڻ ته هن کان وڌيڪ پارٽيءَ ۾ ڪنهن جون به قربانيون يا جدوجهد نه هئي. ان جو اعتراف خود محترمه بينظير ڀٽو صاحبه مختلف پريس ڪانفرنس ۽ جلسن ۾ ڪندي رهي ۽ پاڻ 2008ع جي رٿيل چونڊن کان اڳ ايندڙ وزيراعظم مخدوم امين فهيم کي بڻائڻ جو فيصلو ڪندي اعلان به ڪيو هئائين. ڪار ساز واقعي ۽ دماغ ۽ پٺن ۾ لڳل ڌماڪن جي ڪري ڪو مانو لڳڻ جي ڪري ڪين ڪينسر ٿي پئي. ٻاهرين ملڪن مان به علاج جاري هو پر سنڌن خواهش موجب ڪين سنڌ آندو ويو. اُئين پاڻ 21 نومبر 2015ع تي بمطابق 8 صفر المظفر 1437هه ڇنڇر ڏينهن 76 سالن جي ڄمار ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. پاڻ حضرت مخدوم سرور نوح رحه جي مزار ۾ سنڌن پيراڻديءَ کان سائين مخدوم امين محمد پکن ڏٺي جي پر ۾ سنڌن والد مخدوم طالب المولىٰ جن جي ساڄي طرف ڌرتي ماءُ جي هنج ۾ آرامي آهي. مشهور صحافي، ڪالم نويس ۽ شاعر مولانا غلام محمد گرامي جي راءِ مطابق مخدوم امين فهيم جي شاعري جماليات جي ڀرپور ترجماني ڪري ٿي. سنڌن موسيقيءَ سان به دلچسپي رهي، عابده پروين، محمد يوسف، استاد منظور علي خان، مهدي حسن، مصري فقير ۽ رونا ليليٰ سنڌن پسند جا فنڪار هئا. ان سان گڏ پاڻ صبح جو سوير ننڊ مان اٿي اخبارن جو پڻ مطالعو ڪندو هو. سنڌن شاعري ڪيترن ئي فنڪارن ڳائي آهي. پاڻ سياست سماجيات جي سموري رمزن کان واقف هئا. پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه مخدوم امين فهيم جي ٻين ورسيءَ جي موقعي تي مخدوم طالب المولا ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال جو سنگ بنياد رکيو ليڪن چونڊن کان اڳ پيش ڪيل بجيٽ ۾ شامل نه ٿيڻ ڪري ان جو ترقياتي ڪم شروع نه ٿي سگهيو. سنڌن ورسي درگاهه مخدوم سرور نوح رحه تي ملهائي پئي وڃي.

وڃي ويهي رهئين مون کان ڏاڍو پري
تنهنجي ڪاٿ سُري منهنجي ڪيئن سُري
تون "امين" ٿي اڄ انصاف ڪري
توکي ڀلا مان ڪيئن ڀلائيندس
(مخدوم امين فهيم)

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

اَڏِڻ نِـڏِڻ اَيـِري، اَسُـونـهـيـن آهـيـان:
لُڙڪَ لعَلَ، لَطِيفُ چَئِي، وَرَ لَءِ وَهايان:
هيجان هنجُون حَبَ ۾، هوتَنِ لَءِ هارِيان:
جانِبُ ضَعِيفِيءَ سين، پُنهون پَهايان:
پِيهان، پَچايان، جي مان نِيو پاڻَ سين.
—— (سُرُ مسئي آبري)

سياحت جو واڌارو: تبديليءَ جو پيغام


محمود شام

'توهان چئو ته زمين تي سفر ڪري ڏسو ۽ غور ڪريو ته ڪهڙي طرح الله تعاليٰ شروعات ۾ مخلوق کي پيدا ڪيو هو، پوءِ الله وري ٻيهر انهن کي نئين حياتي ڏيندو، ٻيهر پيدا ڪندو بيشڪ الله هر شيءِ تي مڪمل قدرت رکندڙ آهي' (القرآن سوره العنڪبوت آيت 20)

هڪ ٻيو دل کي موهيندڙ منظر جڻ ڪيترين ئي نسلون هڪ هنڌ گڏ ٿي بيٺل آهن. پوٽا، پوٽيون، پٽ، ڌيئرون، ماٿرون، پينرون، بزرگ ۽ نوجوانن جا روشن چمڪندڙ چهرا نظر اچي رهيا آهن. هر پيشاني تي هڪ پڪو عزم چمڪ پيو ڪري ۽ هر اک ۾ پاڪ سرزمين جي هميشه قائم رهڻ جي خواهش جهڙن خوابن جي روشني آهي. هن گڏجاڻي ۾ حڪومت به موجود آهي ۽ نجي شعبي جا ماڻهو به، اديب به ليکڪ، ناول نگار، ڪهاڻيڪار، شاعر، ٽريول ايجنٽ، ٽور آپريٽر ولاگرز ۽ سفرناما لکڻ وارا، سڀني جو هڪڙو ئي مقصد آهي: سنڌ ۾ روحاني، ثقافتي، تاريخي، تفريحي ۽ مجموعي سياحت جو وڌاءُ لطيف سرڪار جي سُرن ۾ گم ٿيل ماڻهو به موجود آهن. قلندر سرڪار جا ديوانا به، مير تقي مير جي درد ڀري شاعري جا قدر دان به ۽ علامه اقبال جي فڪر جا رهنما به. هتي ڪراچي يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ ڪي پي ڪي جا شاگرد به آهن. سنڌ ۾ رهندڙ پنجاب جا واپاري ۽ صنعتڪار به. بلوچستان جا درد مند پاڪستاني به هن ماحول جو حصو آهن. هڪ پاسي اندروني سنڌ پنهنجي مهمان نوازيءَ سان، ته ٻئي پاسي شهري سنڌ پنهنجي تهذيبي شان ۽ ورثي سان گڏ بيٺل آهن. اسٽيج جي پويان لڳل وڏن بورڊن تي سنڌ جا لازوال ۽ تاريخي هنڌ چمڪي رهيا آهن. سکر بئراج، موهن جو دڙو، شاهه جهاني مسجد، گورک هل، رني ڪوٽ ۽ مڪلي انهن سان گڏ باب خيبر شاهي قلعو لاهور ۽ زيارت (بلوچستان) جون عمارتون به نمايان نظر اچن ٿيون اُئين

الله پاڪ پاڪستان کي ڇا ڪجهه نه ڏنو آهي؟ هتي هر قسم جو زميني حُسن موجود آهي. ڪيترا ملڪ اهڙا آهن جن وٽ جبل ئي ناهن، ڪيترن وٽ سمنڊ ناهي، ڪي ملڪ رڳو ريگستانن تي مشتمل آهن ۽ ڪي ته پاڙيسري ملڪن کان پيئڻ جو پاڻي وٺي پنهنجو گذارو ڪن ٿا پر پاڪستان ۾ ته سڀ ڪجهه آهي، هتي هڪڙي ڏينهن ۾ چارئي موسم محسوس ڪري سگهجن ٿا، پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟ هن مايوسيءَ ۽ بي طرفيءَ واري دور ۾، هڪ منزل تعين ڪيو پيو وڃي. مان عرض ڪري رهيو آهيان ته جيڪڏهن ميڊيا، ٽريول ايجنٽ، ٽور آپريٽر هوٽل مالڪ، ليکڪ، سرڪاري وزير ۽ اعليٰ آفيسر سڀ گڏجي اهو ارادو ڪري وٺن ته اسان کي پنهنجي نوجوانن کي ۽ غير ملڪي سياحن کي به پنهنجا تاريخي قلعا، مقبرا، قديم قبرستان، شاهاڻا باغ، يادگير عمارتون، بلند چوٽيون ۽ وسندڙ دشت ضرور ڏيکارڻا آهن. ته ملڪ جو رنگ ئي بدلجي سگهي ٿو. سياحتي ترقياتي ڪارپوريشن جو ايم ڊي ٻڌائي ٿو ته هر سال دنيا جي مختلف ملڪن مان لڳ ڀڳ چار هزار پنج سئو (4500) محقق ۽ اسڪالر موهن جي دڙي تي تحقيق لاءِ اچن ٿا. اهي خاموشي سان وڌيڪ ريسرچ ڪن ٿا ۽ يونيسڪو به هن سڄي تحقيق جي سرپرستي ڪري ٿي. جيڪڏهن ميڊيا انهن محققن جي اچڻ ۽ انهن جي تحقيق بابت پنهنجي ماڻهن کي وقت بوقت آگاهه ڪندو رهي ته يقينن واهگا کان گوادر تائين پاڪستانين جي دلين مان اداسي جو بار گهٽجي سگهي ٿو. ڇو جو اهي سڀ آثار هي سڀ ورثا اسان جا پنهنجا آهن. اسان جي سڃاڻپ آهن. موهن جو دڙو،

دلچسپي ناهي هوندي ته جيڪي هاڻوڪيون آباديون انهن کنڊرات جي چوڌاري آباد آهن، ڇا انهن ۾ به ڪا تهذيب بچيل آهي؟ يا ڪو تمدن جو نشان موجود آهي؟ ممڪن آهي ته ٻن هزار يا ٽن هزار سالن بعد ڪو ٻيو محقق اسان جي تباهه ٿيل هنڌن تي اچي تحقيق ڪري، جيئن اڄ اسان جي پراڻين تهذيبن بابت تحقيق ڪئي وڃي ٿي.

هن تقريب جو خاص مهمان سيد ذوالفقار علي شاهه هو جوان، باهمت ۽ محنتي وزير سياحت، ثقافت ۽ آثار قديمه. هن وزير انهن کاتن کي، جيڪي عام طور خاموش ۽ پاسيرا سمجهيا ويندا هئا، ڄڻ ته نئون جوت ۽ نئين زبان عطا ڪئي آهي. سنڌس ڳالهين مان لڳو ٿي ته الله سائين سنڌ تي خاص مهربان آهي ۽ سنڌ جي سيدن تي ته گهڻيون ئي چڱايون ۽ نوازشون ڪيون ويون آهن. جيئن چوڻي آهي: 'پيرن ميرن جو خير سيدن جي بادشاهي' تقريب کان هڪ رات اڳ، پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، تقريب جي خاص مهمان سيد ذوالفقار علي شاهه کي اسلام آباد گهرايو. رات دير سان، صوبائي وزير ناصر حسين شاهه (وزير بلديات، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ) کي به آگاهه ڪيو ويو ۽ موضوع جي اهميت سبب هن پنهنجي مصروفيتن ۾ تبديليون ڪيون ۽ شرڪت ڪئي. سيد ناصر حسين شاهه پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سنڌ صدين کان مهمان نوازيءَ ۾ مشهور آهي، هتي پراڻن زمانن

فيصل احسان، بلاول سومرو، معز سليم احمد ۽ سبيل اعوان به سياحت کي وڌائڻ لاءِ پنهنجون عملي صلاحون ۽ تجويزون پيش ڪري رهيا آهن. سنڌ سياحتي ترقياتي ڪارپوريشن جو مينيجنگ ڊائريڪٽر فياض علي شاهه لڪي اها خوشخبري کڻي آيو ته سيد ذوالفقار علي شاهه اسلام آباد مان واپس ڪراچي پهچي ويا آهن ۽ هو سڌو ايئرپورٽ تان ئي تقريب ۾ اچي رهيو آهي. جڏهن تقريب جو ناظم اي ڪي ميمڻ، سامعين کي اها خوشخبري ٻڌائي ٿو ته ماحول ۾ هڪ نئون جوش، نئون جذبو پيدا ٿي وڃي ٿو سيد ناصر حسين شاهه ايوارڊ ورهائي واپس هليو ويو آهي، پر هال اڃا تائين ڦل ڀريل آهي. بزرگ، نوجوان ۽ عورتون سڀ خوش آهن ته سنڌ ۾ سرڪار ۽ نجي شعبي وارا سياحت لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ سنجيده آهن. ڪيترائي ٽريول ايجنٽ چئي رهيا آهن ته ٽوورازم لاءِ اهڙي وڏي تقريب، جنهن ۾ سڀ ذميوار ماڻهو گڏ موجود هجن، اڄڪلهه تمام گهٽ ڏسبي آهي. سيد ذوالفقار علي شاهه، حاضر ماڻهن جو ايترو وقت ويٺل رهڻ تي شڪريو ادا ڪيو ۽ پاڻ به خوش آهي ته نيٺ وقت تي تقريب تائين پهچي ويو هو. ٻڌائي ٿو ته جڏهن هن چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي عرض ڪيو ته ڪين سياحت جي واڌاري واري تقريب لاءِ ڪراچي جلد پهچڻو آهي ته چيئرمين بلاول پنهنجي جهاز ۾ پاڻ سان گڏ ڪين وٺي آيو. ان مان به اندازو لڳي ٿو ته بلاول ڀٽو زرداري جي نظر ۾ سياحت جي شعبي جي ڪيتري اهميت آهي. سيد ذوالفقار علي شاهه مختصر نموني ٻڌائي ٿو ته وزارت سياحت سنڌ اڃا تائين ڪهڙا قدم کنيا آهن ۽ ايندڙ وقت ۾ ڇا نيون منصوبابنديون شروع ٿي رهيون آهن. ماحول ۾ مايوسي ختم ٿي رهي آهي، هڪ نئون جذبو نئين اميد پيدا ٿي رهي آهي ته سياحت اهڙو خوبصورت شعبو آهي جتي شهري سنڌ ۽ اندروني سنڌ هڪ ٻئي جي ويجهو اچي

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج Vحيدرآباد سنڌ
فيملي سوٽ نمبر 746 سال 2024

خالد احمد جوڻيجو پٽ خدا بخش رهاڪو هائوس نمبر B-12 محلا گلشن بختاور فيز-II قاسم آباد حيدرآباد ۽ ٻيا....پلينٽف...خلاف: (1) ڊي سي حيدرآباد (2) اي ڊي سي-1 ٽنڊو محمد خان (3) اي سي تعلقو حيدرآباد (4) مختيارڪار (روينيو) تعلقو حيدرآباد (5) شاهد احمد جوڻيجو پٽ خدا بخش رهاڪو هائوس نمبر A-38 نقاش ولاز فيز-I قاسم آباد ضلعو حيدرآباد (6) مسمات شمع بيگم ڌيءُ خدا بخش زال اشرف ميمڻ فوتي معرفت سندس قانوني وارث: (اي) شهزاد پٽ اشرف ميمڻ فوتي معرفت سندس قانوني وارث: (i) مسمات مهوش بيواهه شهزاد (ii) انيق حسين پٽ شهزاد ڊفينڊنٽ نمبر (ii) مائنر معرفت هن مٽر/ گارڊين ڊفينڊنٽ نمبر (i) (بي) مسمات عظميٰ ڌيءُ اشرف ميمڻ (سي) مسمات بشريٰ ڌيءُ اشرف ميمڻ رهاڪو هائوس نمبر30 العباس هائوسنگ اسڪيم قاسم آباد حيدرآباد. (7) داؤد احمد پٽ رفيق احمد بالغ مسلم رهاڪو هائوس نمبر 11-A/1 اسٽريٽ نمبر26 محلا ڊي ايڇ اي فيز-V ايڪسٽينشن ڪراچي سائوٿ...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليريشن اينڊ پرمننٽ انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 28-11-2025 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سينئر سول جج 5th حيدرآباد

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج-VIII حيدرآباد
فيملي ايگزيڪيوشن نمبر217 سال 2025
اِن فيملي سوٽ نمبر2049 سال 2023

مسمات زهران ڌيءُ غلام مصطفيٰ چانڊيو زال ديدار علي چانڊيو رهاڪو ڪجهي آبادي شيدي ڳوٺ قاسم آباد حيدرآباد..پلينٽف...خلاف: ديدار علي چانڊيو پٽ مير خان چانڊيو رهاڪو خورشيد ڪالوني ويجهو سائيٽ ايريا ڪوٽڙي ضلعو جامشورو....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف فيملي ايگزيڪيوشن فار سيٽسفڪيشن آف ڊڪري تاريخ 14-09-2024 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 28-11-2025 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي جج-VIII حيدرآباد

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج مانجهند
فيملي سوٽ نمبر18 سال 2025

شريمتي ڪاملي ڌيءُ ڏرمون زال ڪيلاش هندو بالغ ذات ڪولهي رهاڪو ڳوٺ پٽو تعلقو مانجهند ضلعو جامشورو..پلينٽف..خلاف: ڪيلاش پٽ ناٿو هندو بالغ ذات ڪولهي رهاڪو سڪندر آباد هري ڪيمپ ٽيليگراف ڪوٽڙي ضلعو جامشورو، سيل نمبر: 0347-3967673....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار جڊيشل سيپريشن اينڊ مينٽيننس آف مائنر لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 22-11-2025 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/فيملي ڪورٽ مانجهند

کورٽ نوٽيس

فيملي جج/ ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ ٽنڊوالهيار
(روبرو مس حميرا شوڪت)
فيملي سوٽ نمبر...... سال 2025

مسمات نازيه ڌيءُ نبي بخش ذات لنڊ رهاڪو ڳوٺ غلام حسين لنڊ تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊوالهيار..پلينٽف..خلاف: ذاڪر پٽ غني ذات لنڊ رهاڪو ڳوٺ غلام حسين لنڊ تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊوالهيار....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس ڊاور اماؤنٽ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 25-11-2025 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي جج/ ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ ٽنڊوالهيار

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج Vحيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر...... سال 2025

مسمات رخسانه ڌيءُ ذوالفقار زال غفار رهاڪو ڳوٺ نواب محمد حسن ماڇي پيهي تعلقو ضلعو حيدرآباد..پلينٽف..خلاف: غفار پٽ عبدالجبار عرف خالد جي ابو بالغ مسلم رهاڪو ڳوٺ ماڇي ڳوٺ بکيرا شريف ضلعو ٽنڊو محمد خان....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه لو ڪجي ٿو ته تاريخ 24-11-2025 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول اينڊ فيملي جج V حيدرآباد

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب Vth سول اينڊ فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر...... سال 2025

مسمات گل نازان ڌيءُ محمد حسن زال ارشد کوسو رهاڪو ڳوٺ مکڻ موري چکي پيهي تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد...پلينٽف...خلاف: ارشد کوسو پٽ لکي کوسو بالغ مسلم رهاڪو ڳوٺ گهارو بنگلو ڦلڪارا ضلعو ٽنڊو محمد خان....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه لو ڪجي ٿو ته تاريخ 24-11-2025 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون

سول اينڊ فيملي جج-V حيدرآباد

کورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-III سيوهڻ ايٽ ٿاڻو بولا خان
(روبرو جناب علي اصغر ٻبر)
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر02 سال 2025

مجاهد علي ڌيءُ سالار ذات پالاري رهاڪو ڳوٺ سالار خان پالاري پي.او سري تعلقو ٿاڻو بولا خان ضلعو جامشورو...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) مسمات ذاڪي بيواهه سالار (2) علي احمد (3) محمد هاشم (4) منور (5) علي شير (6) محرم پٽ (7) نياز محمد (8) سوهڻي (9) نصيبان سڀ ڌي پٽ سالار ذات پالاري رهاڪو ڳوٺ سالار خان پالاري پي.او سري تعلقو ٿاڻو بولا خان (10) جنرل پبلڪ ايٽ لارج....ريسپانڊنٽس (1) فرزانه ڌيءُ علي گوهر عمر اٽڪل 15 سال (2) نويده ڌيءُ علي گوهر عمر اٽڪل 14 سال (3) نصيرن ڌيءُ علي گوهر عمر اٽڪل 12 سال ...مائنر

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري لاءِ. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه لو ڪجي ٿو ته تاريخ 22-11-2025 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-III سيوهڻ ايٽ ٿاڻو بولا خان

عام اطلاع

هر خاص و عام کي اطلاع ڪيو ٿو وڃي ته اسانجي ڪلائينٽ نالي (1) محمد نعمان ولد طالب حسين شناختي ڪارڊ نمبر: 41302-3694256-3 (2) محمد بلال ولد طالب حسين شناختي ڪارڊ نمبر: 41302-3589851-3 هڪ عدد پلاٽ نمبر 138 جيڪو 400 چورس گز واقع حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد جو سودو بذريعہ ايگريمينٽ ان جي حقيقي مالڪ ذاڪره زال محمد صالح شناختي ڪارڊ نمبر: 41304-8505734-0 سان ڪيو آهي اگر ڪنهن به شخص يا ادراي کي ڪوبه اعتراض هجي ته 07 ڏينهن جي اندر دستاويزي ثبوت سان گڏ حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي شهباز بلڊنگ بلاڪ-A حيدرآباد کي اطلاع ڪن معياد گذرڻ کانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ ٽرانسفر جي ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي.

المشتهر: محمد نعمان ولد طالب حسين
محمد بلال ولد طالب حسين

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم-III ميرپورخاص
گارڊين ايپليڪيشن نمبر27 سال 2025

مسمات حاجياڻي زال نيڪ محمد رهاڪو ڳوٺ رڪيل خان بروهي پي او هنگورو تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) عبدالرحمان (2) امام بخش (3) يار محمد (4) دين محمد سڀ پٽ نيڪ محمد رهاڪو ڳوٺ رڪيل خان بروهي تعلقو سنڌڙي ميرپورخاص (5) جنرل پبلڪ...آپونينٽس... (1) گل حسن پٽ نيڪ محمد (2) مارام پٽ نيڪ محمد (3) نصير پٽ نيڪ محمد (4) شاه بي بي ڌيءُ نيڪ محمد...مائنر

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه لو ڪجي ٿو ته تاريخ 21-11-2025 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول جج اينڊ جي ايم-III ميرپورخاص

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي مسمات ماريه زال غلام نبي ذات ميرو راجپوت درخواست ڏني آهي ته سندس مڙس نالي غلام نبي ولد عبدالله تاريخ 10-06-2022 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه نمبر وارڊ-A تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ نمبر/ سروي نمبر C.S 53/155 مان حصي موجب ايراضي 1000 SQ F.T چورس فوٽ ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ شهر ڪوٽ غلام محمد ديهه نمبر وارڊ-A ۾ ڪري اتي بن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) نياز غلام نبي (پٽ) (2) عبدالله غلام نبي (پٽ) (3) رياض غلام نبي (پٽ) (4) مسمات تهمينه (ڌيءُ) (5) مسمات ثناء (ڌيءُ)، (6) مسمات ماريه (زال). هر خاص و عام کي اطلاع ڪجي ٿو ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهيءَ اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري. ٻي صورت مدو گذرڻ بعد فيلصو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

عام اطلاع

هن اشتهار ذريعي وابسته ماڻهن کي اطلاع ٿو ڪجي ته منير احمد ولد فتح محمد مگريجو مختيارڪار روينيو خيرپورناٿن شاهه کي درخواست ڏني آهي ته سندس جو والد صاحب نالي فتح محگهمد ولد محمد زمان مگريجو کي ديهه چنبڙ ٽپو اي- مير محمد تعلقو خيرپورناٿن شاه ۾ زرعي زمين آهي ۽ فتح محمد ولد محمد زمان مگريجو فوت ٿي چڪو آهي ۽ پويان ڇڏيل وارثن ۾ فقط اولاد: (1) منير احمد ولد فتح محمد مگريجو (2) نور احمد ولد فتحمحمد مگريجو اولاد اٿس انهن کان علاوه ٻيو ڪوبه وارث ڪونه آهي جيڪڏهن ٻيو ڪوبه وارث اٿس يا ڪنهن کي اعتراض آهي ته پنهنجو اعتراض 07 ڏينهن جي اندر مختيارڪار آفيس روينيو خيرپورناٿن شاهه ۾ جمع ڪرائيندا. 07 ڏينهن کانپوءِ اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو

مختيارڪار (روينيو) خيرپورناٿن شاهه

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي محمد سليم ولد نبي بخش رهاڪو قيصراڻي پاڙو ٽنڊو قيصر تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي نبي بخش ولد علي بخش تاريخ 14-07-2024 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 358، 364 ايراضي 16-10 ڏيهه ٽنڊو قيصر ٽپو ٽنڊو قيصر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) محمد سليم (پٽ) (2) مسمات فهميده (ڌيءُ)، (3) صاحبزادي (بيواهه). جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جو دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندي

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي محرم ولد مير محمد گوپانگ ويٺل ڳوٺ ڪرڙ گوپانگ جاڪري تعلقو متياري، اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سندس والد نالي مير محمد ولد محراب گوپانگ جيڪو اريگيشن کاتي ۾ رٽائرڊ "بيلدار" هو ۽ سني فقه جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 10-02-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات آمنت (بيواهه)، (2) غلام مصطفيٰ (پٽ) (3) نثار گوپانگ (پٽ) (4) عبدالجبار (پٽ) (5) محرم (پٽ) (6) مسمات زاهده (ڌيءُ)، (7) مسمات آست (ڌيءُ) (8) مسمات نصيبان (ڌيءُ)، (9) مسمات تعسير (ڌيءُ)، (10) مسمات تسلير (ڌيءُ). جڏهن ته اهڙي تصديق بن شاهدن هر هڪ نالي: محمد رحيم ولد غلام قادر گوپانگ ۽ محمد يوسف ولد ارباب گوپانگ جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتيءَ جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو متياري

عام اطلاع

هن ذريعي اطلاع ڏنو ٿو وڃي ته ميسرز سنڌڙي وائين شاپ OTI لائسنس جي تجارت ۽ درآمد جي منتقلي جي لاءِ درخواست ڏني وئي آهي جيڪو مين نيشنل هاءِ وي مورو نوشهروفيروز روڊ کان پلاٽ نمبرC-23 اتحاد ڪمرشل لين-2 ڊي ايڇ اي فيز-VI ڪراچي ۾ شفٽ ٿي رهيو آهي اگر ڪنهن به شخص کي مذڪوره شراب جي گودام کولڻ تي، پاڙيوارن کي ڪوبه اعتراض آهي ته هن نوٽيس جي اشاعت جي 15 ڏينهن جي اندر هيٺ ڄاڻايل آفيس ۾ لکت ۾ درخواست جمع ڪرائين (1) ڊائريڪٽوريٽ جنرل (ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن) ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول سنڌ ڪراچي (2) ڊائريڪٽر (ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن (ايڪسائيز) ڪراچي (3) ڊپٽي ڊائريڪٽر/ سينئر ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن آفيسر (ايڪسائيز) ضلعو جنوبي ڪراچي. مذڪوره مدي گذرڻ کانپوءِ ڪوبه اعتراض وصول ڪيو نه ان تي غور نه ڪيو ويندو.

ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول ڊپارٽمينٽ

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج II قاضي احمد
گارڊين درخواست نمبرسال 2025

مسمات زينت بيواهه غلام شبير برڙو رهاڪو ڳوٺ ادريس برڙو 66 نصرت پي او ٻانڊي تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد.ايپليڪينٽ.خلاف. (1) مسمات نذيران بيواهه (2) غلام صغير (3) غلام ظهير (4) غلام تنوير (5) ڪومل ناز سڀ پٽ ڌيئرون غلام شبير (6) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. اپوننٽس (1) غلام Zahmir ولد مرحوم غلام شبير... مائنر

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري لاءِ ۽ صغيرن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 233/2،239/2،276/2 ايراضي 06-10 ايڪڙ واقع ديهه آباد ماڪند ٽپو ماڪند تعلقو قاضي احمد بابت تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه لو ڪجي ٿو ته تاريخ 05-12-2025 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج II قاضي احمد

گمشده ڪاغذات بابت اطلاع

جئين ته منهنجو Equivalence Certificate جيڪو IBCC ڪراچي پاران جاري ڪيل آهي گهر شفٽنگ دوران ڪٿي ڪري گر ٿي ويو آهي ڪافي تلاش باوجود ملي نه سگهيو آهي اگر ڪنهن کي ملي ته هيٺ ڏنل ايڊريس تي ڏياري موڪلي.

غلام سرور حسين ولد نياز حسين چانڊيو گهر نمبر 195 پوپان سٽي اسڪول جناح ڪيمپس سحرش نگر قاسم آباد حيدرآباد

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج VII حيدرآباد
(روبرو مس اوم)
ايف سي سوٽ نمبر1591 سال 2025

ميمڻ عاصم ولد رحيم بخش رهاڪو گهر نمبر A/2974 وارڊ"A" واقع نزد غلام شاه ڪلهوڙو هيرآباد حيدرآباد حال رهاڪو فليٽ نمبر 202 زم زم اپارٽمينٽ صدر ڪراچي ....پلينٽف...خلاف: (1) عمران ميمڻ ولد رحيم بخش (2) عرفان ميمڻ ولد رحيم بخش رهاڪو گهر نمبر A/2974 وارڊ"A" واقع نزد غلام شاه ڪلهوڙو هيرا آباد حيدرآباد (3) عامر رحيم ولد رحيم بخش رهاڪو گهر نمبر A/2974 وارڊ"A" واقع نزد غلام شاه ڪلهوڙو هيرا آباد حيدرآباد سيڪنڊ ايڊريس ؛ بنگلو نمبر S-121-A فورٿ اسٽريٽ ڊي ايڇ اي فيز VII ايڪسٽينشن ڪراچي (4) مسمات جهان آرا ڌيءُ رحيم بخش رهاڪو بنگلو نمبر 564 اسرا وليج حيدرآباد (5) مسمات روشن آرا ڌيءُ رحيم بخش رهاڪو بنگلو نمبر 109 اسرا وليج حيدرآباد (6) مسمات شميم آرا ڌيءُ رحيم بخش رهاڪو بنگلو نمبر627 اسرا وليج حيدرآباد (7) مسمات گلشن ڌيءُ رحيم بخش رهاڪو گهر نمبر A/2974 وارڊ"A" واقع نزد غلام شاه ڪلهوڙو هيرا آباد حيدرآباد (8) مسمات صائم ڌيءُ رحيم بخش رهاڪو فليٽ نمبر 6-D بلڊنگ نمبر 94 عسڪري V ملير ڪراچي (9) مسمات صدف ڌيءُ رحيم بخش رهاڪو گهر نمبر 2/74 وارڊ اي پبلڪ هيلٿ اسٽور پبلڪ هيلٿ ڪالوني حيدرآباد (10) مسمات بينش ڌيءُ رحيم بخش رهاڪو گهر نمبر D-2 گلستان سجاد قاسم آباد (11) مسمات صبا ڌيءُ رحيم بخش رهاڪو گهر نمبر 240 مارڪيٽ روڊ ٽنڊو الهيار (12) اي سي تعلقو حيدرآباد (13) مختيارڪار ۽ سٽي سروي آفيسر وارڊ اي حيدرآباد (14 سب رجسترار سٽي حيدرآباد (15) سيڪريٽري روينيو گورنمينٽ آف سنڌ شهباز بلڊنگ حيدرآباد..ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن، پارٽيشن، سيپريشن، پزيشن، ميسني پرافٽ ۽ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي زير قلم 39 رول 1 ۽2 آر ڊبليو سيڪشن 151 سي پي سي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه لو ڪجي ٿو ته تاريخ 04-12-2025 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج VII حيدرآباد

نالي جي درستي

جئين ته منهنجي تعليمي رڪارڊ ۾ غلطي سان نالو حاجي عيسيٰ لکجي ويو آهي جنهن کي شناختي ڪارڊ موجب درست ڪري محمد عيسيٰ ڪري لکيو ۽ پڙهيو وڃي

محمد عيسيٰ ولد محمد موسيٰ ذات ڪيريو رهاڪو ڳوٺ ڦوٽو خان ڪيريو پي او سجاول ٽنڊو عالم تعلقو ضلعو سجاول

تصحيح

بروز اڱارو 18 نومبر 2025 جي اشاعت ۾ فيملي جج 1 حيدرآباد جي ڪورٽ نوٽيس نالي مسمات سمير زال ذوالفقار ڌي دلدار چانڊيو ۾ غلطي سان فيملي سوٽ نمبر 23 سال 2025 لکجي ويو آهي جنهن کي درست ڪري فيملي سوٽ نمبر 2316 سال 2025 لکيو ۽ پڙهيو وڃي (ادارو)

[redacted]

عملدارن کي شڪايتون ڪيون هيون ته بجلي جي تار زمين تي ڪري پيل آهي، جيڪا ڪنهن به وقت جاني يا مالي حادثو ڪرائي سگهي ٿي پر ان باوجود واپڊا عملدارن ڪا به ڪارروائي نه ڪئي. واپڊا جي لاپرواهي سبب فصل ۾ باهه لڳي وئي اطلاع ملڻ شرط فائر بريگيڊ جي گاڏي موقعي تي پهتي جنهن ڪوششن سان ڪنٽرول ڪري فوري ڪارروائي ڪندي باهه تي ضابطو آڻي وڌيڪ نقصان کان بچائي ورتو.

[redacted]

اسپتال جي مختلف شعبن جو دورو ڪرايو ۽ ڪين مڪمل بريفنگ ڏني. ڊاڪٽر ممتاز چوهاڻ اسپتال جي بنيادي ضرورتن بابت آگاهي ڏيندي درخواست ڪئي ته هتي جي عوام کي بهتر علاج ۽ سهولتون ڏيڻ لاءِ مؤثر قدمن کڻڻ جي سخت ضرورت آهي. جنهن ۾ بلڊ بئنڪ جو قيام، جديد معيار جي ليبارٽري ۽ آرٿوپيڊڪ وارڊ شامل آهن عاشق علي زرداري ۽ چيئرمين عبدالحميد پنهور يقين ڏياريو ته هو عوامي ڀلائي ۽ سهولتن جي بهتري لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندا ۽ هن حوالي سان لاڳاپيل ادارن سان فوري رابطا ڪري قدم کنيا ويندا. ته جيئن مقامي ماڻهن کي معياري صحت جون سهولتون جلد کان جلد فراهم ٿي سگهن. آخر ۾، ڊاڪٽر ممتاز چوهاڻ معزز مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته مريضن کي بهترين ۽ وڌ کان وڌ سهولتون مهيا ڪرڻ سندس پهرين ترجيح آهي ۽ اسپتال انتظاميه ان سلسلي ۾ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي.

[redacted]

عظيم مقام حاصل ڪيو جنهن جي برڪتن سان انسان ذات پنهنجي جياپي جي زندگي کي حقيقي روپ جي ذريعي راهه عمل سان پنهنجي مستقبل کي روشناس رکيو آهي، تقريب ۾ پ پ پ ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري چيو ته جشن ميلاد ملهائڻ سان اسان خوشي جو اظهار ڪريون ٿا ، حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ پوري دنيا جي انسانيت لاءِ عظمت جو مقام رکن ٿا سنڌن ڏنل راهه سان ئي اسان پنهنجي آخرت توڙي مستقبل کي سنواري سگهون ٿا ، تقريب ۾ جيسڪو بورڊ جي ميمبر مير علي رضا ٽالپر ، جيسڪو ايڪسن محمد ابراهيم ڪيريو ، اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو محمد خان يوسف خان ، ڊي ايس پي سي آئي اي سيد منصب شاهه ، انفارميشن ڊپٽي ڊائريڪٽر غوث محمد پلاڻ ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر هائير سيڪنڊري راجا نثار ميمڻ ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري يعقوب رڱهامل ، اگهوڙو ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر حاجي محمد اشرف ميمڻ ، پ پ پ اڳواڻ سيد شعبان شاهه ، پ پ پ ضلعي اطلاعات سيڪريٽري ڊاڪٽر مير حسن ملاح ، سماجي اڳواڻ غلام فاروق پٽي ، مذهبي اڳواڻ آصف عطاري ، پريس ڪلب جو صدر غلام نبي ڪيريو ، سينئر صحافي عبدالڪريم سيخ ، پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري مظفر رند، رمضان شورو، پريس ڪلب جو سينئر نائب صدر محمد صديق چيبهو ، نائب صدر ذوالفقار چانڊيو ، خزانچي امتياز مگريو ، جوائنٽ سيڪريٽري عامر جان ، پريس سيڪريٽري ساحل اياز ، سينئر صحافي راڻو غلام حسين ، منير بروهي ، عبدالجبار بلوچ ، قاضي شمس بانڀڻ ، محمد انصار ، غلام قادر شورو ، عبدالحفيظ ميمڻ ، سعيد شيخ ، زاهد قريشي ، عمر شريف ، شعيب ڪيريو ، اشفاق گوپانگ ، اسلم سمون ، اويس حيدر شورو ، سماجي اڳواڻ فيض سولنگي سميت سياسي سماجي مذهبي شخصيتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ، جڏهن ته جشن ميلاد جي تقريب ۾ سنڌ جي مختلف علائقن ڪراچي حيدرآباد ۽ ٻين علائقن جي نعت خوانن حافظ زين العابدين ، عمر عطاري ، ذوالقرنين عطاري ، شهباز عطاري ، بلال عطاري ، عبدالرحمان عطاري ، آغا ماجد ، عامر ۽ ٻين نعتون پيش ڪري محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا . آخر ۾ مذهبي ديني عالم محمد قاسم عطاري سنڌ ۽ پاڪستان لاءِ اجتماعي دعا جي رسم ادا ڪئي جنهن ۾ دهشتگردي ، تخريبڪاري کان بچاءُ حاصل ڪرڻ ، بک بيروزگاري بدحالي جي خاتمي ۽ پوري انسان ذات لاءِ ڀلائي جي دعا گهري وئي .

[redacted]

ڏار ڏار ڪيسن ۾ حيدرآباد جي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جي لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ڪيو فريادي ڌر مان ڪير به عدالت ۾ پيش نه ٿيو ۽ وڪيلن طرفان عدالتي ڪارروائين جي بائيڪاٽ سبب ٻڌڻي 26 نومبر تائين ملتوي ٿي وئي آهي سلامت لاکو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو فريادي ڌر کيس ۾ پيش نه ٿيڻ ڪري ڪيس نه پيو هلايو وڃي مخالف ڌر کي خوف آهي ته جيئن سلامت لاکو ٻاهر نه اچي سگهي ۽ سلامت لاکو وڌيڪ ٻڌايو ته ميرپورخاص ۾ منهنجي ٽرانسپورٽ بند ڪئي وئي آهي ۽ زمينن توڙي منهنجي سوسائٽين تي ٻاهر ڌرين جا قبضا آهن سون تي 85 ڪيس داخل ڪيا ويا سمورن ڪيسن مان بري ٿي ويو باقي 3 ڪيس بچيا آهن جنهن مخالف ڌر عدالت ۾ ڄاڻي واڻي پنهنجا شاهد پيش نٿي ڪري ڪيس هينگ ڪيو پيو وڃي، سلامت لاکو وڌيڪ چوڻ آهي ته قانون تي پورو ڀروسو آهي ۽ عدالتي ادارن مان انصاف جي اميد آهي ماضي ۾ سياسي انتقامين تي اسان کي عدالتن مان انصاف مليو آهي هاڻي به انصاف جي اميد آهي سلامت لاکو وڌيڪ چيو ته هو ڪنهن به دٻاءُ ۾ نه ايندو ۽ قانوني ميدان ۾ پنهنجي بيگناهي ثابت ڪندو هوڏانهن سياسي ۽ سماجي حلقن به مطالبو ڪيو آهي ته سلامت لاکو خلاف داخل ڪيسن جي شفاف جاچ ڪرائي انصاف کي يقيني بڻايو وڃي.

[redacted]

هندورسومات تحت آخري رسم ادا ڪئي وئي ، جنهن ۾ علائقي جي شهرين سياسي سماجي حلقن توڙي ميونسپل جي ملازمن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ، ميونسپل جي ايمپلائيز يونين جي اڳواڻ سڪندر پٽي دعويٰ ڪئي آهي ته ميونسپل ملازم انيل گجراتي خانگي طور موڪل هجڻ باوجود اڇي گٽر جي صفائي دوران گئس جي ڪري ساهه ٻوسجڻ سبب سندس فوتگي ٿي آهي جيڪو انتهائي ڏکوئيندڙ واقعو آهي فوت ٿي ويل ميونسپل ملازم جي هڪ هفتو اڳ شادي ٿي هئي جيڪو مهينو موڪل تي ويل هو ۽ خانگي طور ڪم ڪندي سندس فوتگي ٿي آهي جنهن سبب ميونسپل ايمپلائيز يونين طرفان سندس وفات تي 3 ڏينهن سوڳ جو اعلان ڪيو ويو آهي ، هوڏانهن ميونسپل ڪميٽي جي سي ايم او اعجاز ملاح ميونسپل جي عملدارن سان گڏ اڇي فوت ٿي ويل ملازم انيل گجراتي جي وارثن سان ڏک جو اظهار ڪيو آهي .

[redacted]

کي خطاب ڪندي چيو ته ڪجهه بااثر ماڻهو خيرپور جي واپارين شهرين ۽ بلڊرن کي مختلف طريقن سان حراسان ڪري بليڪ ميل ڪري رهيا آهن جڏهن ته پتو نه ڏيڻ تان موٽمار ڌمڪيون پڻ ڏئي رهيا آهن جيڪا انتهائي افسوس جهڙي ڳالهه آهي هنن چيو ته خيرپور شهر کي رهائشي ڪالونين جا بهترين منصوبا ڏيندڙ بلڊرز کي پڻ پتي جون پرچيون موڪليون ٿيون وڃن هنن چيو ته خيرپور شهر ۾ اڳ ئي امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ٿي وئي آهي وري واپارين ۽ بلڊرز کي پتي جون پرچيون ملڻ ۽ پتو نه ڏيڻ جي صورت ۾ موٽمار ڌمڪيون ملڻ کان پوءِ شهرين ۾ ڳڻتي جوڳي واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته خيرپور جي بلڊرن واپارين ۽ شهرين کي بليڪ ميل ڪندڙ بااثرن خلاف ڪارروائي ڪري سنڌن خلاف ڪيس داخل ڪيا وڃن.

[redacted]

محمد پليجو مهرعلي پليجو شوڪت علي پليجو عبدالرحيم پليجو ۽ ٻين ڏانهينڊي ٻڌايو آهي ته گذريل ڏينهن اوچتو سنڌن ڳوٺ کي باهه وڪوڙي وئي جنهن سبب اهي پنهنجي گهرن ۾ پيل ڪوڙ سامان بچائي نه سگهيا صرف پنهنجي ٻارڙن جون زندگيون بچائي کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن صرف ٿئي جي ايم اين اي صادق علي ميمڻ طرفان ڪين ڪجهه تمبو مليا آهن باقي سمورا متاثر ڳوٺاڻا سنڌن گهرياتي کليل آسمان هيٺ سخت سيءُ ۾ پريشان حال ويٺل آهن پر سنڌن ضلعي انتظاميه ڪا به سار نه لڌي آهي هنن سنڌ حڪومت چونڊيل نمائيندن توڙي ضلعي انتظاميه کان گهر ڪئي آهي ته سنڌن مالي سهائتا ڪري ڪين هن سخت سيءُ ۾ ٻارڙن جي بچاءُ لاءِ گرم بسترا راشن ۽ ٽينٽ فراهم ڪيا وڃن ۽ سنڌن ڳوٺ جي سروي ڪرائي مستقبل لاءِ متاثر غريب ڳوٺاڻن کي گهرن جي تعمير لاءِ مدد فراهم ڪئي وڃي.

[redacted]

طرفان جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا احتجاج ڪندڙن چيو تي ڏيپلو پوليس جي اهلڪارن ايس ايڇ او ڏيپلو حسين بخش راڄڙ اهلڪارن شوڪت راهمون محمد بجير پرڪاش ميگهواڙ کي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ باوجود گرفتار نه ڪري ڪين ڀڄڻ جو موقعو ڏنو ويو آهي ڪين گرفتار نه ڪيو ويو ته احتجاج جو سلسلو جاري رهندو ٻي طرف سنڌ دوست اتحاد جي سرواڻ ڊاڪٽر عزيز ميمڻ ۽ سنڌ هائي ڪورٽ جي وڪيل ذيشان انيس جوڻيجو صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ڏيپلو پوليس جنهن سفاڪي ۽ بي رحمي سان ولهاري جي نوجوان محمد رمضان کوسو کي 11 گولين هڻي قتل ڪيو آهي اهو نهايت ئي بيرحمانه ۽ سفاڪاڻو ڪارروائي آهي جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نٿو ڪري سگهجي هنن چيو ته ٿر پوليس لاڙ کي ٺهوڪڙي رانوتي جو ڪجهو سمجهي ماڻهو مارڻ جو سلسلو بند ڪري ٻي صورت ۾ عوام اهڙي ڪاروائين جي خلاف سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندو هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي ميرپور خاص ايس ايس پي مٺي کان مطالبو ڪيو ته رمضان کوسو کي قتل ڪندڙ پوليس اهلڪارن کي فوري طور تي گرفتار ڪري مقتول جي وارثن ۽ عوام سان بي چيني کي ختم ڪيو وڃي ٻئي طرف مٺيءَ جي چيڪ پوسٽ ڦانگڪهاريو وٽ رمضان کوسوجو لاش رکي هنيل ڌرڻي واري هنڌ تي آخرڪار ايس ايس پي ٿرپارڪر شعيب ميمڻ ڳالهين لاءِ پهتو مقتول نوجوان جي وارثن سان ڳالهيون ڪيون ۽ انهن کي بن ڏينهن تائين سمورا جوابدار گرفتار ڪرڻ جو يقين ڏياريو ۽ چيو ته هن قتل ڪيس جي انڪوائري جي سربراهي آئون پاڻ ڪري رهيو آهيان ۽ جوابدارن جي گرفتارين لاءِ ڇاپا مار ٽيمون ڪم ڪري رهيون آهن ان موقعي تي وارثن ڊي ايس پي ڊيپلو ماجد قائم خاني ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته هن ڊيپلو ٿاڻي تي سڄي رات گيٽ بند ڪري ڇڏيا ۽ اسان جي ڪيس جي اثر انداز ٿيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي اسان کي هن پوليس آفيسر تي ڪوبه اعتماد نه آهي احتجاجي ڌرڻو ختم ڪرڻ لاءِ چيو جنهن وارثن ڌرڻو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪندي چيو ته ڏنو آهي ته بن ڏينهن اندر جيڪڏهن حسين بخش راڄڙ سميت جوابدار گرفتار نه ٿيا ته ٻيهر ڌرڻو هڻنداسين

[redacted]

مجيبا هن موقعي تي ڳوٺاڻن طرفان سنڌي ثقافت جا تحفا، لنگي ۽ اجرڪ پڻ پيش ڪيا ويا ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته ايس ايس پي عليند راجپر جي سجاول ۾ مقرر ٿيڻ کان پوءِ منشيات ۽ آئس ڊيلرن خلاف مؤثر ۽ بنا رعايت ڪارروايون ٿيون آهن جنهن سبب اڳ بدنام زمانه سمجهيو ويندڙ محمود واهه اسٽاپ هاڻي مڪمل طور آئس ڊيلرن ۽ فروشن کان پاڪ ٿي چڪو آهي هنن چيو ته اسان جي نسلن کي هن موذي آئس جي برٻادي کان بچائي ورتو آهي اسين پوليس سان مڪمل سهڪار جاري رکنداسين ته جيئن هي لعنت ٻيهر اسان جي علائقي ۾ جڙ نه وٺي سگهي ايس ايس پي سجاول عليند راجپر جو چيو ته منشيات ۽ ڏوهن جي خاتمي لاءِ شروع ڪيل مهم ۾ مقامي ماڻهن ۽ ڳوٺاڻن جو تعاون اهم ڪردار ادا ڪيو آهي هن وڌيڪ چيو ته سڄي ضلعي ۾ اهڙيون ڪارروايون جاري آهن ۽ جلد سجاول ضلعي کي آئس هيروئن ۽ ٻين خطرناڪ منشيات جي وڪري کان مڪمل پاڪ ڪيو ويندو

[redacted]

ڳوٺ جي هڪ اسڪول ۾ پناهه وٺي ويهي رهيا آهن پر ان باجود به اڃان تائين بااثر ماڻهو هر هڪ نالي عظيم جاڪري بابو جاڪرو خانو جاڪرو ۽ ٻيا نامعلوم ماڻهن گذريل ڏينهن ڪچي ڪکائون گهر کي باهه ڏيئي، جنهن سبب اسانجي گهر ۾ پيل 5 لک تائين جو قيمتي سامان سڙي رک ٿي ويو هنن ٻڌايو ته اسانجي ڪنهن سان ڪابه ذاتي دشمني ناهي ۽ سنڌن گهر قيمتي جبلن وٽ قائم ٿو جتي هي بااثر ماڻهو قيمتي پٿر ڪڍڻ لاءِ اسان سان بيگناهه دشمني ڪري رهيا آهن ۽ اسانکي بي گهر ڪري اسانجي گهر کي ساڙي اُن قيمتي جبل واري زمين مان قيمتي پٿر ڪڍي رهيا آهن جيڪو غيرقانوني عمل پڻ آهي هنن ٻڌايو ته اسان اهڙي دانهن کڻي حد جي ٿاڻي ڪينجهر پهتاسين جتي رهي اسان قانوني طريقي سان اين سي پڻ ڪٽائي آهي پر ڪينجهر پوليس اسان جو ڪنهن به قسم جو تدارڪ ناهي ڪيو جنهن سبب اسان مايوسي جو شڪار بڻيل آهيون هنن چيو ته هاڻي بااثر ماڻهو ويتر اسان کي ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن ته توهان ڏسي وٺنداسين ۽ اسان کي جاني توڙي مالي نقصان جو خطرو پڻ آهي. هنن چيو ته اسان غريب ماڻهون آهيون بااثر ماڻهن اسانجي گهر تي قبضو ڪري اسانکي گهر مان بيدخل ڪري اسانجو گهر ساڙي اسانجو وڏو نقصان ڪيو آهي هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي ٺٽو ۽ ٻين وس وارن ادارن کان مطالبو ڪندي چيو آهي ملوث جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي..

[redacted]

ڪافي عرصي کان تڪرار هلندڙ آهي، زخمي جي وارثن جي فرياد تي واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويندو

[redacted]

لڳل وضو خانن سيڪيورٽي روم، ڊسپينسري مسافر خانن لنگر خاني سميت صفائي سٿرائي جي انتظامن جو جائزو ورتو ۽ اوقاف مينيجر کي درگاهن اندر بجلي صفائي سٿرائي زائرين جي رهائش کاڌي پيتي ۽ سيڪيورٽي جي انتظامن کي فل پروف بڻائڻ جون هدايتون جاري ڪيون ان

موقعي تي چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف مختيار علي ابڙو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ وليين ۽ بزرگن جي ڌرتي آهي ۽ انهن بزرگن جي درگاهن تي ايندڙ زائرين جي خدمت ڪرڻ اسان جي فرضن ۾ شامل آهي هن چيو ته درگاهه پيڪائي ۽ درگاهه سرور نوح جي مختلف مسئلن کي ضلعي حڪومت سان گڏجي ڪري تمام جلد بهتر بڻايو ويندو درگاهه اندر زائرين جي رهائش توڙي کاڌي پيتي جي انتظامن کي بهتر بنائڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون آهن هن چيو ته ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر هالا جو نهايت ئي شڪر گذار آهيان جنهن درگاهه پيڪائي کي روينيو رڪارڊ ۾ درج ڪرايو آهي ان موقعي تي چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف مختيار ابڙو درگاهه پيڪائي جي صحن ۾ لطيف جو راڳ ٻڌو ۽ اوقاف کاتي پاران آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ ۽ ٽوپين جا تحفا پيش ڪيا ويا

[redacted]

آغا خاصخيلي رستي تان ويندڙ ڳوٺائي اعجاز خاصخيلي مٿان چڙهي ويو جنهن جي نتيجي ۾ ٻئي ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا جن کي پوليس فوري طور کڻي سرڪاري اسپتال پهچايو جتي ڊاڪٽرن پاران فرسٽ ايڊ ڏئي موٽر سائيڪل سوار زخمي بوريچي محمد اسلم عرف آغا خاصخيلي جي حالت نازڪ هئڻ ڪري حيدرآباد جي اسپتال منتقل ڪيو جتي هو اڄ صبح زخمن جا سور نه سهيندي فوت ٿي ويو فوتي نوجوان جو لاش ٽنڊوغلام علي لڳ ڳوٺ نري نظاماڻي پهتو ته گهر ۾ ڪهرام مچي ويو هوڏانهن حادثي جو سبب معلوم ڪيو ته اتي جي موجود شهرين ٻڌايو ته سامهون کان ايندڙ گاڏي جي لائيٽنگ روشني تيز هئڻ ڪري حادثو ٿيو آهي جڏهن ته ٻي زخمي کي ملم پٽي ڪري گهر روانو ڪري ڇڏيو.

[redacted]

آپريشن دوران فائر ڌوهارين جي ٺڪاڻن کي باهيون خبر موجب؛ جيڪب آباد ۾ بدامني تي ڪنٽرول ۽ امن امان جي مڪمل بحالي لاءِ ايس ايس پي جيڪب آباد محمد ڪليم ملڪ جي اڳواڻي ۾ ٽئين ڏينهن به مولاداد، آباد سميت مختلف ٿاڻن جي پوليس مولاداد، آباد ۽ نوازو جاگير جي مختلف ڳوٺن ۾ ڌوهارين خلاف آپريشن جاري رکيو ايس ايس پي جي اڳواڻي ۾ وڏي تعداد ۾ پوليس نفري بڪتر بند گاڏين دوران ڪيمرائن ۽ اي پي سي چينن ذريعي ڌوهارين جي گرفتارين لاءِ آپريشن ڪندي دوران فائر ڪيا ۽ ڌوهارين جي ڪيترن ئي ٺڪاڻن ڊاهي پٽ ڪرڻ بعد باهيون ڏئي ساڙي ڇڏيو آپريشن دوران شڪ جي بنياد تي ڪيترن ئي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي جن جي جاچ جاري آهي جن جي جاچ ڪرڻ لاءِ ڪين مختلف ٿاڻن تي منتقل ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ ايس ايس پي جيڪب آباد محمد ڪليم ملڪ رابطو ڪرڻ تي صحافين کي ٻڌايو ته جيڪب آباد ۾ امن امان جي مڪمل بحالي لاءِ مولاداد، آباد سميت نوازو جاگير جي مختلف علائقن ۾ ڌوهارين خلاف آپريشن جاري آهي هڪ ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ شڪ جي بنياد تي ڪيترن ئي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي جن جي جاچ جاري آهي هن چيو ته ڌوهارين جي گهرن سميت ٺڪاڻن کي ڊاهي پٽ ڪري باهيون ڏئي ساڙيو ويو آهي امن امان جي مڪمل بحالي تائين پوليس ڪنهن به حد تائين وڃڻ لاءِ تيار آهي

[redacted]

حڪم ڏئي ڇڏيو ان سلسلي ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ حيدرآباد جي جسٽس عدنان الڪريم ميمڻ ۽ جسٽس رياضت علي ساهڙ تي مشتمل آئيني بئنچ ٻڌڻي ڪئي درخواستگذار غلام مرتضيٰ لغاري پنهنجي وڪيل الطاف سجل اعوان معرفت سرڪٽ بئنچ حيدرآباد ۾ درخواست داخل ڪرائي درخواستگذار موقف اختيار ڪيو ته حڪومت 2020 ۾ ايڪٽ پاس ڪري اسپتال جي انتظامي باڊي مقرر ڪئي هئي ، ان تي اڄ تائين عمل نه ٿي سگهيو آهي ايڪٽ تي عمل نه ٿيڻ ڪري اتي جي سي اي او جي مقرري ٿي سگهي آهي نه ئي پروفيسر ۽ ٻيا ملازم ڀرتي ٿي سگهيا آهن 2024 ۾ سنڌ جي وڏي وزير اسپتال ۾ يونيورسٽي ٺاهڻ جو اعلان ڪيو گڏو اسپتال ۾ يونيورسٽي نه ٺهڻ کپي ان خلاف اسان عدالت آيا آهيون اسپتال ۾ يونيورسٽي ٺهي ته پوءِ لاچار ماڻهو دربدر ٿي ويندا انهن جو علاج ڪير ڪندو يونيورسٽي ڪمرشلائيز ٿي ويندي ان کي هو ٻئي طريقي سان هلايو ويندو ٻين ڌرين کي ڏنل اسپتال جي زمين پڻ واپس ڪرائي اداري کي فعال ڪيو وڃي ادارو ٽرسٽي آهي ان کي ٽرسٽي ئي رهڻ ڏنو وڃي يونيورسٽي نه ٺاهي وڃي.

[redacted]

ورسيءَ موقعي تي سروري جماعت جو روحاني پيشوا ميمبر قومي اسيمبلي مخدوم جميل الزمان درگاهه حضرت غوث الحق مخدوم سرور نوح پهچي مرحوم مخدوم امين فهيم جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي دعا گهرڻ بعد ورسي تقريبات جو آغاز ڪندا . ورسي سلسلي ۾ درگاهه حضرت مخدوم سرور نوح جي احاطي ۾ مرحوم مخدوم امين فهيم جي روح کي ايصال ثواب ڏيارڻ لاءِ قرآن خواني ۽ خيرات جو اهتمام ڪيو ويو آهي . ٻئي طرف هالا ميونسپل ڪميٽي چيئرمين زوار گل محمد پاران درگاهه سرور نوح جي مک روڊ تي صفائي سٿرائي جو انتظام مڪمل ڪيو ويو آهي

[redacted]

ڪائونسلر نزهت جاويد، مس شازيا، نويد هسباڻي، سليم بروهي، اختر سومرو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ڪيمپ ۾ ليڊي ڊاڪٽر نسيم ملاح ۽ اسٽاف وڏي تعداد ۾ مستقل خانداني منصوبه بندي (Perment LARC ،FP) ۽ ٻين فيملي پلاننگ خدمتن سان گڏ مفت آپريشن ۽ دوائون فراهم ڪيون انهي موقعي تي خطاب ڪندي چي اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو آدم حنين طارق شاهاڻي چيو ته وڌندڙ آبادي سماج لاءِ سنگين اثرات پيدا ڪري رهي آهي هن ضلعي آفيسر پاپوليشن ويلفيئر شهاب الدين ميمڻ جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته سنڌ حڪومت جي پاليسي مطابق اسان پاپوليشن کاتي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺا آهيون ۽ هر ممڪن قدم کنيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته ٽنڊو آدم ۽ ڀرپاسي جي پسمانده علائقن ۾ اهڙن مفت خانداني صحت ميلن مان عورتون ۽ ٻار فائدو حاصل ڪري رهيا آهن تقريب کي خطاب ڪندي ضلعي پاپوليشن ويلفيئر آفيسر شهاب الدين ميمڻ چيو ته صحت ميلو ڪيمپ جو مقصد ماءُ ۽ ٻار جي صحت جي صحت کي بهتر بڻائڻ آهي صوبائي وزير صحت ۽ پاپوليشن سنڌ عذره فضيل پيچوهو ۽ سيڪريٽري آبادي جي ڀلائي واري کاتي سنڌ حفيظ الله عباسي جي هدايت تي ضلع جي پوئتي پيل علائقن ۾ صحت ميلا لڳائي ماءُ ۽ ٻارن جي صحت ۽ خانداني منصوبه بندي جون سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن خانداني صحت ميلا ڪيمپ کي برج ڪنسلٽنٽ ضلعو سانگهڙ جي مينيجر علي شير ڏاهري، ميڊيڪل آفيسر آر ايڇ ايس اي سينٽر ٽنڊو آدم ڊاڪٽر نسيم ملاح، PSI جي ضلعي مينيجر زُهيب حسن، ليڊي ڪائونسلر نزهت جاويد، مس شازيا، نويد هيسباڻي اختر سومرو، سليم بروهي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

[redacted]

ميڊيا جي دٻاءُ سبب ڪيس داخل ٿيو آهي هن چيو ته ڏيپلو شهر کي پوليس اسٽيٽ بڻايو ويو آهي ۽ پ پ پ ايم پي اي سريندر ولاسائي جيڪا ڌارجر سيل هجڻ جي ڳالهه ڪئي اها بلڪل درست آهي ۽ جنهن جي خاتمي جي شروعات ٿي چڪي آهي پر اڃان به اڳتي هلي هنن ظلمن جي مڪمل بچاڻي ضرور ٿيندي

[redacted]

حميد جلباڻي ، اقبال وساڻ هٿا جن هڪ مهيني جي اندر ، جوڙيل ٽيم بلوچستان ۽ ٻين علائقن مان اصل جوابدار عبدالغفار ، اظهر علي ، فرحان مگسي گرفتار ڪيا جنهن تي ايف آر پڻ داخل ڪئي ان سلسلي ۾ ايس ايس پي شبير احمد سيٺار پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته ضلع شهيد بينظير آباد ۾ واقعو پيش آيو جيڪو هڪ مهيني اندر حل ڪري اصل جوابدار گرفتار ڪري جيل موڪلي ڇڏيا آهن ۽ وڏائن ٿر ٽيل 70 لک مان 45 لک برآمد ڪيا ويا آهن جيڪي سالڪ سهيل انور شيخ حوالي ڪيا ويا آهن هن وڌيڪ چيو ته باقي ڪجهه جوابدار هن ڪيس ۾ روپوش آهن انشاءالله جلد انهن کي به قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻينداسين هن چيو ته روپوش جوابدارن ۾ آشان ، شاني ، مشتاق لاکير ۽ عباس چانڊيو شامل آهن

[redacted]

منگريو ڪيرو جي شهيد چوڪ ۽ تعلقي ايجوڪيشن آفيسر جي آفيس آڏو دهل وڄائي احتجاج رڪارڊ ڪرائيندي ڏانهيو ته تعليم کاتي جي آفيسرن آڏو ڏانهون ڪرڻ باوجود ڪير به مسئلو حل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ماستر مقرر نه ٿيڻ سبب اسڪول بند هجڻ ڪري علائقي جا ٻار تعليم جي زيور کان محروم آهن هن چيو ته مقامي آفيسرن جي نااهلي سبب اسان جي ڳوٺ سميت تعلقي جا 50 کان وڌيڪ اسڪول بند پيا آهن هن سنڌ جي وزير تعليم کان مطالبو ڪيو ته اسڪول ۾ ماستر مقرر ڪري اسڪول کولي غريب ٻارن کي تعليم ڏياري وڃي

[redacted]

مالڪن جو پرسنل هيئرنگ سيشن منعقد ڪيو ويو جنهن جي صدارت ڊي جي سيپا وقار حسين ڦلپوٽو ڪئي.اجلاس ۾ اهم مسئلي تي غور ڪيو ويو ته مختلف ڀٽن جي پٽن ۾ سب اسٽينڊرڊ ۽ آلودگي پيدا ڪندڙ مواد جهڙوڪ پلاسٽڪ ڪپڙا ۽ ٻيو ڪچرو استعمال ڪيو پيو وڃي جيڪو ماحول ۾ زهريلي دونهين ۽ ذرات جي اخراج جو سبب بڻجي رهيو آهي.ڊائريڪٽر جنرل وقار حسين ڦلپوٽو ڀٽا ايسوسيئيشن ۽ مالڪن کي سختي سان هدايت ڪئي ته غير معياري ۽ ماحول لاءِ نقصانڪار ايندڻ جو استعمال فوري بند ڪيو وڃي ۽ ماحول دوست ايندڻ استعمال ڪيو وڃي. وڌيڪ هدايت ڪئي وئي ته ڀٽن کي زگ زيگ ۽ جديد ٽيڪنالاجي تي منتقل ڪيو وڃي ته جيئن فضائي آلودگي ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي.ڊي جي سيپا لاڳاپيل آفيسرن کي پڻ هدايت جاري ڪئي ته ڀٽن جي سخت نگراني ڪئي وڃي ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي.پرسنل هيئرنگ ۾ جافر خان، صدر ڀٽا ايسوسيئيشن سنڌ ۽ ضلعي ماتلي ضلعي محمد خان ۽ ضلعي حيدرآباد جا ڀٽا مالڪ پڻ موجود هئا.

[redacted]

ٿاڻي جي حد ڳوٺ عثمان ملو ۾ وڏيري ظهير راڄپر جي بنگلي مان سندس پورهيت نويد راڄپر جو گولي لڳل لاش هٿ آيو واقعي جو اطلاع ملڻ تي نوجوان جا وارث ۽ ڪوٽ لالو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ويا لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو ڳوٺ عثمان ملو ۾ وڏيري ظهير احمد راڄپر جي بنگلي مان پورهيت نويد راڄپر جو گولي لڳل لاش هٿ آيو نويد راڄپر ڪافي وقت کان ظهير راڄپر جو ملازم هو واقعي واري هنڌان ڪوٽ لالو پوليس لاش سان گڏ پسٽل پڻ هٿ ڪري ورتو آهي، ان سلسلي ۾ فوتي نوجوان جي وارثن جو چوڻ هو ته ظهير راڄپر وٽ ڪيترن ئي سالن کان نوجوان مزدوري ڪندو هو اسان کي اهڙو اطلاع مليو ته نوجوان جو بنگلي ۾ گولي لڳل لاش پيل آهي، اسان جي ڪنهن سان به دشمني ناهي نوجوان مزدوري ڪري گهر هلائيندو هو اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻئي پاسي ڪوٽ لالو پوليس موجب اسان کي واقعي جو اطلاع مليو هو هتي پهچي لاش ۽ اتي موجود پسٽل به هٿ ڪري ورتو آهي لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ فيضگنج جي اسپتال منتقل ڪيو آهي وڌيڪ پوسٽ مارٽم رپورٽ بعد معاملي خبر پوندي هوڏانهن علائقي ۾ نوجوان جي قتل جا چڙيول پڻ هلندڙ آهن

[redacted]

اصغر چوهاڻ ويٺل رحيم يار خان ، تنوير پٽ فيض الله چوهاڻ الطاف پٽ ملل خان راهمون ويٺل عمر ڪوٽ ، شهمير پٽ خدا بخش لنگوپال ويٺل ساهيوال ، اسامه پٽ بشير گرواڻي ۽ آصف پٽ امتياز گرواڻي ويٺل رهاڙي طور ٿي آهي ، پوليس ٻڌايو ته پوليس زخمين کي علاج لاءِ چانڊڪا اسپتال لاڙڪاڻو منتقل ڪيو آهي ياد رهي ته پنجاب کان ايندڙ ٽرالرن تي پنجابي ڊرائيور سدائين رف ڊرائيونگ ڪندا ايندا آهن ۽ وچ ۾ پڻ ڪُهنون هڻندا آهن جنهن جي ڪري به حادثا پيش اچن ٿا ٻيو ته جڏهن ٻيرلو بائي پاس تي ٻارنهن ڏينهن ڌرڻو لڳو هيو جنهن ۾ ٽرانسپورٽ بند هئي ان کان پوءِ ٽرالرن جا ڊرائيور بدمست ٿي ويا آهن

[redacted]

لاءِ چئي رهيو هو ته ماڻٿن جي انڪار ڪرڻ تي ڪارڙ ۾ اچي خودڪشي ڪري ڇڏي هوڏانهن ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته گهر اندر ٻن ڀائرن جي پاڻ ۾ ڪنهن ڳالهه تان منهن ماري ٿي هئي جنهنجي ڪارڙ ۾ اچي خودڪشي ڪري ڇڏي نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

[redacted]

لاش محرابپور اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو جتان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته فوتي جو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ٻئي پاسي فوتي جي چاچي دڪاندار ايڪشن ڪاميٽي جي اڳواڻ ظفر اقبال حيدري آرائين ٻڌايو ته اباڻو قبرستان آهي جتي دعا لاءِ ايندا رهندا آهيون ۽ فوتي پنهنجو موبائل فون ۽ موٽر سائيڪل گهر ۾ ئي ڇڏي صبح گهران نڪتو هيو بعد ۾ سندس لاش ملڻ جو اطلاع مليو هن چيو ته فوتي نوجوان جي ڪنهن سان به دشمني ناهي هو هڪ پيغمبري پيشي سان وابسته هو ۽ هتي ڪيئن ڪنهن سان پهتو ڪيس کي ڇا ٿيو پوليس جانچ ڪري رهي آهي جڏهن ته آخري اطلاعن تائين نوجوان جي موت جو ڪارڻ اڃا تائين معلوم ٿي ناهي سگهيو.

[redacted]

هن ڪاميابي جو ڪريڊٽ اسڪول جي هيڊ ماستر جناب غلام نبي خشڪ کي وڃي ٿو جن جي رهنمائي هميشه شاگردن کي متاثر ڪيو آهي امير عثمان ميمڻ علي اصغر بروهي کي هن بامعني تقريب جي انعقاد ۾ انهن جي مسلسل تعاون حوصلا افزائي ۽ ڪوششن لاءِ خاص طور تي ساراهيو ويو

[redacted]

منهنجي 3 ايڪڙ زرعي زمين تي قبضو ڪيو آهي هنن چيو ته اسان غريب ماڻهون آهيون هو بااثر آهن اسان جي نه پوليس ٻڌي ٿي نه ڪو ٻچڙ مڙس ٻڌي ٿو انهي ڪري اسان ميڊيا جو سهارو ورتو آهي هنن وس وارن کان اپيل ڪئي آهي ته زرعي زمين تان قبضو ختم ڪرائي اسان کي تحفظ ڏنو وڃي

[redacted]

ويچيو وڃي ٿو ته ڄاڻايل ٽرالر ٽرڪول تي وڃي رهيو هو اينگرو موڙ وٽ ڊرائيور رستو ڀلجي ٻي روڊ طرف نڪري ويو ته ڪلينر ٽرالر کي پوئتي ريورس ڪرائي رهيو هو اوچتو ڪلينر جو پير ترڪي پوڻ سبب هيٺ ڪرڻ شرط ڪنٽينر مٿان نوجوان مٿان چڙهي ويو جنهن سبب نوجوان موقعي تي ئي فوت ٿي ويو اطلاع تي اسلام ڪوٽ پوليس پهچي فوتي جو لاش تحويل ۾ وٺي اسلام ڪوٽ جي سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد نوجوان جو لاش اباڻي شهر شجاع آباد ضلعو ملتان نيو ويو

[redacted]

عملي ۽ شاندار بيٽنگ جو مظاهرو ڪندي مليل هدف 7.5 اوورن ۾ پورو ڪري ورتو ۽ 3 وڪيٽن تان فتح حاصل ڪئي . اهڙي طرح گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول خانگڙهه کي انٽر اسڪول ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ 2025 جو چيمپيئن قرار ڏنو ويو.هن ٽورنامينٽ ۾ ڪُل 14 ٽيمن حصو ورتو ، ۽ مقابلا لڳ ڀڳ 12 ورڪنگ ڏينهن وچ ۾ جاري رهيا انهي موقعي تي اسپورٽس ۽ يوٿ منسٽر سردار محمد بخش خان مهر فائنل مئچ جي خاص مهمان طور شرڪت ڪئي

[redacted]

موقعي تي ضلعي ۾ جمعي جي ڏهاڙي تي عام موڪل جو اعلان ڪجي ٿو تمام سرڪاري ۽ نجي ادارا بند رهندا. ياد رهي پاڪستان پيپلزپارٽي ملڪ جي اڳواڻ سروري جماعت جي روحاني پيشوا مخدوم امين فهيم 10 سال هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو هو. جنهن تي ڪيس خراج عقيدت ڪندي ضلعي انتظاميا پاران عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو آهي ٻئي طرف ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظهر برڙو چيئرمين ميونسپل ڪميٽي هالا زوار گل محمد پنهور ۽ ٻين مخدوم امين فهيم جي مزار تي چادر چاڙهي فاتح خواني ڪئي

[redacted]

ايم پي اي امداد خان پتافي . پ پ پ ضلعي صدر ظهير عباس پتافي . ضلعي ڪائونسل چيئرمين مير سهيل پيو ٽالپر . سردار اعجاز خان پتافي ۽ ٻين آبادگارن کي هاري ڪارڊ ڏئي ڪيو.تقريب ۾ ضلعي جي آبادگارن . هارين . زراعت کاتي جي آفيسرن ۽ پ پ پ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

[redacted]

جي جنرل سيڪريٽري اويس پتافي جي بنگلي جي گهٽي جي دروازو توڙڻ لاءِ هٿوڙا کڻي پهتو ته وڪيل اويس پتافي عدالت جو اسٽي آرڊر ڏيکاريو پر ان باوجود اسسٽنٽ ڪمشنر ديوار توڙڻ لاءِ هٿوڙو هٿ ۾ کڻي ديوار توڙڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي ٻيا وڪيل به واقعي واري هنڌ پهچي ويا جن احتجاج ڪيو اُن موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي وڪيل اويس پتافي اڪبر لغاري ۽ ٻين جو چوڻ هو ته بد امني جي ڪري اسان گهٽي جو گيٽ لڳايو آهي جيڪو رات جو بند ڪري پاڻ کي چورن کان بچائيندا آهيون جيئن ڪو اندر گهٽي ۾ چور چڪار نه اچي سگهي هن چيو ته اسٽي جو آرڊر پڻ نڪتل آهي هن چيو ته منهنجو ڪڏهن به اهو مقصد ناهي ته مان ڪنهنجو رستو بند ڪيان هي گيٽ صرف پنهنجي تحفظ لاءِ لڳايو آهي پر اسسٽنٽ ڪمشنر قبضو ڄاڻائي مسمار ڪرڻ چاهي ٿو جيڪو عمل ناقابل برداشت آهي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي عدالتي حڪمن تي عمل ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ وڪيل برادري پاران احتجاج جو سڏ ڏنو ويندو

[redacted]

ته اسان جي زرعي زمين تي مجيد ڏاڇ عزيز ڏاڇ ياسر ڏاڇ صابر ڏاڇ قبضو ڪري زبردستي ويهي رهيا آهن حق گهرڻ تان موٽ مار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن ڀهريان ٻ منهنجي گهر کي باهه ڏئي ساڙيو ويو اٺن سالن کان وٺي مان ۽ منهنجو ڀاءُ اسحاق ڏاڇ ڏانهون ڪندا پيا اچون زرعي زمين اسان جي بابي جي نالي تي آهي قبضو ڪندڙ ڀهريان اسان جا هاري هيا اسان انهن کي هاريپي لاءِ زمين ڏني هئي هن وقت مونڊر پوليس ٿاڻي جو وڏو منشي ۽ پوليس جماندار مجيد ڏاڇ جي انهن کي وڏي پٺ ڀرائي آهي ان ڪري هو بار بار موٽ مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ته زرعي زمين تان هٽ ڪٽي وڃ 30 جريب زرعي زمين جيڪا منهنجي گهر جي اڳيان آهي ان تي ڏاڍ ڪري قبضو ڪيو ويٺا آهن سنڌ حڪومت ۽ آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ لاڳاپيل عملدارن کان مطالبو آهي ته اسان جي زرعي زمين تان بااثرن ماڻهن جو قبضو هٽائي ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

[redacted]

سال نوجوان رمضان سهتو ولد علي محمد سهتو ڦٽڻ تي ٿي فوت ويو جڏهن ته سندس سان سوار عورت مسمات ليلا زال علي محمد سهتو ۽ معصوم ٽينگر 8 سالا پٽ رمضان زخمي شديد زخمي ٿي پيا، واقعي جو اطلاع ملڻ تي پوليس ۽ راهه ويندڙ زخمين ۽ فوتي جي مڙهه کڻائي اسپتال پهچايا جتي زخمين جو علاج هلندڙ ۽ فوتي جو اسپتال مان مڙهه ضروري ڪارروائي بعد وارث حوالي ڪيو ويو جيڪي سندس جون آخري رسمون ادا ڪرڻ لاءِ اباڻي ڳوٺ ملڪواهڻ کڻائي آيا، نوجوان جو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو جڏهن ته نوجوان جي جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد اتي ئي مقامي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو واقعي جو ڪو به ڪيس داخل ٿي نه سگهيو ناهي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي آهي

[redacted]

هوائي فائرنگ ڪري ڀڄي جان بچائي ورتي، جنهن بعد زخمي پوليس اهلڪار کي بيهوشي جي حالت ۾ سيوهڻ جي سيد عبد الله شاهه انسٽيٽيوٽ اسپتال پهچايو ويو جتي کيس طبي امداد ڏني وئي، ٻئي طرف اهڙي واقعي کان پوءِ وڏي تعداد ۾ نفري جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ ڪجهه گرفتاريون پڻ عمل ۾ آنديون ويون آهن ان حوالي سان رابطو ڪرڻ تي 15 مددگار پوليس سيوهڻ جي انچارج منظور دل ٻڌايو ته 15 پوليس جا 4 اهلڪار 2 موٽرسائيڪلن تي سوار ٿي بچاءِ بند تي معمول جو گشت ڪري رهيا هئا ته منشيات فروشن پوليس کي ڏسي حملو اوچتو حملو ڪيو جنهن ۾ ڏنڊن ۽ بيلچن لڳڻ سبب 2 اهلڪار زخمي ٿي پيا آهن پوليس تي حملي ۾ جيڪو به ملوث هوندو ان کي حراست ۾ وٺي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو هوڏانهن پوليس ڪارروائي ڪندي حملي ۾ ملوث هڪ جوابدار رحيم ملاح کي گرفتار ڪري ورتو آهي

آفيس آف لينڊ ايڊمنسٽريشن اينڊ روينيو مئنيجمينٽ انفارميشن سسٽم (LARMIS) ريفارم ونگ اينڊ اسپيشل سيل، بورڊ آف روينيو حڪومت سنڌ

ٽينڊر گهرائڻ جو نوٽيس

آفيس آفلينڊ ايڊمنسٽريشن اينڊ روينيو مئنيجمينٽ انفارميشن سسٽم (LARMIS) آر اينڊ ايس ونگ بورڊ آف روينيو حڪومت سنڌ سمورين دلچسپي رکندڙ ڪمپنين کان سنگل اسٽيج-ٽو انويلپ پروسيجر تحت ايس پي پي آر 2010 (هيستائين ترميم ٿيل) تحت "لينڊ ايڊمنسٽريشن اينڊ روينيو مئنيجمينٽ انفارميشن سسٽم (LARMIS) آر اينڊ ايس ونگ بورڊ آف روينيو، سنڌ" تحت هيٺئين ٽينڊر لاءِ ٽينڊر گهرائي ٿي.

ٽينڊر ٽائيٽل	واڪ عمل جو طريقيڪار	واڪ دستاويز حوالو	ڊاڪيومينٽ في
"54 سيڪيورٽي گارڊز (هر هڪ پيپلز سروس سينٽرز LARMIS سڄي سنڌ لاءِ 02) ريفارمس ونگ اينڊ اسپيشل سيل بورڊ آر روينيو سنڌ جي فراهمي لاءِ پرائيويٽ سيڪيورٽي ڪمپني جي سروسز جي هائرنگ"	سنگل اسٽيج- ٻه لفافا	https://bor.sindh.gov.pk https://portalsindh.eprocure.gov.pk	3000 رپيا

نوٽ: ورڪ جو اسڪوپ اسائنمينٽ جي تفصيلي اسپيسيفڪيشنز سان گڏ ٽينڊر دستاويز ۾ دستياب آهن جيڪا سيڪريٽري -ڪم-ڊائريڪٽر LARMIS، بورڊ آف روينيو حڪومت سنڌ جي آفيس لڳ ڊاڪٽر ضياءُ الدين هاسپيٽل، ڪلفٽن ڪراچي مان خريد ڪري سگهجي ٿو يا ساڳيا ايس پي پي آر اي ويب پورٽل: https://portalsindh.eprocure.gov.pk تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

هدايتون:

1. دلچسپي رکندڙ اهل واڪ ڏيندڙ ٽينڊر آئٽم لاءِ واڪ دستاويز سيڪريٽري-ڪم-ڊائريڪٽر LARMIS، آر اينڊ ايس ونگ بورڊ آف روينيو حڪومت سنڌ جي آفيس لڳ ڊاڪٽر ضياءُ الدين هاسپيٽل، ڪلفٽن ڪراچي ٽيليفون نمبر: /68-99251367-21-92+، فيڪس: 35305586-21-92+ مان اڱارو 18 نومبر، 2025 کان آفيس وقتن دوران يعني صبح جو 09:00 وڳي کان شام جو 05:00 وڳي تائين ٽينڊر دستاويز في 3000 رپيا (ناقابل واپسي) ٽينڊر آئٽم لاءِ ڏار ريٽ سيڪريٽري -ڪم-ڊائريڪٽر LARMIS، بورڊ آف روينيو سنڌ جي حق ۾ پي آرڊر/ڊمانڊ ڊرافٽ جي صورت ۾ ادائگي عيوض حاصل ڪري سگهن ٿا. وڌيڪ معلومات / وضاحتون ساڳي آفيس مان پڻ حاصل ڪري سگهجن ٿيون.
2. واڪ دستاويز ايس پي پي آر اي، EPADS وغيره جي ويب سائيٽ يعني: https://portalsindh.eprocure.gov.pk تان يا بورڊ آف روينيو سنڌ جي ويب سائيٽ يعني bor.sindh.gov.pk تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا، اهڙي صورت ۾ ڊاڪيومينٽ في لازمي ريٽ واڪ سان گڏ جمع ڪرائڻ گهرجي، صرف ڊاڪيومينٽ في سان گڏ جمع ڪرايل واڪن کي واڪ عمل ۾ شرڪت لاءِ اهل طور سمجهيو ويندو.
3. ٽينڊر لاءِ درخواست ڏيندڙ واڪ ڏيندڙن کي پنهنجا واڪ SPPRA EPADS ويب پورٽل يعني https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/. تي جمع ڪرائڻ گهرجن. 810,000 رپين جي اصل واڪ جي سيڪيورٽي، جيڪا پي آرڊر / ڊمانڊ ڊرافٽ جي صورت ۾ هجي، جيڪا اصل واڪ سان گڏ صحيح طور تي صحيح ٿيل ۽ مهر لڳل هجي، سيڪريٽري-ڪم-ڊائريڪٽر LARMIS، بورڊ آف روينيو، حڪومت سنڌ، ڊاڪٽر ضياءُ الدين اسپتال سان لاڳاپيل آفيس، ڪلفٽن، ڪراچي، ٽيليفون: 99251367-21-92+ تي، اڱارو 9 ڊسمبر 2025 تي يا ان کان اڳ، جمع ڪرائڻ گهرجي.
4. مٿي ڄاڻايل عنوان واري آر ايف پي/ واڪ عيوض جمع ڪرايل پروپوزلس پروڪيورمينٽ ڪميٽي پاران ساڳي ڏينهن يعني اڱارو 09 ڊسمبر، 2025 تي منجهند 12:30 وڳي LARMIS ايڊمنسٽريشن بورڊ آف روينيو، حڪومت سنڌ جي آفيس لڳ ڊاڪٽر ضياءُ الدين هاسپيٽل ڪلفٽن ڪراچي ٽيليفون نمبر: /68-99251367-21-92+ ۾ سمورن واڪ ڏيندڙن يا موجودگي جي خواهشمند سندن نمائندن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا.
5. وصول ٿيل سڀ واڪ جمع ڪرايا/ کوليا ويندا ۽ ايس پي پي رولز 2010 سان مطابقت ۾ واڪ دستاويز جي چنڊڇاڻ معيار ۾ مقرر ڪيل طريقيڪار مطابق چنڊڇاڻ ڪيا ويندا.
6. فقط آفيس آف سيڪريٽري-ڪم-ڊائريڪٽر LARMIS، آر اينڊ ايس ونگ بورڊ آف روينيو، سنڌ حڪومت کان جاري ٿيل مقرر ڪيل ٽينڊر فارم تي آڇيل واڪ قبول ڪيا ويندا وڌيڪ اهو ته جيڪڏهن ضروري هجي ته اضافي شيٽون لڳائي سگهجن ٿيون.
7. شرطيه ٽينڊر / درخواستون منظور نه ڪيون وينديون.
8. آفيس آف LARMIS ايڊمنسٽريشن، آر اينڊ ايس ونگ بورڊ آف روينيو سنڌ، ايس پي پي رولز 2010 جي رول 25(1) تحت واڪ يا آڇ جي قبوليت کان پهريان ڪنهن به وقت واڪ عمل کي منسوخ ڪري سگهي ٿي.
9. پروڪيورنگ ايجنسي ايس پي پي آر اي رولز 2010 جي لاڳاپيل فقرن جي شرط سان واڪ جي چنڊڇاڻ جا نتيجا رپورٽ جي صورت ۾ پڌرا ڪندي جنهن ۾ واڪ يا آڇ جي قبوليت لاءِ وضاحت ڏنل هوندي.
10. هيءُ نوٽيس ايس پي پي آر اي EPADS جي ويب سائيٽ https://portalsindh.eprocure.gov.pk سان گڏوگڏ بورڊ آف روينيو سنڌ جي ويب سائيٽ: bor.sindh.gov.pk تي پڻ ڏسي سگهجي ٿو.
11. مهرباني ڪري ڌيان ۾ رکو ته ڪنهن به هنگامي صورتحال قدرتي آفت يا سنڌ حڪومت پاران موڪل ڪرڻ جي صورت ۾ واڪ جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ ورندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تائين وڌائي ويندي.

اسسٽنٽ ڊائريڪٽر (فنانس)
LARMIS ۽ R&S ونگ
بورڊ آف روينيو سنڌ

INF/KRY.No.3890/2025

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

سيوهڻ ويجهو منشيات فروشن جو حملو، چاپو هڻڻ لاءِ ويل 2 اهلڪار زخمي

سيوهڻ جي ون فائيو مددگار پوليس ڳوٺ لونگ خان داروغو ۾ چاپو هڻڻ ويئي ته منشيات فروشن مٿن حملو ڪيو

حملي ۾ ڏنڊا ۽ بيلچا لڳڻ سبب ون فائيو پوليس جا 2 اهلڪار شهزاد ٻڙدي ۽ مبين ملاح زخمي ٿي پيا

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ بجاءِ بند ويجهو ڳوٺ لونگ خان داروغو ۾ منشيات جي اڏي تي چاپو هڻڻ لاءِ ويندڙ سيوهڻ جي ون فائيو مددگار پوليس اهلڪارن تي منشيات فروشن پاران اوچتو حملو ڪيو ويو، حملي ۾ ڏنڊا ۽ بيلچا لڳڻ سبب ون فائيو پوليس جا 2 اهلڪار شهزاد ٻڙدي ۽ مبين ملاح زخمي ٿي پيا جنهن بعد باقي پوليس اهلڪارن بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: منشيات فروشن جي حملي ۾ زخمي ٿيل پوليس اهلڪارن کي طبي امداد ڏني پئي وڃي

عاشق زرداري ۽ چيئرمين عبدالحميد پنهور ميرپور ساڪرو ۾ شيخ زيد اسپتال جو دورو

اي ايس ڊاڪٽر ممتاز چوهاڻ مهمانن کي اسپتال جي شعبن جو دورو ڪرائي بريفنگ ڏني

مريضن کي معياري علاج ۽ وڌ کان وڌ سهولتون مهيا ڪرڻ انتظاميه جي پهرين ترجيح آهي: ممتاز چوهاڻ

غلام □ (ن ع) پاڪستان پيپلزپارٽي جي نوجوان اڳواڻ عاشق علي زرداري ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٺٽو جي چيئرمين عبدالحميد پنهور اڄ شيخ زيد اسپتال ميرپور ساڪرو جو دورو ڪيو جتي هنن مريضن کي مهيا ٿيندڙ صحت جي سهولتن ۽ مجموعي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ان موقعي تي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر ممتاز چوهاڻ معزز مهمانن کي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ جشن ميلاد جي شاندار پروقار تقريب

حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ پوري دنيا لاءِ رحمت العالمين آهن: توصيف عطاري

جشن ميلاد ملهائڻ سان اسان خوشي جو اظهار ڪريون ٿا: سيد اعجاز شاهه بخاري

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ پريس ڪلب طرفان جشن عيد ميلادالنبي ﷺ جي سلسلي ۾ پروقار شاندار تقريب ۾ پنجاب کان آيل ديني عالم توصيف عطاري خصوصي خطاب ڪندي چيو ته حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ پوري دنيا لاءِ رحمت العالمين آهن جن جي شان مان جو وڏو لازوال مثال آهي پوري دنيا تي سندن رحمت ڇانيل آهي پاڻ انسان ذات سان گڏ سمورين مخلوقات جا آخري نبي جو اعزاز حاصل ڪرڻ سان گڏ انسانيت جي لاءِ هڪ بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڊگهڙي لڳ بجلي تارن مان چڻنگ اٿڻ سبب ڪمند جي فصل کي باهه، لکين رپين جو نقصان

ڊگهڙي (ن ع) ڊگهڙي پرسان ميير زاهد ٿاليپر جي ڪمند جي فصل ۾ اوچتو ان وقت باهه ڀڙڪي پئي جڏهن گهرن ويجهو ڪريل بجلي جي تار ۾ اوچتو ڪرنٽ آيو جنهن سان فصل ۾ باهه پکڙجي ويئي ۽ ڪجهه ئي لمحن ۾ لکين رپين جي ڪمند جي فصل سڙي رک ٿي ويئي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته هتي هن ڏينهن کان واپڊا بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: پسند جي شادي نه ٿيڻ تان زهر پيئندڙ ناري اسپتال ۾ داخل آهي

ميرپورخاص اڳواڻ سلامت لاڪو جهيڙي ۽ حملي جي ڪيسن ۾ حيدرآباد عدالت پيش، ٻڌڻي 26 نومبر تائين ملتوي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) ميرپورخاص جو سياسي ۽ سماجي اڳواڻ سلامت لاڪو جهيڙي ۽ حملي جي ڪيس ۾ عدالتن ۾ پيش، فريادي ڌر نه اچڻ ۽ وڪيلن پاران عدالتي ڪارروائين جي بائيڪاٽ سبب ٻڌڻي ملتوي، سينٽرل جيل جي پوليس سلامت لاڪو کي حملن ۽ جهيڙي جي ٽن بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

گوليون هڻي قتل ڪيل رمضان ڪوسو جي وارثن پاران لاش رکي ڌرڻو، روڊ بلاڪ

مظاهرين ڪڍڻ علي بندر ۽ ڏرڪول روڊ تي احتجاجي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، ٽريفڪ معطل

ڊيپلو پوليس جوابدار کي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ باوجود گرفتار نه ڪري ڀڄڻ جو موقعو ڏنو آهي:مظاهرين

ايس ايس ٿرپارڪر شعيب ميمڻ ڳالهين لاءِ پهتو مقتول نوجوان جي وارثن سان ڳالهيون ڪري ڌرڻو ختم ڪرايو

ملي/بدين/ڪلوئي (نمائندن وڪان) ڊيپلو پوليس طرفان تعلقي بدين جي علائقي ولهاري جي رهواسي رمضان ڪوسو کي گوليون هڻي قتل ڪرڻ جي خلاف ڪڍڻ علي بندر ۽ ڏر ڪول روڊ تي ڳوٺاڻن جي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

دادو: جهيڙي ۾ زخمي ٿيل واڍڙو کي طبي امداد ڏني پئي وڃي

ضلعي ۾ منشيات جو خاتمو لاءِ ڪارروايون جاري آهن: ايس ايس پي

ڳوٺاڻن ايس ايس پي عليند راجپر سان ملاقات ڪري دل جي گهرائين سان ٿورا مڃيا

ايس ايس پي جي اثرائتي ڪارروائين سبب اڳ بدنام زمانه علائقو هاڻي محفوظ آهي

سجاول (ڊ ر) سجاول ضلعي پوليس جي ڪامياب ڪاررواين جي نتيجي ۾ بدنام زمانه آئس منشيات جو گڙهه سمجهيو ويندڙ محمود واهه اسڪاب کي مڪمل طور آئس ۽ منشيات کان پاڪ ڪري ڇڏيو آهي، جنهن بعد علائقي واسين ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي ويئي آهي محمود واهه ۽ پسگردائي وارن ڳوٺن جي وڏي تعداد ايس ايس پي آفيس پهچي، ايس ايس پي سجاول عليند راجپر سان ملاقات ڪري سجاول پوليس جو دل جي گهرائين سان ٿورا بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

هالار چاڙهي جي رهواسين جو باڻين جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

غلام □(ن ع) ٺٽي ويجهو ڪينجهر لڳ چليا ويجهو هالار چاڙهي جي رهواسين محمد عثمان جاڪرو ۽ سندس ڀاءُ علي جاڪرو مڪلي پريس ڪلب تي پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي گذريل هڪ مهينو اڳ سندن گهر تي ڪجهه بااثر ماڻهن مٿن حملو ڪري سندن گهر خالي ڪرائي ڇڏيو جنهن بعد ڳو بي گهر ٿي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سجاول: ايس ايس پي علينا راجپر کي ڳوٺاڻا لنگيون اوڍائي رهيا آهن

جيڪب آباد ۾ امن امان بحالي لاءِ مختلف علائقن ۾ پوليس آپريشن، ٽڪاڻا پٽ، ٻاهيون

مختلف ٿاڻن جي پوليس مولاداد، آباد ۽ نوازو جاگير جي مختلف ڳوٺن ۾ ڌوهارين خلاف آپريشن ڪيو

پوليس نفري بکتر بند گاڏين، ڊرون ڪيمرائن ۽ اي پي سي چيٽن ذريعي ڌوهارين جي گرفتارين لاءِ آپريشن ڪندي ڊرون فائر ڪيا

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد ۾ امن امان جي مڪمل بحالي لاءِ ايس ايس پي جيڪب آباد محمد ڪليم ملڪ جي اڳواڻي ۾ ٽئين ڏينهن به مولاداد، نوازو جاگير سميت مختلف علائقن ۾ پوليس جو بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوغلام علي موٽرسائيڪل جو راهگير سان ٽڪر، هڪ فوت، هڪ ڄڻو زخمي

ماتلي مين روڊ لڳ آغا موڙ وٽ موٽرسائيڪل ڳوٺاڻي اعجاز خاصخيلي مٿان چڙهي وئي

حادثي جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار محمد اسلم ۽ اعجاز خاصخيلي زخمي ٿي پيا

ٽنڊوغلام علي(ن ع) ٽنڊوغلام علي شهر جي آغا موڙ وٽ روڊ حادثو هڪ فوت هڪ ڄڻو زخمي خبر موجب رات دير سان ٽنڊوغلام علي ماتلي مين روڊ لڳ آغا موڙ وٽ موٽر سائيڪل سوار محمد اسلم عرف بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو غلام علي: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل شخص جو لاش

حيدرآباد عدالت پاران سرڪاٿوس اسپتال ۾ يونيورسٽي قائم ڪرڻ خلاف نوٽيس جاري

اسپتال جي اينتامي باڊي قائم نه ڪرڻ سبب پروفيسر ۽ ملازمن جي ڀرتي ممڪن ناهي: درخواستگذار

يونيورسٽي بڻجي وڃڻ ۾ غريب مريض دربدر ٿيندا، اسپتال ڪمرشلائيز ٿي ويندي: غلام مرتضي لغاري

حيدرآباد(رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) سرڪاٿوس جي انسٽيٽيوٽ آف سائڪياٽري اسپتال ۾ يونيورسٽي داخل ۽ 2020 ۾ سنڌ حڪومت پاران پاس ڪيل ايڪٽ تي عمل نه ٿيڻ خلاف داخل درخواست تي سنڌ هاءِ ڪورٽ چيف سيڪريٽري سنڌ، سيڪريٽري صحت سميت لاڳاپيل ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي 4 هفتن ۾ جواب داخل ڪرائڻ جو بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: موئن جو دڙو ايڪسپريس جيڪا پٽڙي تان لهي وئي

هالا: برک سياستدان مرحوم مخدوم امين فهيم جي ڏهين ورسي اڄ ملهائي ويندي

هالا (ت ر) برک سياستدان پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽيرين جي اڳوڻي صدر مرحوم مخدوم محمد امين فهيم جي ڏهين ورسي اڄ جمعي ڏهاڙي هالا ۾ نهايت ئي عقيدت ۽ احترام سادگي سان ملهائي ويندي، پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽرين جي اڳوڻي صدر مرحوم مخدوم محمد امين فهيم جي ڏهين بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: گٽر جي صفائي دوران فوت ٿيل نوجوان جو لاش ۽ فائيل فوٽو

ٽنڊو محمد خان ۾ گٽر جي صفائي دوران ساهه ٻوسجي وڃڻ ڪري فوت

گٽر صفائي دوران 35 سالن جو انيل گجراتي فوت ٿي ويو، هندو رسومات تحت آخري رسم ادا

ميونسپل ايمپلائيز يونين طرفان سندس وفات تي 3 ڏينهن سوڳ جو اعلان ڪيو ويو

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ گٽر جي صفائي دوران ساهه ٻوسجي وڃڻ ڪري فوت ٿيل ميونسپل ملازم انيل گجراتي جي هندورسومات تحت شمشان گهاٽ ۾ آخري رسم ادا ڪئي وئي، ميونسپل ايمپلائيز يونين طرفان 3 ڏينهن سوڳ جو اعلان، ٽنڊو محمد خان شهر جي اسٽيشن روڊ تي گذريل ڏينهن خانگي طور گٽر جي هول کي کولي صفائي دوران فوت ٿي ويل 35 ساله انيل گجراتي جي سندس اباڻي شمشان گهاٽ ۾ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ڀتي خوري ۽ بليڪ ميلنگ خلاف سول سوسائٽي جو احتجاجي مارچ

بااثر ماڻهن طرفان واپارين ۽ بلڊرن کي مرتمار ڌمڪيون، بليڪ ميلنگ جا واقعا وڌي ويا آهن

بليڪ ميلرز خلاف فوري ڪارروائي ۽ ڪيس داخل ڪيا وڃن: مظاهرين

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ بااثر ماڻهن پاران مختلف طريقن سان واپارين شهرين ۽ بلڊرز کي بليڪ ميل ڪرڻ ۽ ڀتي جون پرچيون ملڻ واري عمل خلاف سول سوسائٽي جي اڳواڻن وڪيلن ۽ شهرين پاران ساڌل ٽائون کان ايس ايس پي آفيس تائين ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي ايڊووڪيٽ ياسر عرفات شر ايڊووڪيٽ ڪريم بخش جانوري گل محمد منگنيجو نظير ڦليوٽو بلاول سومرو علي ڦليوٽو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي اڳواڻن ريلي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٺٽي لڳ باهه متاثر جو واهر نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

باهه لڳڻ سبب گهرن ۾ پيل ڪوبه سامان بچائي نه سگهياسين:متاثر

ٻارڙن جون زندگيون بچائي کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن. واهر ڪئي وڃي

ٺٽو (ڊ ر) گذريل ڏينهن ٺٽي لڳ ڪجهو پرسان ڳوٺ گل محمد پليجو ۾ باهه لڳڻ ڪري سڙي ويل 20 کان مٿي گهرن جا مالڪ ڳوٺاڻا انتظاميه توڙي چونڊيل نمائندن پاران ڪا به امدادي سهائتا نه ٿيڻ ڪري کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن متاثر ڳوٺاڻن جو گهرن ۾ پيل سمورو سامان هنڌ بسترا سونا زيور ۽ ٻيو سامان مڪمل طور تي سڙي وڃڻ ڪري سندن الهه تلهه رک ٿي ويو ان سلسلي ۾ متاثر ڳوٺاڻن عبدالڪريم عرف بابو پليجو شفيع محمد پليجو گل بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ملي: قتل ٿيل رمضان ڪوسو جو لاش رکي وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

دادو جي ڪچي ۾ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، واڍڙو زخمي

ڳوٺ دانو چانڊيو ۾ پراڻي تڪرار تان راڪيٽ لانچر لڳڻ سبب واڍڙو زخمي ٿي پيو

زخمي محبوب چانڊيو کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، واقعي جي جاچ ڪيون پيا:پوليس

دادو(ڊ ر) دادو جي ڪچي واري علائقي ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿيو، جهيڙي دوران هڪ راڪيٽ لانچر لڳڻ سبب هڪ واڍڙو زخمي ٿي پيو، ڪچي جي ڳوٺ دانو چانڊيو ۾ پراڻي تڪرار تان ٻئي ڌريون اڪبر چانڊيو ۽ خان چانڊيو مورچا بند ٿي ويا مبينا طور راڪيٽ لانچر ۾ زخمي ٿيل نوجوان کي دادو جي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جي ايمرجنسي شعبي ۾ علاج لاءِ آندو ويو جتي زخمي جي سڃاڻپ محبوب پٽ سجن چانڊيو طور ٿي، ٻئي طرف جهلو پوليس رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته واقعي جي جاچ ڪيون پيا چانڊيا برداري جي ٻنهي ڌرين ۾ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف سنڌ جو درگاهه سرور نوح ۽ درگاهه ڀٽائي جو دورو

زائرين جي رهائش، ڪاڌي پيتي، صفائي ۽ سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو

سنڌ بزرگن جي ڌرتي آهي، زائرين جي خدمت اسان جو فرض آهي: مختيار علي ابڙو

درگاهه ڀٽائي ۾ لطيف جو راڳ ٻڌي مهمانن کي سنڌ جي ثقافتي تحفا پيش ڪيا ويا

ڀٽ شاهه/هالا (نمائندن وڪان) چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف سنڌ پاران درگاهه حضرت غوث الحق مخدوم سرور نوح ۽ درگاهه حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو دورو ڪيو ويو چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف مختيار علي ابڙو ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ اوقاف کاتي جي ڊي او زبير ڪٽير ڊويزنل ايڊمنسٽريٽر اوقاف شاهنواز درس ليکڪ ۽ دانشور شوڪت اڄڻ پروفيسر ڊاڪٽر شير مهراڻي فقير شير محمد حاجن نظاماڻي سان گڏ درگاهن تي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: بهبود آبادي کاتي پاران ميلي جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو آدم ۾ پاپوليشن ويلفيئر کاتي جو مفت خانداني صحت ميلو ڪئمپ منعقد

اسسٽنٽ ڪمشنر حنين طارق شاهاڻي ۽ ضلعي آفيسر شهاب الدين ميمڻ افتتاح ڪيو

وڌندڙ آبادي سنگين مسئلو آهي حڪومت جي پاليسي موجب هر ممڪن قدم کنيو ويندو: اي سي

ٽنڊوآدم (ن ع) آبادي جي پلاننگ واري کاتي سانگهڙ پاران آر ايڇ ايس اي ٽنڊو آدم ۾ هڪ ڏينهن وارو مفت خانداني صحت ميلو ڪيمپ لڳايو ويو ڪيمپ جو افتتاح اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو آدم حنين طارق شاهاڻي ۽ ضلعي پاپوليشن ويلفيئر آفيسر شهاب الدين ميمڻ ڪيو صحت ميلو ڪيمپ ۾ برج ڪنسلٽنٽ ضلعو سانگهڙ جي مينيجر علي شير ڏاهري، ورمين ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر نسيم ملاح PSI جو ضلعي مينيجر زهيب حسن، بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

رمضان ڪوسو جي پوليس گردي ۾ قتل تي شديد مذمت ڪيون ٿا: ارباب انور جبار

نوجوان جي قتل وارو واقعو انسانيت ۽ ٿرپارڪر جي عوام لاءِ ڏڪائيندڙ آهي

پوليس جي ظلم ۽ ڏاڍ سيل جي دهشت خلاف عوام ۽ ميڊيا جي دٻاءُ سبب ڪيس داخل ٿيو

ملي (ڊ ر) جي ڊي اي جي اڳواڻ ارباب انور جبار ڊيپلو ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسان مقتول نوجوان رمضان ڪوسو جي پوليس گردي ۾ قتل واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا ۽ هي واقعو انسانيت توڙي ٿرپارڪر جي عوام لاءِ وڏو واقعو آهي ٿرپارڪر ۾ اهڙو واقعو پوليس گوليون هڪ نوجوان سري عام هڻي ماري ڇڏيو آهي هي ظلم جي انتها ٿي ويئي آهي پوليس خون لوڙڻ جي ڪوشش ڪري رهي ۾ عوامي ۽ ميڊيا سوشل بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: ڦرجي الزام ۾ ست سال ڪپ آيل جوابدار

اسڪور تان 70 لک ڦرڻ جا جوابدار گرفتار ڪري جيل موڪليا آهن: ايس ايس پي

ضلعي شهيد بينظيرآباد ۾ واقعو پيش آيو جيڪو مهيني اندر حل ڪيو ويو

70مان 45 لک برآمد ڪيا، مالڪ حوالي ڪيا آهن. ڪجهه جوابدار روپوش آهن

سڪرنڊ (س ر) ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد ۾ سهيل انور شيخ جي اسڪور تان 70 لک ڦر ٿيا جنهن کان پوءِ ايس ايس پي شبير احمد سيٺار سخت نوٽيس وٺڻ بعد هڪ ٽيم جوڙي جنهن ۾ ٽيم انچارج ڊي ايس پي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪپرو جي اسڪول ۾ ماسٽر مقرر نه ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن جو ڌهل وڄائي احتجاج

ڳوٺ حمزو خان درس جي پرائمري اسڪول ۾ ڪيترن ئي عرصي کان ماسٽر مقرر نه ٿيو

اسڪول بند هجڻ ڪري علائقي جا ٻار تعليم جي زيور کان محروم آهن: مظاهرين

ڪپرو (ت ر) ڪپرو جي اسڪول ۾ ماسٽر مقرر نه ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن جو ڌهل وڄائي تعلقي ايجوڪيشن آفيسر جي آفيس آڏو احتجاج، رپورٽ موجب ڪپرو لڳ ڳوٺ حمزو خان درس جي پرائمري اسڪول ۾ ڪيترن ئي عرصي کان ماسٽر مقرر نه ٿيڻ ۽ اسڪول بند هجڻ خلاف ڳوٺاڻن حليم بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ ڊي جي سيپا وقار ڦلپوٽو جي صدارت هيٺ پرسنل هيئرنگ سيشن منعقد

سيپا پاران سرن جي ڀٽن خلاف سخت ايڪشن ، آلودگي ڪندڙ مواد فوراً بند ڪرڻ جو حڪم

غير معياري مواد استعمال ڪرڻ تي ڀٽن جي مالڪن کي وارننگ، زگ زيگ ٽيڪنالاجي تي منتقلي جي هدايت

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) سنڌ انوائرمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي (سيپا) ريجنل آفيس حيدرآباد ۾ صوبائي صلاحڪار براءِ ماحوليات، موسمياتي تبديلي ۽ ڪوسٽل ڊولپمينٽ دوست محمد راهمون ۽ سيڪريٽري ماحوليات زبير احمد چنه جي هدايت تي سرن جي ڀٽن جي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٺاٽوبولاخان: اسسٽنٽ ڪمشنر اگهه معلوم ڪري رهيو آهي

فيض گنج لڳ نوجوان جو زميندار جي بنگلي مان گوليون لڳل لاش هٿ

ڳوٺ عثمان ملو ۾ وڏيري ظهير راڄپر جي بنگلي مان پورهيت نويد راڄپر جو گولي لڳل لاش هٿ آيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي وارثن حوالي، گهر ۾ ڪهرام

اسان جي ڪنهن سان دشمني ناهي منهنجي پٽ کي قتل ڪري ظلم ڪيو ويو آهي: پيءُ

فيض گنج (ن ع) ڪوٽ لالو ٿاڻي جي حد ڳوٺ عثمان ملو ۾ وڏيري جي بنگلي مان پورهيت جو گولي لڳل لاش مليو اطلاع تي ڪوٽ لالو پوليس پهچي لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ڪوٽ لالو بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

راضيديرو: روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل واقعي واري هنڌ تي پيل آهن

راضيديرو پرسان ٻن ٽرالرن ۾ آمهون سامهون ٽڪر، پنج ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

راضيديرو (ن ع) راضيديرو پرسان خيرپور لاڙڪاڻو بائي پاس نظامر جي لاهي وٽ ٻن ٽرالرن ۾ آمهون سامهون ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ پنجن کان وڌيڪ ٽرالر سوار زخمي ٿي پيا آهن، لاڏيون ٿاڻي جي پوليس رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته زخمين جو تعلق پنجاب ۽ سنڌ جي مختلف شهرن سان آهي ، جن جي سڃاڻپ مظهر پٽ بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو غلام علي محمد نوجوان گهران ڪاوڙجي ڦاهو کائي ڇڏيو

ڪراچي وڃڻ جي اجازت نه ملڻ تي ساگر گجراتي ڦاهو کائي زندگي جو انت آندو

ٽنڊوغلام علي (ن ع) ٽنڊوغلام علي شهر جي وارڊ نمبر 5 جو رهواسي نوجوان 20 ساله ساگر گجراتي گهر اندر ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي وارثن ڪٺي سرڪاري اسپتال پهچايو جتي ڊاڪٽرن فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي اطلاع تي پوليس پهچي وئي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو رابطو ڪرڻ تي وارثن ٻڌايو ته فوتي نوجوان ڪافي ڏينهن کان ڪراچي ڪمائڻ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

محرابپور ۾ ٽوناري قبرستان پرسان نوجوان جو لاش هٿ

محرابپور ۾ ٽوناري قبرستان پرسان پرنسپال جو لاش هٿ

نيو ٽائون واسي محمد شاهد اقبال جو قبرستان مان لاش هٿ آيو

فوتي جي ڪنهن سان دشمني ناهي، وڌيڪ پوليس جاچ ڪري رهي آهي: ظفراقبال

محرابپور (ت ر) محرابپور ۾ ٽوناري قبرستان پرسان نوجوان جو لاش هٿ جنهن جي سڃاڻپ محرابپور جي نيو ٽائون واسي نجي اسڪول جي پرنسپال 38 ورهين جو محمد شاهد اقبال ولد جاويد اقبال آرائين طور تي ٿي ٻڌايو پيو وڃي ته نوجوان قبرستان دعا گهرڻ لاءِ آيل هو اطلاع تي فوتي جا وارث علائقي واسي شهري ۽ محرابپور پوليس واقعي واري هنڌ تي پهچي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ماٿيلي ويجهو پيرسن عورت جو زرعي زمين تي قبضي خلاف احتجاج

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ويجهو ڳوٺ ريحان لنڊ جي رهواسي پيرسن عورت جو زرعي زمين تي قبضي خلاف احتجاج انصاف جو مطالبو تفصيل موجب ميرپورماٿيلو ويجهو ڳوٺ ريحان لنڊ جي رهواسي مسمات سرداران لنڊ، مسمات ٻيبل لنڊ، صاحب لنڊ ميرپورماٿيلو پهچي ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته جوابدار عبدالمجيد لنڊ،گلاب، مختيار، غلام فريد لنڊ بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

مخدوم ابوالحسن هاءِ اسڪول مڪلي ۾ ٻارڙن جي ڏينهن تي تقريري مقابلا

نائين درجي جي شاگرد عنيد چانڊيو اردو تقريري مقابلي ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي

غلام □ (رپورٽ: حسن ڊولو) گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مخدوم ابوالحسن ٺٽوي مڪلي جي ٻارڙن □ عالمي ڏينهن جي حوالي سان منعقد ڪيل تقريري مقابلن ۾ نمايان پوزيشنون حاصل ڪيون انهن مقابلن ۾ هاءِ اسڪول مڪلي جي نائين درجي جي شاگرد عنيد چانڊيو پنهنجي پراعتماد ۽ بهترين انداز سان اردو تقريري مقابلي ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي جڏهن ته ساڳي اسڪول جي اٺين درجي جي شاگرد سروپج مارو خشڪ پنهنجي پرجوش انداز ۽ بهترين لفظن جي چونڊ سان سنڌي تقريري مقابلي ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ ٽرالر هيٺان اچڻ سبب ڪلينر چيڀاٽجي فوت، گهر ۾ ڪهرام

اينگرو موڙ وٽ محمد امجد ٽرالر پوئتي ڪرائيندي پير ترڪڻ سبب مٿان ٽرالر چڙهي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ ٿر ڪول روڊ تي اينگرو موڙ وٽ حادثو پيش آيو جي ٽرالر پوئتي ريورس ڪرائيندي گاڏي جو ڪلينر 19 ورهين جو نوجوان محمد امجد ولد خالد حسين پنجابي ڦٽي تي فوت ٿي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

چڪ: فوت ٿيل ٻن ڄڻن جا لاش اسپتال ۾ پيل آهن

خانپورمهر ۾ انٽر اسڪول ڪرڪيٽ ٽورناميٽ، بوائز هائي اسڪول خانپورمهر چيمپيئن قرار

بوائز هائي اسڪول 7.5 اوورن ۾ هدف پورو ڪري 3 وڪيٽن تان شاندار فتح حاصل ڪئي

اسپورٽس منسٽر سردار محمد بخش مهر ۽ پرنسپال پاران رانديگرن جي اعليٰ ڪارڪردگي جي ساراهه

خانپورمهر (ن ع) سرهاڻ پبلڪ اسڪول خانپورمهر ۽ گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول خانگڙهه جي وچ ۾ انٽر اسڪول ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ 2025 جو فائنل ميچ وڏي جوش ۽ جذبي سان کيڏيو ويو سرهاڻ پبلڪ اسڪول خانپورمهر ٽاس کٽي پهريان بيٽنگ جو فيصلو ڪيو ۽ 8 اوورن ۾ 91 رنسن جو مقابلي لائق هدف مقرر ڪيو ميچ جو پورو رخ آخري اوور تائين دلچسپ رهيو جتي بوائز ايليمينٽري اسڪول خانگڙهه جي ٽيم غيرمعمولي اعتماد، بهتر حڪمت بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر : صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر ٽيمن کي ٽرافيون ڏئي رهيو آهي

مٽياري: مرحوم مخدوم امين فهيم جي ڏهين ورسي تي ضلعي ۾ جمعي جي ڏينهن عام موڪل جو اعلان

مٽياري (ڊ ر) اڄ ضلعي مٽياري ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو آهي، ڊپٽي ڪمشنر / ڪليڪٽر مٽياري محمد يوسف شيخ پاران هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته مخدوم امين فهيم جي 10 ورسيءَ جي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ سنڌ حڪومت طرفان آبادگارن کي هاري ڪارڊ ڏيڻ واري پروگرام جي افتتاحي تقريب

هن پروگرام سان آبادگارن کي وڏو فائدو ٿيندو هن سان سنڌ ۾ ڪڻڪ جي پيداوار ۾ واڌارو ٿيندو:امداد پتافي

سموري ضلعي جي 8 هزار 3 سئو رجسٽرڊ آبادگارن کي هاري ڪارڊ ڏنا ويندا جيڪي انهي مان فائدو حاصل ڪندا

ٽنڊوالهيار ۾ 30 هزار گهر ٺهي پيا جن مان 5 هزار ماڻهن کي مالڪاڻا حق ملي چڪا آهن ۽ ٻيا گهر تعميراتي مراحل ۾ آهن

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ سنڌ حڪومت طرفان آبادگارن کي هاري ڪارڊ ڏيڻ واري پروگرام جي افتتاحي تقريب پيپلز سيڪريٽريٽ پتافي هائوس تي ڪوٺائي وئي جنهن جو افتتاح اڳوڻي صوبائي وزير بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ وڪيل آمهون سامهون، ديوار ٽوڙڻ تي ڇڪتاڻ

بنگلي جي گيٽ کي قبضو قرار ڏئي ٽوڙڻ جي ڪوشش، وڪيل برادري جو احتجاج

اسٽي آرڊر ڏيکارڻ جي باوجود اسسٽنٽ ڪمشنر ديوار ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي: اريس پتافي

ميرپور ماٿيلو (ن ع) اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ماٿيلو پوليس ساڻ ڪري ميرپور ماٿيلو بار جي جنرل سيڪريٽري اريس پتافي جي بنگلي جي ديوار قبضو ڄاڻائي مسمار ڪرڻ لاءِ هٿوڙا کڻي پهچي ويو وڪيل برادري جو احتجاج اسسٽنٽ ڪمشنر سون کي هٿوڙا هڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جڳهه تي اسٽي ٽڪيل آهي اريس پتافي تفصيل موجب اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ماٿيلو رانا حسيب گذريل ڏينهن پوليس اهلڪار ساڻ ڪري ميرپور ماٿيلو بار بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

قلجي: پيرسن محمد اسماعيل ڏاوچ جو زرعي زمين تي مبينا قبضي خلاف احتجاج

قلجي اسٽيشن (ن ع) قلجي اسٽيشن جي ڳوٺ شير محمد ڏاوچ جي رهواسي پيرسن محمد اسماعيل ڏاوچ جي زرعي زمين تي ڳوٺ جي بااثر ماڻهن پاران قبضو ڪرڻ خلاف پريس ڪلب تي پهچي ڏاهيندي چيو بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

راٺي پور لڳ وين جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، عورت ۽ ٻارڙو زخمي

قومي شاهراهه تي سم نالي مومن مهر چونڪي سامهون اسڪول وين جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿيو

حادثي جي نتيجي ۾ رمضان سهتو ٿڏي تي فوت، جڏهن مسمات ليلا ۽ نينگر زخمي ٿي پيا

لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي، گهر ۾ ڪهرام

راٺي پور(ن ع) راٺي پور جي ڀرپاسي قومي شاهراهه تي سم نالي مومن مهر چونڪي سامهون اسڪولي وين جو موٽر سائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار ملڪو واهڻ واسي 35 بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

JAMSHORO POWER COMPANY LIMITED

NOTICE TO INVITE PROPOSAL / BID
REQUEST FOR PROPOSAL THROUHG NATIONAL COMPETAITIVE BIDDING
SINGLE STAGE ONE ENVELOPE PROCEUDRE WITH QUALITY COST BASED SELECTION
RFP No. 03/HR/ Head Hunting / JPCL/2025

1	Scope	Hiring of HR Head Hunting Firm for Recruitment and Selection of various Positions for Jamshoro Power Company Limited (JPCL) Jamshoro.
2	Eligibility of Proposers/ Bidders	i) Registered with Security Exchange Commission of Pakistan ii) Registered in FBR iii) Registered in Sindh Revenue Board.
3	RFP /Bidding Procedure	RFP/Bidding shall be conducted on Single Stage One Envelope Procedure as per PPRA Rules. The evaluation will be carried out with Quality and Cost Based Selection to select as **"Most Advantageous Proposer"**
4	Submission	Electronic Submission through EPAD
5	Closing Date & Time of submission of proposal/Bid	08.12.2025 On or Before 11.00 hrs.
6	Date and Time of Opening	08 .12.2025 at 11.30 hrs.
7	FPR /Bid Document can be had from	The document can be downloaded from PPRA Website through EPADs
8	Proposal / Bid Security	Rs. 50,000/ in shape of Pay Order Or CDR.
9	Proposal Validity	90 Days after opening of the Proposal
10	Right of Rejection	JPCL reserve the right to cancel / reject all the bids at any time before award of contract under the provisions of Rule-33 of Public Procurement Rules-2004
11	Contact Details	For any query please contact the officer address given below; Pone-022-9213710

Chief HR & Admn.
Jamshoro Power Company Limited
Mohra Jabal Dadu Road Jamshoro

PID (I) No.4246/25

INVITATION TO E-BID

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through **SAP-Ariba Discovery** for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

S #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-LH-PT-PNP-MELA-303757257-2025	PROCUREMENT OF STARTING MOTORS	09.12.2025 AT 1130 Hrs
2.	OGDCL-SCM-LE-CB-DS-303140859-2025	PROCUREMENT OF SOLAR SYSTEM	11.12.2025 AT 1130 Hrs
3.	OGDCL-SCM-LH-PT-EXPL-I9-302958726-2025	PROCUREMENT OF HIGH PRESSURE FLEXIBLE HOSE PIPE	11.12.2025 AT 1130 Hrs
4.	OGDCL-SCM-LH-PT-SYS-I9-303693421-2025	PROCUREMENT OF LAPTOPS	12.12.2025 AT 1130 Hrs
5.	OGDCL-SCM-FB-CB-DRLG-D-303137993-25	PROCUREMENT OF CASING	22.12.2025 AT 1100 Hrs
6.	OGDCL-FB-CB-PROD-302369137-2025	PROCUREMENT OF CEMENTING & CIRCULATING HOSES	22.12.2025 AT 1100 Hrs

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
3. Tender Notice/ detailed instructions are available on Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) website at **www.ppra.org.pk**.
4. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
5. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue,
Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Tel: +92 (51) 920023540/3795

ogdcl.com — ogdc the energy

No.300/30

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.